مئخاني جي ماڳ تي

(شاعري)

صوفي فقير مظفر علي مهيسر رح

سهيڙيندڙ:

ڊاڪٽر خادم ڏهوٽ "خالق"

HAMA UST
همہ اوست

مئخاني جي ماڳ تي (شاعري)
ڪلام
صوفي فقير مظفر علي مهيسر رح
سهيڙيندڙ:
ڊاڪٽر خادم ڏهوٽ "خالق"
HAMA UST
همہ اوست

مئخاني جي ماڳ تي

(شاعري)

شاعر:

فقير مظفر علي مهيسر رح

سهيڙيندڙ:

ڊاڪٽر خادم ڏهوٽ ”خالق“

HAMA UST
همه اوست

اي 3، ٽئين منزل، سِوِڪ سينٽر، خيرپور -66020، سنڌ، پاڪستان

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب: مئخاني جي ماڳ تي
موضوع: شاعري
شاعر: فقير مظفر علي مهيسر رح
سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر خادم ڏهوٽ ”خالق“
ڪمپوزنگ ، لي آئوٽ
۽ ٽائيٽل ڊزائن: راحيل بڙدي
ڇاپو پهريون: جولاءِ 2025ع
تعداد: هڪ هزار (1000)
ڇپائيندڙ: هم اوست
ڇپيندڙ: عزيز پرنٽرز، ڪراچي.
قيمت: 1,000 روپيا

Maikhane Je Maagg Ty
[Poetry]

Poet: **Faqeer Muzafar Ali Mahesar**
Compiled by: **Dr. Khadim Dahot “Khaliq”**
Composing, Layout
& Title Design: Raheel Burdi
1st Edition: July 2025
Quantity: 1000
Publisher: Hama Ust
Printer: Aziz Printers, Karachi.
Price: Rs. 1,000

ISBN 978-969–23964-1-6
9 789692 396416

صوفي مظفر قادري
تصوف، شاعري، ۽ وجداني موسيقيءَ جو روشن مينار

صوفي مظفر قادري سنڌ جي انهن عظيم روحاني شخصيتن مان هڪ آهن، جن پنهنجي حياتيءَ کي عشقِ الٰهي، فنِ موسيقي ۽ فڪرِ تصوف سان جوڙي، پنهنجي وجود کي هڪ اهڙي درگاهه بڻايو، جتي روح کي سڪون ۽ دل کي قرار ملي ٿو. هو سال 1962 ۾ ضلعي خيرپور جي ڳوٺ رفيق مهيسر ۾ حافظ غلام علي بن محمد وارث مهيسر جي گهر ۾ پيدا ٿيا. سندن والد پرائمري اسڪول جو استاد هيو ۽ خيرپور ۾ پير جو ڳوٺ جي درگاهه پير پاڳاري جو مريد هو.مظفرفقير ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۽ پوءِ گورنمينٽ ممتاز ڪاليج خيرپور مان مڪمل ڪيائون.

سندس زندگيءَ جو سفر دنياوي تعليم کان وٺي روحاني سڪون تائين هڪ اهڙي راهه هئي، جتي عقل خاموش ٿي وڃي ٿو ۽ دل محبوب جي عشق ۾ ڳالهيون ڪري ٿي. پاڻ ننڍپڻ کان ئي موسيقي ۽ وجداني ڪلام جو شوق رکندڙ مظفر فقير، سماجي روين، گهر جي مخالفت، ۽ زماني جي تنقيدن جي پرواهه نه ڪندي پنهنجي راهه اختيار ڪئي، جيڪا درويشي، بي نيازي، ۽ وحدت الوجود جي راهه هئي. هو موسيقيءَ کي فقط فن نه، پر روح جي عبادت سمجهي، پنهنجي آواز سان صوفيانه شاعريءَ کي جيئاريو. سندن پيءُ جي مخالفت جي باوجود هن موسيقيءَ، ناچ، ۽ وجد کي پنهنجي عشق جي اظهار طور قبوليو ۽ پوءِ درگاهن جي فضا ۾، دنبوريءَ جي ڌنن تي، محبوب جي نالي سان سُر لڳائيندو رهيو. سندن پيءُ کي موسيقي ۽ صوفي

گيت ناپسند هئا، نتيجي ۾ سندن پيءُ کين چيو تہ ”جيستائين تون موسيقي ۽ ناچ نہ ڇڏين، تيستائين گهر نہ اچجانءِ“.حافظ احمد مهيسر، مظفر فقير جو پڙ ڏاڏو هو. مظفر فقير درگاهہ امباهہ شريف، لکي جي سجاده نشين سيد بگن شاهہ جيلانيءَ جو مريد ٿيو ۽ دست بعيت ڪيائين. سيد بگن شاهہ ولد داتا ولايت شاهہ جيلاني (ولايت علي شاهہ جيلاني) (1911_1982ع) امباهہ شريف لکي، شڪارپور جا آهن. فقير مظفر سائين پنهنجي مرشد جي خدمت ڪئي ۽ خرقہ خلافت حاصل ڪيائين. مظفر فقير سنڌي، اردو ۽ سرائڪي زبان جو صوفي شاعر آهي، سندس اڻ ڇپيل ڪم موجوده سجاده نشين وٽ محفوظ آهي. فقير مظفر سائين پنهنجو قلمي نالو ”مظفر“ استعمال ڪيو اٿائون. هو هڪ سنو موسيقار ۽ ڳائڻو پڻ هيو. فقير مظفر سائين وحدت الوجود ۽ همہ اوست جي تصورن جو پابند ۽ مبلغ هو، جيڪي سندس شاعريءَ جا موضوع آهن. مظفر فقير جي شاعريءَ جو مرڪزي محور ”وحدت الوجود“ ۽ ”همہ اوست“ جا تصور آهن. هو اهو درويش هو، جيڪو لفظن ۾ جهان سمايل رکندو هو. سندس شاعري صرف پڙهڻ لاءِ نہ، پر اورائڻ، ڳائڻ، ۽ محسوس ڪرڻ لاءِ آهي. موسيقيءَ سان سندس ناتو صرف ساز ۽ آواز تائين محدود نہ هو، بلڪ اها وجد جي اهڙي ڪيفيت هئي، جنهن ۾ هو پاڻ لڃائيندو هو، ۽ ٻيا لڃائيندو هو.

پاڻ متقي درويش ۽ صوفي بزرگ آهن. کين ننڍپڻ کان ئي موسيقيءَ جو شوق هو ۽ صوفياڻي گيت ڳائڻ جو شوق هو. مظفر فقير جا ٻہ شاگرد هئا. هڪ مظفر علي ٻيسر (سندن پٽ) ۽ ٻيو ٻيبي مراد خاتون مهيسر، ڪمال ديرو،، گمبٽ. هوءَ هڪ درويش (فقيرياڻي) هئي، فقير مظفر سائين وٽ اڪثر ايندي هئي. سندس همعصر ۽ صحبتن ۾ شامل هئا . محي الدين اعجاز شاهہ راشدي (1929ع _1998ع) سعيدآباد، مٽياري، فولاد فقير شر (عبدالحق قادري) (1867ع _ 1967ع) نري ميرواهہ، علي محمد فقير ٽالپر (1907_ 1979ع) ٽالپر وڏا، ڪرم ٽالپر (فقير قادر بخش ”ڪرم“ قادري (وفات 1938ع) ٽالپر وڏا، محمد پريل پتي (فقير محمد پريل قادري) (1930 _ 2020ع) سڳيون ۽ غلام رسول ڏيٿو (فقير غلام رسول علاب، سروري قادري (1930_1984) درگاهہ لونگ فقير، ،خيرپور.

مظفر فقير 17 نومبر 2017ع تي پنهنجي محبوب سان گڏ وڃڻ لاءِ روانو ٿيو، کين ڳوٺ رفيق مهيسر، تعلقه ڪنگري ضلعي خيرپور ۾ دفن ڪيو ويو. فقير مظفر سائين کي ٻن پٽن جو اولاد هئو. جن ۾ هڪ جو نالو ظفر علي مهيسر ۽ ٻئي جو نالو معظم علي آهي. سندن فرزند ظفر علي سجاده نشين ٿيو، جيڪو پڻ سنو صوفي شاعر آهي، پنهنجي لاءِ قلمي نالو ”بيسر“ استعمال ڪيو اٿن.

صوفي مظفر قادريءَ جو ساليانو عرس قمري ڪئلينڊر جي هر صفر جي 29 تاريخ تي ملهايو ويندو آهي

ڊاڪٽر خادم ڏهوٽ ”خالق“

سلسلہ صوفي القادري، الاويسي، الا

مولويا، الصديقيا.

فقير مظفر سائينءَ جي صوفي شاعريءَ ۾
عشق، وحدت ۽ انسانيت جو پيغام

فقير مظفر سائين سنڌ جو بيباڪ فقير صوفي شاعر سنڌ ڌرتي الله وارن فقيرن بزرگن صوفين جي ڌرتي آهي. جتي سچل سرمست شاهه سائين بيدل سائين داتا فيض درياهه سائين جهڙن سرمست فقيرن پيار پريت محبت امن هيڪڙائيءَ جو پيغام ڏنو آهي انهن منجهان فقير مظفر جن بهه صف اول نظر اچن ٿا . جن عالم انسانيت کي محبت جو درس ڏنو آهي . سنڌ ڌرتي اهڙن سرمست عاشقن سان سرشار نظر اچي ٿي جن پنهنجي پيغام جي ذريعي انسان ذات کي محبت امن پاڻ سڃاڻڻ هيڪڙائيءَ واري ڳالهه تي ڌيان ڇڪايو آهي .

مونکي نهايت بيحد خوشي محسوس ٿئي پئي منهنجي مرشد پاڪ ۽ والد فقير مظفر سائين جن جو پهريون رسالو "مئخاني جي ماڳ تي " آشڪار ٿيو آهي

فقير مظفر سائين جن بہ سنڌ جا سرمست فقير آهن جن جي رندانہ ڪلام ۾ الاهي عشق جو رنگ واضع نظر اچي ٿو سندن جو سمورو ڪلام همہ اوست جي نشاندهي ڪري ٿو .

پاڻ سنڌي سرائڪي اردو ريختي ۾ پڻ ڪلام چيو اٿن . سندن ڪلام ۾ واضع طور پاڻ سڃاڻڻ جي تلقين نظر اچي ٿي . فقير سائين جن جو ڪلام نهايت آسان ۽ سڌو آهي اها خصوصيت ڪيس اجان وڌيڪ آساني ڪري ٿي . ٻي هڪ ڳالهه آءَ واضع ڪيان تہ مڪمل ڪلام روپن جي صورت ۾ موجود آهي . ڪا ڪافي بغير روپ جي نہ آهي مخلتف راڳڻين ۾ لکيل آهن . جن ۾ سنڌ جون قديم ديسي راڳڻيون صف اول آهن . جن ۾ جهنگلو بروو ڪوهياري لوڙائو سورٺ ۽ وڌيڪ بين وڏن راڳن تي پڻ مشتمل نظر اچي ٿو . ۽ وري جيڪڏهن سندن جي شعرن تي نظر وجهبي تہ ڪافي سر

ملن ٿا . جن ۾ راڳو سسئي مارئي سورٺ ڪاموڏ رامڪلي پوربي وغيره ڪافي سارن سر تي مشتمل نظر اچي ٿو . پاڻ ڪافي گهٽي قدر لکي اٿئائون جيڪا پنهنجي فني ۽ فڪري حوالي سان الڳ حيثيت رکي ٿي . ڪلام ۾ تصوف جي مشڪل ترين مضوعن کي سادي نموني سمجهايو ويو آهي جنهن ۾ روحاني رمزون ۽ عشق الاهي جا ماڻ ڀريل آهن فقير مظفر سائين جن جو پيغام امن پائيچاري پاڻ سجاڻڻ هيڪڙائي جو پيغام آهي . سندن جو ڪلام حلاجي حال تي آهي همہ اوست وحدت الوجود جي راهہ گامزن آهن پاڻ فرمائن ٿا:

انالحق آواز منهنجو موج مان منصور مان
ڪيئن ڏيکاريم ڪوهہ تي موسي کي تجلو نور مان
مظفر مئخاني ماڳ تي هردم آهيان حضور مان
اهڙا رندانہ خيال هر شعر ڪلام سان لبريز آهن

فقير سائين جن جي ڪلام تي تحقيق ٿيڻ کپي تہ جيئن ان مان لاڀ حاصل ڪري سگهجي تہ جيئن تصوف تي تحقيق ڪندڙن کي آساني ٿي .

تمام بيحد شڪر گذار آهيان ڇپائيندڙ همہ اوست پبلشر ۽ انهن جي ٽيم خصوصن سائين صوفي خادم حسين "خالق" جن جو جن هي ڪلام کي ڇپائي فقر جي هٿن تائين پهچايو

فقير معظم علي مهيسر

فقير ظفر علي مهيسر " بيسر "

* 1 *

سالڪُ سوري ساز وري آيو ويجهڙو،
تندن جي تنوار ۾ رڪيل آهي راز،
وٺي سوز گُداز، مظفر سر ڏي مگٽهار ڪي

* 2 *

سر وٺ سرهو ٿي موٽ مَ مگٽهار
ٻولي ٻاجهاري ڪئي تندن جي تنوار،
مظفر انهيءَ مهل هيءَ ٻيجل ڪئي ٻاڪار،
ڪپي ڏي ڪاپار، ته موٽي وڃي مگٽو

* 3 *

سالڪ ڪرايو ساز ڪي جهاڻ جو جنسار،
ڪٽي ڪرت ڪلهي تي آيو مگٽهار،
تنهنجي تندن جي تنوار، مظفر مون مستان ڪيو

* 4 *

موٽ مَ مگٽهار جو گهرٽو اٿئي گهرُ،
حاضر منهنجو هيءُ آ سسيءَ سوڌو سِرُ،
الاهي امر، مظفر مون منظور آ

* 5 *

الله جي اسم جو وٺي آيس نانءُ،
مَهُتُ لهي موٽي وڃان ڏاتر ڏي ڪو ڏانءُ،
اچي تڏهن آءُ صدا هنئين سر جي

* 6 *

صدا هنيم سر جي موٽي ڏي تون مان،
گز هٽي گرنار ۾ ڦهري هنيءَ ڪان،
مظفر هڪڙو سان نه، سو سرهجن صدقو ڪيان.

*7 *

وري ساز وڄائيو ڪري سالڪ هيءُ صلاح ،
تنهنجي دولت ڏن جي ڪانهي مون پرواهه،
سرجو سوالي آهيان، وڏي ڏي تون واهه،
ٻيجل تنهنجي ٻوليءَ تان صدقي ساهه پساهه،
ڪارڻ رب الله، سر ڏنم صدقو ڪري

* 8 *

ڪعبي وجن ڪيئن جن ڪعبو ٿيو ڪول،
مظفر ويهي مئخان ۾ ٻولي وحدت ٻول،
ٻئي نہ ڪنهن هنڌ ڳول، اتئي ڪعبو تنهنجي قلب ۾

* 9 *

عشق هادي دامن وچ ميڏي ويکو سرت سنڀالا،
بيرنگي وچون رنگ وکيندا ڪرڪي ناز نرالا،
مظفر وچ مئخاني دي رکين وحدت خاص خيالا،

* 10 *

احد احمد کي ڪيو وچون جنين ڌار،
ميم مان معلوم ٿيو انهو هي اسرار،
مظفر انهيءَ مام کي ڪيو عاشق اظهار،
هُوخوديءَ ڪيا خوار، هِنن حق ڏٺو هر جاءِ تي

* 11 *

پهچ پير پلڪ ۾ جيلاني اچي جهٽ،
دفتر ۾ داخل ڪيو آ حسيني تنهنجي هٽ،
ڪلئي ڪشالا ڪَٽ، مظفر چئي مسڪين جا

* 12 *

میران شاھ مدد ٿي اچي نالائق نواز،
غوث صمداني غور ڪر آ، رب جو توتي راز،
عشق جو امداد ڪري بخش برھ بياض،
فقر شاھ فياض، آيو مظفر جو مھندار ٿي

13

عاشق عيدان ڪن پي جام الستي،
نعرو ھنيائون نينھن جو موج وني مستي،
ونحن ويجھو وستي، مظفر تن مئخان ۾

* 14 *

انڌن ڪئون الله ڏسڻ ۾ ٿيو ڏور
ونحن اقرب ويجھڙو حاضر منجھ حضور
اکين وارن ايءُ ڏٺو، نٽين نظر نور
مظفر ٿيو مخمور حق موجود پسي جو جاءِ تي

* 15 *

پيھي پنھنجو پاڻ ۾ وجائج وجود،
خلق آلادم عليٰ صورت تنھن کي ڪر سجود،
ھر جاءِ حق موجود، مظفر پسي مستان ٿيو.

* 16 *

غير نہ پائئين ڪو ٻيو آدم سمجھ الله،
اولي عبديت جي ويساھ وجھ الله،
سو جھي ساھ پساھ، مظفر سيءِ معلوم ڪيو

* 17 *

جهاتي پائي جيءَ ۾ پنهنجو سجاتئون پاڻ،
موتو قبلل انت موتو مظفر جاتئون جاڻ،
آدم جي اهجاڻ، پاڻ ڪيائين پڌرو

* 18 *

جي مون ساعت هڪڙي دلبر ٿئي دور،
مظفر سري نہ مور، پسڻ بنان پرينءَ جي

* 19 *

سفر ساموندي هليا ماريو مون وجن،
چوڙي بيڙا سير ۾ لهرن مان لنگهن،
مظفر هن مسڪين کي تا پلپل پور پون،
تنين وڻجارن، منهنجو من مستان ڪيو

* 20 *

وجي وڻجارن ڪيا هلڻ جا سانگا،
وجهي رچ سمونڊ ۾ تار لنگهن تانگها،
جن پتڻ هي لانگها، سي لهريون ڪالهہ لنگهي ويا

* 21 *

عشق لڳا تان عيدان ٿيان لک بارڪران شڪرانا،
دين مذاهب دور ڪتوسي ڏتس رمز رندانا،
مظفر وچ مئخاني دي سانون مليا يار يگانا،

* 22 *

نشو نينهن جو آ تنهنجي شراب خاني،
نہ مسجد نہ مندر نکو آ بتخاني،
مليو ماهي مظفر اچي مون مئخاني

* 23 *

وحدت منجھ وکوڙجي ياکي ٿيا يکا،
کيائون قول اھڙا ٻِرَسان سي پَکا،
مظفر رھن مئخاني صوفي ٿي صفا،

* 24 *

عشق عجائب مين گھر آيا کيھيان باتيان بتاوندي ني،
ملان قاضي کر کر مسئلي ول ول واعظ سڻاوندي ني،
عاشق عين حقيقت والي ذاتي ذکر کماوندي ني،
مظفر ماڳ مئخاني دي وچ گيت اناالحق ڳاوندي ني،

* 25 *

عاشق اچن اڏيءَ تي مانجھي کين مڙن،
سوليءَ سندي سير تي چاھون چوٽ چڙھن،
اناالحق پڙھن، مظفر کري مشاھدو

* 26 *

کنھن جي عبادت ٿو کرين تون پنھنجو آھين پاڻ،
خلق آل آدم اعليٰ صورت تنھن ۾ شک نہ آڻ،
پنھنجو پاڻ سجاڻ، مظفر کري مشاھدو

* 27 *

کن کان اڳي کاٿي ھو ذات انھيءَ جو نام،
مردن جو مقام، اجا پيي اڳي ھيو

* 28 *

پنھنجو ڏس تون پاڻ ۾ تہ تون آھين کير،
ونفخت فيہ من روحي سدا تنھنجو سير،
ٻيو کو ناھين غير، مظفر ٿيو مشاھدو

* 29 *

فقيرن فڪرِ اندر ۾ الله جو،
ڪمائن تا قلب ۾ ذاتيءَ جو ذڪر،
ساڳو سجاڻي سِرُ، تا مظفر ڪن مشاهدو

* 30 *

واهه عجائب چال فقيران ڪيهيان رمزان لاوندي جي،
بار ملامت برهه والا اپڻي سر پہ چاوندي جي،
مظفر وچ مئخاني دي گيت انا الحق ڳاوندي جي،

*31 *

هادي والي حال دي منڪر سڀ مريون،
موتو قبلل انت موتو عاشق ول ول جيون،
مظفر وچ مئخاني دي سر صدق ڪر ڏيون،

* 32 *

هادي والي حال دا جو ڪوئي واقف ٿيوي،
موتو قبلل انت موتو مرد مري ول جيوي،
مظفر وچ مئخاني دي، جام وحدت دا پيوي،

* 33 *

هاديءَ واري حال جا واقف رند رهن،
ويجهو وانگي ساهه ڪان وتي وار نہ تن،
سدا آهي صوفين، حق ڏنو هر جاءِ تي

* 34 *

حق ڏنائون هر جاءِ تي ڏنائون ڪين ٻيو،
العشق ناريحرق رهبر تن ٿيو،
پوءِ چٽو تن چيو، آواز انا الحق جو

* 35 *

عاشق اُماڻي عرش تي خيال ڪٽي تون ڪر،
فذ ڪروني اذڪرڪم اها پاڙج پَرِ،
ونحن اقرب ويجهڙو آيو نور نظرِ،
وحدت جي وِڪ يرِ، مظفر اچ مئخان تي

* 36 *

ڪوني تي ڪانگ اچي وينو اڄ ورِي،
انئي پهر عجيب لئ آهي دل چري،
مظفر هن مسڪين کي ڏي خاصي خبر ڪري،
منهنجي ڪين سري، تنهنجي سري سپرين

* 37 *

سگهو ايندم سپرين آءُ سداتن ساريان،
يندا صدقي ساهه ڪيان سر قدمن تان واريان،
مظفر هن مسڪين جون اچي لاهيندا لوڪ مياران،
سال ساعت گهاريان، پسڻ بنان پرينءَ جي

*38 *

ڪانگل قريبن جون خبرون سڀ سڻاءِ،
مري هت مشتاق تو لالڻ تنهنجي لاءِ،
ٻولي سڀ ٻڌاءِ، مظفر چئي مسڪين کي

* 39 *

دل ڦري دوست مشتاق ڪيئي مستان،
مظفر چوي مسڪين کي تنهنجي حسن ڪير حيران،
ڦهري هٽي ڪانءُ، ڪيئي توڪيرري وڏا

* 40 *

كانگل اڄ ڪئي ٻولي ٻاجهاري،
سڻايئي ڪا سور جي سڌ سڄڻ ساري،
مظفر مون مسڪين کي ڏي دوڙا دلداري
تہ آهي عشق اوهان جي هيءَ دلبر آزاري،
هلي آ هڪواري، تہ عاشق جي لاءِ عيد ٿئي

* 41 *

قاصد قريبن ڏانهن کهي آيو ڪالهہ،
سڻايائين سڀ اچي عجيبن احوال،
اهي پلايون پال، ڪيائون مظفر هن مسڪين تي

* 42 *

ٻجهيون ٻالهيون يارجون ڪانگل اچي ڪر،
ڪٿي سنيهو سور جو وچ تون دوست دَر،
مظفر هن مسڪين جي وجي ڪٽجانءِ وَرِ،
تہ عاشق عشق اندر، قابو ڪيو تي قرب ۾

* 43 *

ڪانگل قريبن ڏانهن آندو پروانو پيغام،
مون ڏي محبوبن مڪا سوين لک سلامَ،
سڪي پيو سدائين مظفر هي مدام،
گولو تن غلام، اصل کان ئي آهيان

* 44 *

پنو جو پريت جو مون ڏي مڪائون ڪالهہ،
معلوم آهن مظفر جو سيئي تن کي حالَ،
سڪندي ٿيڙا سال، هوت بنان هتڙي

* 45 *

سگھورا ايندم سپرين موٽي منهنجي ماڳ،
پينر ڪلندو ڀاڳ، آئي تنهن عجيب جي

* 46 *

ڪين ڇڏيندو ڪينڪي ڏسي عيب هزار،
ٻرِ وٺ ٻگن شاهه جي ته ٻيڙا ٿيندءِ پار،
مظفر جو مهندار، هادي آهي هنباهه ۾

* 47 *

نالائق نوازيا بيشڪ ٻگن شاهه،
فياضي فقر تي ئر جي آهي نگاهه،
عاشقن ارواح، گڏيا پنهنجي گُرَ سان

* 48 *

گڏيا پنهنجي گُرَ سان جدا ڪيئن رهن،
پسي پيشاني پير جي تا ملي مبارڪون ڏين،
مظفر انهيءَ مهل تا عاشق عيدان ڪن،
طالب فيض وٺن، بيشڪ ٻگن شاهه ڪان

* 49 *

هادي سانون حرف پڑهايا غير سيوگم ٿيوسي،
چوڑڪي خيال خودي والا وچ ڀُڪي عشق دي پيوسي،
مظفر حق ۾ تڏان سڃاتا جڏان ٻگن شاهه مليوسي،

* 50 *

آدم جو پوش پائي اظهار پاڻ ٿيو،
بازي اها بنائي نروار پاڻ ٿيو،
مظفر سدا مئخاني مختيار پاڻ ٿيو،

* 51 *

هستي ڇڏي هوشيار ٿيا ڄاڻ مان پين ڄاڻ،
ونحن اقرب ويجهڙو سدا آهي ساڻ،

* 52 *

هستي ڇڏي هوشيار ٿيا نظر تين نور،
موسيٰ کي کوه طور، بيهوش مظفر بنائيو

* 53 *

هستي ڇڏي هوشيار ٿيا ڇڏي جسم جنجال،
تننين پنهنجا خيال، عرشن منجهه اڏائيا

* 54 *

هستي ڇڏي هوشيار ٿيا ورتائون سڌو راهه،
اکين ڏٺائون الله، مظفر پنهنجي من ۾

* 55 *

سيني منجهه سمائيو اڇي سنياسِين سيرُ،
ڪا پڙين ريءَ ڪير، مظفر ماڻي مام کي

* 56 *

جدا ٿي جسم کان ظاهر ڪيائون ذات،
مري ٿيا نہ مات، آهي جلوتن جو جڳ ۾

* 57 *

عاشق ٿئين تہ اڏيءَ اڇ نہ تہ عاشق ڪين سڏاءِ،
پرزا ڪري پاڻ کي باقي ڪين بچاءِ،
اناالحق الاءِ، تہ ويجهو ٿئين وصال کي

* 58 *

ويجھو ٿئين وصال کي تہ وٺ رهبر وارو راھ ،
اهي ڪڏهن ٿيندا ڪينڪي گاروڙي گمراھ،
مظفر چڪيائون محبت مان سوليءَ سندو ساءُ،
پائي پاڻ منجھہ نگاھ، صاف سجاتئون سرڪي

* 59 *

هن ڪئون جي ويا هي هو ٿيو تن جو،
قدم ڪا پڙين جا پري وجي پيا،
ساڃو سر ٿيا، مظفر پسي مشاهدو

* 60 *

پيھي پنهنجو پاڻ ۾ جان جو پاتائون جهات،
پنهنجو ئي سڀ پاڻ ٿيا ظاهر ڪري ذات،
مظفر مري ٿين نہ مات، هميشہ حيات سي

* 61 *

پيھي پسُ پاڻ ۾ تہ ساڃو آهين پاڻ،
آهين سر الاهي تون ڪنهن جي ڪدين ٿو ڪاڻ،
صورت صاف سڃاڻ، تہ مظفر ٿيئي مشاهدو

* 62 *

سگھئين ڪو نہ سڄي عمر عابد الله لهي،
صوفن سڄو سير ثابت ڪيو صحي،
مظفر مئخان رهي، تا اوري پسن الله کي

* 63 *

جوڳين جي جنسار من منهنجي کي موهيو،
ويا سناسي نڪري پئي هت پچار،
تنين جي پسڻ لاءِ مان حيلا ڪيم هزار،
لائي ويا لغار، مظفر منهنجي من ۾

* 64 *

ويا پورب پار ڏي رمي ورتائون راھ،
ھتئون جي ھلڻ جو چت رکيائون چاھ،
سامين جي سنگ کي ٿو ساري منھنجو ساھ،
ڪري بيک بناءُ، مظفر مون ماري ويا

* 65 *

رمندي رمندي رات جوڳي پھتا جوءِ،
انئي پھر انھن جي تن ۾ آھي تات،
ھيا جنھن جا ھيرڪا سائي ٿيا ذات،
جوڳي پائي جھات، مظفر منڍ ھٽي ويا

* 66 *

جادو لايو جن سي اڄ سنبري ھليا،
مظفر منھنجو مست ڪري مرليءَ سان ويا من،
وري شال اچن، جوڳي پنھنجي جوءِ تي

* 67 *

جوڳين ھن جھان مان لڌيو لاھوتين،
ڳوڙھا اڄ ڳلن تان ڪريو ھيٺ پونِ،
مظفر انھيءَ ملڪ جو پرو ڪو پين،
لاحد تا لڌن، اصل جاتئون آئيا

* 68 *

جيجل جوڳيئڙن جو آھي اندر ۾ ارمان،
ويا ويراڳي نڪري ڏئي سورن جو سامان،
چڏي تيرٿ تڪيا وڃي وسايائون ويران،
اوڏانھن ڪيائون اعلان، مظفر چڏي مڙھين کي

* 69 *

مرشد دي مئخاني وچ ڏتي ساقي سرڪ سوائي،
پيوڻ جام شراب دي موج مستي ول آئي،
اٿان اٿان اوئي ويکان هر جاءِ ميڏا ماهي،
مظفر مين مخمور ٿئي هان جا ساقي سرڪ پلائي،

* 70 *

ڪامل مرشد مليا سانون راهہ فقيري پاوندي هون،
مندر مستين ڪم نہ اساڏا صوفي صاف سڏاوندي هون،
مظفر وچ مئخاني دي اسان گيت اناالحق ڳاوندي هون،

* 71 *

دوئيءَ کي ڌڪو ڏئي پرين ٻر تون پئہ،
موتو قبلل انت موتو ڪونهي توکي ٻئہ،
آواز اناالحق چئہ، مظفر تون مئخان ۾

* 72 *

عاشق ٿيوين عشق انهين دا ذاتي اسم ڪماوين،
اڪ دن هادي سبق پڙهايا سارا غير پلاوين،
اها امانت عشق والي مئخاني وچ مظفر پاوين،

* 73 *

پيهي پنهنجو پاڻ ۾ پاتم جان نگاهہ،
خلق آلآدم عليٰ صورت آهي اصل الله،
ساري سڏ سماءُ، مظفر پئي مئخان ۾

* 74 *

پيهي ڏس تون پاڻ ۾ هي تان اصل ڪير،
آيو هلي اوڏهون صورت ڪرڻ سير،
ٻيو ڪو ناهي غير، مظفر ٿيو مشاهدو

* 75 *

اناالحق آواز منهنجو موج مان منصور مان،
ڪيئن ڏيکاريم ڪوهه طور تي موسيٰ کي تجلو نور مان،
مظفر مئخاني ماڳ تي هردم آهيان حضور مان،

* 76 *

نامين ڪنهن دا ڄايا نامين ڪنهن نپايا،
آڪي پيوانس اولي مين آوڻ داهي رايا،
ذات لڪا اپڻي اس آدم وچ مين آيا،
اتان نانءُ سڏايم مظفر اتان ڪيا ڏرايا،

* 77 *

جي مسجد ۾ موجود ٿيو تہ مڙهيءَ ۾ آڪير،
بيرنگ بحر عميق جو الٽو آهي پير،
صوفين اهو سير، مظفر ڪيو مئخان ۾

* 78 *

پيهي پنهنجو پاڻ ۾ غازي ٿيا گم،
خلق آلآدم عليٰ صورت ويتر ويو وهم،
کهڙو تن کي غم، جن مظفر ڏنو مئخان

* 79 *

ڪالهہ ويا ڪاپڙي وطن تي وري،
انهن جي ارمان ۾ دل انئي پهر چري،
مظفر آءُ مري، ويندس ويراڳن لئي

* 80 *

هٽي نعرو نينهن جو نانگا تي نروار،
سوليءَ سندي سير تي هلي آءُ هڪوار،
ڪري ڏڙ سِسِيءَ ڪان ڏار، مظفر ڪر مشاهدو

* 81 *

وحدت سنديءَ ويڙهه ۾ اچي ڪيم اثبات،
خلق آلادم عليٰ صورت برهه بتائي بات،
رندن جي رسمات، مظفر ٿيو مشاهدو

* 82 *

پيهي پنهنجو پاڻ ۾ غرق ٿي وڃ گم،
آهين تون اتم، مظفر ٿيو مشاهدو

* 83 *

پيهي پنهنجو پاڻ ۾ مخفي مام پروڙ،
ٻانهپ ٻولي ٻوڙ، مظفر ٿيو مشاهدو

* 84 *

جيجل جوڳيئڙن جو آهي اندر ۾ ارمان،
مظفر مون ماري ويا ڦهري هٽي ڪان،
هينئڙو ٿيو حيران، جوڳي جوءِ مٿي ويا

* 85 *

ولهيءَ ڪونهي وس آهي انهيءَ جو اختيار
هيئن چوان تہ هونئن ڪري آهي جوڙيندڙ جبار
سڀ سندس اختيار هُجَ نہ هلي هِن جي

* 86 *

جوڳين ڪي جهان ۾ اچي نہ آرام،
انئي پهر انهن جا هو هو هل هنگام،
موتوءَ سندي مام، مظفر ڪن مشاهدو

* 87 *

رهڻيءَ کهڻيءَ ريت جو فقيرن فهم،
مظفر مئخاني ۾ تا دائم مارن دم،
کهڙو تن کي غم، جن پيهي ڏنو پاڻ ۾

* 88 *

ڪالهه کهي ڪاپڙي وجي روءِ رسيا،
ساري سناسين کي ڳوڙها ڳل وسيا،
پَلوَ پاند پسيا، مظفر هن مسڪين جا

* 89 *

ڪالهه ڇڏي ويا ڪاپڙي ويراڳي وڻاڻ،
ساجهر سفر هليا پري ڪيائون پاڻ،
مظفر اج نه ساڻ، جوڳي جوءِ ڇڏي ويا

* 90 *

ساريم اڄ ساهه، مارون ملڪ ملير جا
سڻي سڏ الله، ته مظفر وڃا ملير ڏي

* 91 *

ڪريان پئي ياد، مارون ملڪ ملير جا
آءُ هتون آزاد، ڪڏهن ٿيندس قيد مان

* 92 *

ٻاري ٻارو چل جي برهه اندر ۾ ٻاهه،
پينر شهر پنيور مان وڃڻ واجب آهه،
مظفر چئي منهنجي ورکي وطن واڳ وراءِ،
سڪي منهنجوساهه، اديون آريءَ جام لئه

* 94 *

بيهان کيئن پنهور ۾ ڪيچ وڃاڻ ڪاهيون،
ڏونهان درد ڏکائيا پڙڪڻ برهه جون باهيون،
لاڳاپا لاهيون، وڃي مظفر هيءَ مسڪين تي

* 95 *

وساري ويهي رهان اديون ڪيئن آري،
حجت کهڙي هوت سان آهي پاند ٻڌيءَ ٻاري،
جاڳهوت گهڙي گهاري، سا مظفر وسري مون نہ تي

* 95 *

سنها اڄ سور ڏيئي مون کي ڏير ويا،
هينئڙي هوت پنهل جا پلپل پون پور،
مظفر مون مذڪور، آهن ٻانهيءَ ٻاروچن جا

* 96 *

سسئي صبح جو اٿي اوير ڪري،
هئي هنڌ تي هيڪلي پنهل ٿيس پري،
مظفر تي مري، جو پنهل ڪٽي ويا پاڻ سان

* 97 *

چڙهي جبل چوٽئين تي ڪري ڪوڪاران،
منهنجون من سٽي اڇي اهي پنهل پڪاران،
هوت هتي ڏاران، منهنجو مظفر جيئڻ ڪهڙو

* 98 *

ڏاڏي ڏکي ٿيام سواءِ تو هت سپرين،
ساعت هڪ سمهڻ جي ڪٽي هوت هليام،
اورڻ اڄ آيام، مونکي مظفر ڏينهن ڏکن جا

* 99 *

اٿي آڌي رات جو هتي ڇڏي ويا هيڪلي
مظفر ملاقات، ڪڏهن ٿيندي ڪيچ ڏٽيءَ سان

* 100 *

اٿي ويا رات جو ساجهر نڪري نسبت،
مظفر مونکي هِتِ، ڪنهن جي ڇڏيوَ آسري

* 101 *

ٻانهي ٻاروچل آءُ ٿي اديون آهيان،
اصل آريءَ ڄام جي ساڙي آ سورن،
هتي ڇڏي هيڪلي ترس نہ پيو ڪو تن،
متان ڇني ڇڏن، مظفر مون مسڪين کي

* 102 *

ڪيچي ويا ڪالھ منهنجو ڪٽي وَرُ،
هاٺي ڏورڻ ڏونگر، مظفر مونکي آئيو

* 103 *

هيٺيءَ هٿ نہ لاھ پرين ڪر تون پنهنجو،
هجر هوت پنهل جي برھ ساڙيو ٻاھ،
مظفر مون ملاءِ، سڪي جن لاءِ ساھ ٿو

* 104 *

پينر شهر پنيور ۾ هاٺي ڪيان ڇا رهي،
ساعت هڪ سمهڻ جي خوشي سڀ وئي،
جتن هيڏي ڪئي، مظفر مون مسڪين سان

* 105 *

پرين ڪندا پنهنجو آءُ سندن گولي
عشق آريءَ ڄام جي آهي رڻن ۾ رولي،
ماءُ ڏني لولي، مونکي مظفر ڏک ڏهاڳ جي

* 106 *

هيڪل هت ڇڏي ويا ڪنهن جي آسري،
هتون ڪٽي هوت ويا ڪنهن وقت وڏي،
مظفر مون سڏي، وري پرين ڪندا پنهنجو

* 107 *

ڪهڙي ميارتن تي هيڏو حال ٿيو،
پنهل هتان ويو، ڏوهه نه ڏيرن تي ڏيان

* 108 *

لکيو منجهه ازل اهو هيو جيڏيون،
ڪيائون ڪانه ڪهل، هن هيڏيءَ جي حال تي

* 109 *

ڪريان پيئي ڪوهه هاڻي هوت پنهل لاءِ،
ڪهڙو ڏيان ڏوهه، مون سمهي سور پرائيو

* 110 *

مونکي آهين ياد ڪڏهن نه تو وسرين،
ڪري هيءَ فرياد،، هتون هليو هوت وئين

* 111 *

مونکي آهين ياد ڪڏهن نه تو وسرين،
ڪريان ٿي، فرياد مظفر توسان ملڻ جي

* 112 *

کیچئون آیو قافلو جنھین لڌي سار،
تیا گل گلزار، پینر شھر پنپور ۾

* 113 *

ساقي سانون جام پلاکي مست کیتا مستانا،
پیونڻ نال شراب دي ڏتس رمز رندانا،
مظفر مئخاني دي وچ سانون ملیا یار یگانا،

* 114 *

ساقي سانون جام پلاکي سارا سر سمجھایا،
ھادي ھویا نال اساڏي ونحن ویڑھي آیا،
مظفر میکون ملیا ماھي ساڏا بخت سوایا،

* 115 *

مرشد دي مئخاني وچون پیتم جام شراب دا پیالا،
پیونڻ نال شراب دي میڏا ھوش ھو یا متوالا،
غیر کنون جند جان چڑاکي اندر کیتس اجالا،
مظفر مرشد ایوین آکیا چوڑ دوئي دا خام خیالا،

* 116 *

مرشد دي مئخاني وچون جام شراب دا پیوین،
موتو قبلل انت موتو گم انھین وچ ٿیوین،
چوڑکي ھستي گھن کر مستي آپ کریندا اکیوین

* 117 *

مرشد دي مئخاني وچون جام شراب دا پیوین،
پي کر پیالا وحدت والا واقف حال دا ٿیوین،
مظفر مخمور کیتا انھین مئ جو دم سارا جیوین،

* 118 *

سمهڻ ڇڏ سعيو اٿي اور الله،
هي ڇڏ هو وٺ اٿئي سڄڻ نيڪ صلاح،
بنان بگن شاھ جي ڪانهي ڪا ٻي واھ،
مظفر مون کي تڳاءُ، هڪ آهي هاديءَ جو

* 119 *

هلي پَسو هنباھ ۾ پارس منهنجو پير،
پر جهلو بگن شاھ جو آهي دائم دستگير،
فيض وارو فقير، آهي مظفر مرشد منهنجو

* 120 *

وڃين در ويهي تون جيلانيءَ جو جي،
جن پر جهلو بگن شاھ جو سوکا هونداسي،
طالب پنهنجي تي، آهي هادي رکندو هٿڙا

* 121 *

جن هيڪر پسيو هنباھ ۾ ويا پرينءَ ۾ پيهي،
مظفر مان انهن جي وري ڳالھ ڪيان ڪيهي،
هاڻي عاشق اهي ئي، جن سر پنهنجا صدقو ڪيا

* 122 *

هادي آهي هنباھ ۾ منهنجو داتا فيض درياھ،
ڪرم ڪندو ڪميڻي تي ڪڻي نوري نُرُ نگاھ،
بيشڪ بگن شاھ، مظفر مون تي مهر ڪئي

* 123 *

مدد ڪر مريد جي اچي هنباهي هاڻ،
طالب ڏي تڪڙو والي ڪر ور اڻ،
ننگي ننگ سڃاڻ، مظفر ڇئي مسڪين جو

* 124 *

هادي هرجاءِ ڏسُ تو پاڻ ڏسي،
ديوانن جون دليون کلي تو کسي،
ويجهو تو وسي، مظفر مئخاني ۾

* 125 *

ڪَڍُ نہ ڪميٽيءَ جون ڪامل ڪچايون،
داتا تنهنجي دَر تي آيس پاند ڳچيءَ پايون،
مظفر منهنجون مدايون، ڏسي ڍولي ڍڪيون

* 126 *

داتا دير نہ لاءِ سٽي سواليءَ سڏڙا،
فيض درياهي فيض جي تو وٽ ڪَمي ناهي ڪاءِ،
فضل پنهنجو فرماءِ، مظفر هن مسڪين ڏي

* 127 *

مدد ڪر مريد جي اچي هنباهي هاڻ،،
والي ڪر وراڻ، مظفر چئي مسڪين ڏي

* 128 *

داتا تنهنجي درتي ويئي هيءَ جا وڪاٽي،
لاري لڳي تنهنجي هيءَ نڏر نماٽي،
مظفر سان ساٽي، هادي ٿيو هر جاءِ تي

* 129 *

دلئون دستگيرڪي جيڪو سائل ڪري سڏ،
داتا تنهن سان دائما آهي هادي هميشہ گڏ،
توڙي ڏوهي ڏڏ، تہ پيي شاهہ نہ ڇڏي پنهنجا

* 130 *

داتا جو ديدار اچي پسو انباھ ۾،
سو ڪعبي وڃي ڪينڪي جو ھت اچي ھڪوار،
مظفر جو مھندار، ھادي آھي ھنباھ ۾

* 131 *

جيلاني جھان جو وسيلو واھر،
حڪم جنھن جوھر جاءِ آھيون اسان تنھن آڌُر،
مظفر مون تي مِھرَ، اھا دائم دستگير جي

* 132 *

مرشد منھنجو سر سبحاني اتوَ ھادي انباھي،
طالبن تلقين ڪري تنھن صورت سمجھائي،
اھا ٻگن شاھ ٻلائي، ڪئي مظفر مون مسڪين تي

* 133 *

فياضي فقر جو بيشڪ ٻگن سائين نگھبان،
مظفر مون رکيو آھي سر پنھنجو نذران،
جيلاني جوان، منھنجو ھادي آھي ھنباھ ۾

* 134 *

ھادي آھي ھنباھ ۾ منھنجو جان محمد شاھ،
سڪايل جا سڏڙا سٽي ايندو والي والايت شاھ،
ھادي آھمراھ، مظفر جو محشر ۾

* 135 *

ڇڏيندو نہ ڇپر ۾ ھينئن ھادي اڪيلو،
ٻگن سائين ٻلائي ڪندو مون سان ساجھر سويلو،
تنھن جي درسندو ڇيلو، مظفر مان ٻيي آھيان

* 136 *

جيلاني جهان ۾ منهنجو وسيلو واهر،
بيشڪل بگن شاهہ جي آهي مهر مون تي مظفر،
اڳيان ميتي اڪر، منهنجا واليءَ ٻيا ورائيا

* 137 *

ڪير خطائونن ڪيتريون جيلاني جي ئي،
مظفر چئي مسڪين جون ميٺ مڙيئي،
پير تو پيئي، سام اچي هيءَ سيدا

* 138 *

فوجون ڪري فقير حب منجهارون هليا،
مظفر چئي منهنجا پارس آ هيو پير،
داتا دستگير، آهيون تنهنجي آسري

* 139 *

هادي مليا هنباهہ دي وچ ڏوجهي در وجڻ داڪر ڪيها،
اپٽي نظر عنايت ڪيتس هڻ تان هويا هم ڪيها،
مظفر مطلب ميڏا هويا طالب ڪون غم ڪيها،

* 140 *

شڪر مليو شاهہ مونکي هادي هنباهي،
حرف ڏسي حق جو ڪئي رهبر رهنمائي،
اها بيحد پلائي، ڪَيو مظفر مون مسڪين تي

* 141 *

ڏنم ڪو نہ ڏيهہ ۾ تون سهڻن جو سردار،
يوسف ثاني نا ٿئي جنهن تي رکيو زليخا آرُ،
پيرَ پساءِ پنهنجو داتا هن ڪي ديدار،
مظفر جو مهندار، هادي آهي هنباهہ ۾

* 142 *

دلبر ڏي ديدار آهي سائين توکي سوال،
نظر ڪري هن ناقص ڏي خام وجائج خيال،
هاديءَ وارو حال، مظفر مون سر آئيم

* 143 *

هاديءَ وارو حالُ رهي سِرِ رندن،
ڪسي سڀ قتلام ٿيا ڪانهي ڪاڻ ڪنن،
عاشق سِرَ اڏيءَ تي تا ڏهاڙي ڏين،
مظفر انهيءَ مهل تا عاشق عيدان ڪن،
صوفي گُرُ سندن، هادي آهي هنباھ ۾

* 144 *

مرشد منهنجو جيلاني اتوَ منجھ انباھ،
ونائي ٿو وحدت جي بي راهي ڪي راھ،
مظفر منهنجي ساھ، سوئي اچي سمائيو

* 145 *

عمر ساري افراد وجايئي هٿ نہ خيال ڪيتوئي،
هر جاءِ اپٽا هادي وسدا وچ مئخاني اوئي،
مظفر ميڪون مليا ماهي، ٿيا سارا سير سيوئي

* 146 *

تماچي تڙ آئيو ملڻ ملاحن،
ڪينجهر ڪل انهن ٿيو، ڪنهن جي ڪاڻ ڪڍن

* 147 *

سمي سي ئي سيڻ ڪيا جن جاڳپ پريل گوڏا،
مظفر تن اڄ ماٽيا پينگهن ۾ لوڏا،
اچي ٿيا اوڏا، سمي جي سلام تي

* 148 *

ڪينجهر جي ڪپ تي اڇي جهلياٺون ٻيڙا،
مظفر ميڙا، اڄ ملاحن مڇيءَ تي ڪيا

* 149 *

راجا ريجهي آئيو هلي گدلن در،
نوريءَ جي نوڙت ڏسي وٺي ويٺو پَرِ،
مظفر ملي ڪينجهر، انهن کي انعام ۾

* 150 *

جي مڇي ماريندا هئا صبح توڙي شام،
اڄي انهن جي جَهلي سمي آهي سام،
مظفراها مام، نوريءَ جي نياز جي

* 151 *

اهي اوڪا ڏينهڙا جالڻ آيم جيءَ،
لوئيءَ سندي ليهہَ، مظفر ماڙن نہ مٽيان

* 152 *

ڏکيا آيم ڏينهڙا اڄ ريءَ اباڻن،
ڪري منهن مليرڏي تيون اکيون رت روئن،
مارون منهنجي من، مظفر مور نہ وسريا

* 153 *

وسري نہ شال وڃان پلپل پنهوارن ڪئون
آءُ عمر جي قيد ۾ لوئيءَ لڄ رکان
مظفر مان تيان پاڙي پنهوارن جي

* 154 *

ڪڏهن نہ ٿيا ڏار مان تن ماروئڙن ڪئون،
جن جي رهي روح ۾ آهي سڪ سنيار،
هتي ڏينهن ٻہ چار، پوءِ مظفر ويندس مليرڙي

* 155 *

آءُ نہ ڄائي سومرا جي هيس ماروئڙن ڪي،
تہ هوند نہ پسان ها هيتري جيئري جدائي،
قسمت ڪري قيد آ هيءَ هتي رهائي،
اتم آس اهائي، مظفر مارن ملڻ جي

* 156 *

اهي اوڪا ڏينهڙا جالڻ آيم جيءَ،
بند مان ڪڏهن هيءَ، موٽي ويندي ملير ڏي

* 157 *

آيو اباڻن ڏانهن عمر اڄ اوٺي،
جهڙي تهڙي آهيان انهن جي ڪري جي ڪوٺي،
ماڳ ويندس موٽي، مظفر وري ملير ڏي

* 158 *

اڇي پيا مينهن وري ملڪ ملير تي،
ڏني تن ڏور ٿين ڪي گهٽا ٿيڙم ڏينهن،
اڇي عمر ڪوٽ ۾ لوئي لڄايان ڪيئن،
آءُ انهن جي نينهن، مظفر ماري آهيان

* 159 *

هيڻن حالن ڪيئن ويڙهيچن وڃان،
مون ۾ مدايون مڙئي آهن عيب گهڻا،
ڪيئن مان ڪنڌ ڪڻان، مظفر وڃي مارن وٽ

* 160 *

اڄ پئي سنڀاري مارون ملڪ ملير جا،
ڪري ياد تنين ڪي هنجون ٽي هاري،
والي واڳ وطن تي سگهو شال واري،
مظفر مون ڪي ماري، مارن جي ميار تي

* 161 *

ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڪا تي پئي قيد ۾،
انا ملڪ ملير تي مارن مٺان مينهن،
هتي ڪريان ڪيئن، مظفر ماٺ مارن ريءَ

* 162 *

لڄايان ڪيئن لوئي جيڪا آندم اباڻي پار ڏانهن،
هيڏو هتي حال ٽيو راتو ڏينهن روئي،
قاصد نہ ڪوئي، مظفرآيو ملير مان

* 163 *

ڪامل مرشد آن مليوسي ساڏا بخت سوايا،
صورت ويک ڪي پير مغان دي مين مطلب سارا پايا،
مظفر وچ مئخاني دي هادي حق فرمايا،

* 164 *

حق دا ڪلمہ اڪ دن سانون هادي آپ پڙهايا،
اسم ڪما ڪي ذاتي والا روشن راهہ بتايا،
مظفر وچ مئخاني دي مين سارا مطلب پايا،

* 165 *

دستگير دير نہ ڪر سڻ عرض منهنجون آهون،
داتا سڀ دور ڪر جي ڪيم خطائون،
ٻڌي مظفر جون دانهون، اڄي پهچ پير پلڪ ۾

* 166 *

پهچ پير پلڪ ۾ داتا ڪر نہ دير،
توريءَ ٻيو ڪير، مدد ڪندو مظفر جي

* 167 *

مدد ڪر مريد جي ميران محي الدين،
امداد ڪيو عشق جو طالب ڪي تلقين،
اصل آهي اوهان جو مظفر هي مسڪين،
سواءِ تنهنجي ڪينَ، آهي واهر هن ولهيءَ جي

* 168 *

جلوو اوهان جو جڳ ۾ آهي جتي ڪتي،
هاديءَ سندي حڪومت آهي هِتي هُتي،
ويجهو وسي ڏسي، مظفر مئخاني ماڳ تي

* 169 *

ٿيو سيلاني سُپرين ڪري صورت جو سينگار،
ونحن اقرب ويجهڙو ٻجهي نا ٻئي پار،
قطري آيس قرار، ٿو نت نت ناز نوان ڪري

* 170 *

ڪيچئون آيو قافلو جنهن جڏو جياريو جيءُ،
حال ڏسي هيءُ، مظفر مون تي مهر ڪئي

* 171 *

صبح جاڳي سسئي هو سنجهي ويا سيئي،
سارينديس سجڻ ڪي پيا ڳوڙها ڳل وهي،
ويندس ڪيچ ڪهي، ڪندس منٿون مظفر چوي

* 172 *

کري منهن ملير ڏي رڙي ۽ روئي،
ڳلن تان ڳوڙها هيءَ ڏوہڻ پئي ڏوئي،
مظفر مون موهي، پنهل هليو پاڻ ويو

* 173 *

ڏونگر منهنجي ڏک جي تکا کل نہ پئي،
سارو تون سڙي وجين جي ٻڌايانءِ چئي،
کيچن هيڏي کئي، تڏهن مظفر تي ماتم کري

* 174 *

سورن ساڙيو ساھ کي مُني تي مَري،
مظفر هن مسڪين جي دل آئي عشق اري،
ڏسي دل نري، جي اچين اگڻ منهنجي

* 175 *

سورن جو سامان ڏنو جيجل جھوليءَ ۾،
مزو آيو مونکي لا اله لوليءَ ۾،
هاٽي چوهيءَ چوليءَ ۾، مظفر مان پئي آهيان

* 176 *

هيرايئي هٿ سان نند تي نيٹن،
جاڳي هتان جُهد کري پهچ وجي پرين ،
مظفر ڏي محبوب لئہ اوجاڳا اکين،
جيکي سمهي نندون، کن تن هوت وجايو هتڙي

* 177 *

دل ۾ درد هزار سليان کنهن سان سرتيون،
اچي عشق عجيب جي باري چاڙهيا بار،
مظفر چئي مسڪين جي اچي ستت لهندم سار،
هوت اچ هکوار، اگڻ آسروند جي

* 178 *

روئي ۽ راڙيون ڪري نيڻن وهائي نار،
انئي پهر اندر ۾ پنهل جي پچار،
اچي تيءُ آڌار، مظفر هن مسڪين جي

* 179 *

ڪري نندب نياڳ جي پتوڙيئي نہ پاڻ،
مٿان بينو موت تي اجهو آيئي جاڻ،
ثمر ڪڻ ساڻ، مظفر اجا مهل تي

* 180 *

اچي عشق اوچتي بحري چاڙهيو باز،
پلپل پرينءَ جي پورجو سڪ وڄايو ساز،
روئڻ منجهان راز، مظفر مونکي مليو

* 181 *

عاشقن کي عشق جي چٽنگ لڳي چوٽ،
ڏسي تيک تنهين جو مظفر ڪن نہ موٽ،
گيڙو ٻڌي گهوٽ، سوليءَ مٿي سنبريا

* 182 *

سوليءَ مٿي سنبريا غازي ڪري گوڙ،
مظفر ٻڌي موڙ، ڪوپن ڪنڌ ڪپائيا

* 183 *

قاضي چڏ ڪتاب پيءُ پيالو پريت جو،
ڪدي چڏ قلب مان هئڻ جو حجاب،
مظفر اچ مئخان ۾ جاتي ناهي ڏوهہ ثواب،
نيهي تي ناياب، واري ورق وجود جو

* 184 *

هستيءَ واري هوڏڪي پيچي پورا ڪرڻ،
خوديءَ کي ڪائي وڃ اهوهاديءَتيو چوَڻُ،
هيو جو هئڻ، سو مظفر ڪڍيو من مان

* 185 *

مطلب هيومن ۾ اهو هاديءَ حل ڪيو،
طالب کي مطلوب جو آهي پير جهلو،
تنهن کان پوءِ ٿيو، ويجهو هي وصال کي

* 186 *

ڪڍي چِڙ قلب مان مير مدائي،
اندرکي اجاريو ڏئي صوفيءَ صفائي،
هادي مون کي حق جي اها راهه بتائي،
شامل شاهه بگن جي ٿيس فوج فقراهي،
وئي اونداهي، سدا ٿيو سوجهرو

* 187 *

دنيا جي دولاب ۾ فقير نه ڦاسي،
ڪري الله اندر ۾بوءِ نه باسي،
ساري هن سنسار کي وري وحدت سان واسي،
دنيا جي پاسي، طالب تانگهن ڪينڪي

* 188

پرتل آهيان پير توکي هادي هتي هُت،
پير مغان پاڻ ڏي هن هيٺيءَ کي همٿ،
توتي سائين رکيم سَتُ، اچي بادشاهه رس بغداد جا

* 189 *

ميران شاهہ مرشد منهنجا ميٺ سيئي مشڪل،
طالب توکي پڪاري پيرَ تو پلپل،
مظفر هي مسڪين تو سڏ ڪري سائل،
هادي هيٺيءَ جهل، مٿان ڏيئي هٿڙا

* 190 *

منهن مناري سامهون ڪٽي ڪنڌ ڪيان،
سيئي ڪم سنوان، هادي منهنجا هيئن ڪري

* 191 *

منهن مناري سامهون پري ڪان پَسان،
هادي سڀ هن تان، مشڪل ئي معاف ڪري

* 192 *

ڳٽيان ڳٽي نہ سگهان بديون بيشمار،
مظفر هيءَ مسڪين ويچاري آهي تو آڌار،
بخشي سڀ بدڪار، هادي وينو هنباهہ ۾

* 193 *

پري ناهي پاڻ ڪان هادي آهي هِتِ،
حسن پسي هاديءَ جو عقل ويو اُتِ،
پَڪَ ڏياري پَتِ، ويساهہ سان وني ويو

* 194 *

هادي منهنجو هت ٿيو ڪعبي وجان ڪيئن،
طواف ڪيان تنهن جو هر هر حج هنيئن،
تازو ڪيان تيئن، پسي رخ پير مغان جو

* 195 *

بي واهن جي واھ اصل تون آهين،
ميٽي غم غريبن جا ٿو لطف سان لاهين،
مظفر مون مسڪين کي ڏئي همٿ هلائين،
تون تہ منهنجا سائين، ٿي آئين حمايتي هٽين جو

* 196 *

هادي هن هيٽيءَ جي وري واهر ڪر،
مظفر هن مسڪين کي اچي ڏي آڌر،
سائل سڏي هرهر، تنهن ڏي اوڪيءَ ۾ آءُ تون

* 197 *

سُجهي ڪوو نہ سنسار ۾ توريءَ ڪير ٻيو،
پاڙي ٿو پڪاري تنهن کي پنهنجو ڪيو،
مظفر هي مسڪين آ تنهنجي پلئہ پيو،
هادي هٿ رکو، هن هيٽيءَ تي پنهنجو

* 198 *

سڏ سڪايل جا سٽي اوکيءَ ۾ اچ آءُ،
مظفر هن مسڪين جو اچي سائين لهہ سماءُ،
تنهنجو آهي تڳاءُ، هادي هن هيٽيءَ کي

* 199 *

توريءَ هادي هيٽيءَ جو چارو ڪو نہ چلي،
قدم ڪل ولي تي تنهنجو حڪم ٿو هلي،
مظفر مون مسڪين کي ڏنو پر جهلو تہ پلي،
پيو چانوَ پلي، هادي هنباهيءَ جي

* 200 *

سختي ايڏي سرتي آهي جا آئي،
مرشد سڀ معاف ڪري مون تان موٽائي،
مظفر هن مسڪين جي ڪئي سائينءَ سٺائي،
هادي هنباهي، اچي هيٺيءَ جو همراهه ٿيو.

201

نيڻن واري ناز سان محبوب ٿو ماري،
ٻڙ چون اهي برهه جون اجا اولاري،
دلبرهن دستور سان ٿو دليون ڏتاري،
تنهن نازڪ نظاري، مظفر من موهي وڌو

* 202 *

غريبن تي غور ڪيو پاڻ قريب ،
حال اسان جا هي اچي ڏس عجيب،
مظفر هن مسڪين جا آيا ترت طبيب،
ٿيا نرالا نصيب، جو پرين پيهي آئيا

* 203 *

تنهنجي عشق چريو ڪيو ويو حياءَ شرم،
مظفر هن مسڪين تي ڪيو پنهنجو لطف ڪرم،
دلبر هڪڙو دم، پرين پاسي نه ڪيو

* 204 *

ڪيو پاڻ قريب غريبن تي غور،
گوندر ۾ گذاريان دوست ويو دور،
شوق مچايو شور، منهنجي آهي من ۾

* 205 *

محبت آهي من ۾ تنهنجي اندر منجهه اڪير،
دلبر دناليون هٽي، وڏا زلفن جا زنجير،
ٿيا فيراقي فقير، تي جن کي برهه بچائيو

* 206 *

آءُ بہ جن جي آسري سي ڪيئن ڇڏيندا،
گولي گڏي پاڻ سان نال نيهي نيندا،
ورتيون سي ويندا، مظفر هن مسڪين کي

* 207 *

آءُ بہ تن جن آسري آهي جنهين جي عالم،
مظفر چوي ميٽندا گهڙيءَ ۾ سي غم،
پري پاڪ قدم، بخشي ويندا بديون

* 208 *

ڏنائون عيب اڪين سان تڏهان لاڪون تو،
تر جيترو تڏهين پي تن پوئتي پير نہ ڪيو،
مظفر تي مهر جو هي هٿ تنين رکيو،
ڇنڻ تن نہ سڪيو، ڳنڍيندا ويا ڳجهہ ۾

* 209 *

ڳنڍيندا ويا ڳجهہ ۾ پتو مون نہ پيو،
ڪٽي هن ڪوٺيءَ جو تن نيهي ننگ نيو،
مظفر هن مسڪين کي پاڻ ڇيائون پو،
تڏهان لاڪون تو، اسان آهي اڪاريو

* 210 *

آئي رت بسنت جي تي گلن منجھ سرهاڻ،
اچي نور محمد جو پڌرو ٿيو پاڻ،
چو طرف چانڊاڻ، ڪئي مظفر مند بهار جي

* 211 *

آئي رت بسنت جي تي وڻ وڻ واڌائي،
سهڻا ويس گلن ڪي تو پرور پارائي،
احمد جي آئي، خوشبوءِ سارو جڳ ٿيو

* 212 *

آئي رت بسنت جي پھريا وڻن پوش،
ساوا ٿيا سڪ مان جيئن جو ڪري جوش،
مستيءَ ۾ مدهوش، خاوند ڪيا خير سان

* 214 *

آئي رت بسنت جي وڻن جھليو ٻور،
ظاهر ٿيو زمين تي اچي احمد نور،
سيئي ويا سور، آئي بوءِ بهار جي

* 214 *

آئي رت بسنت جي گل ڦل ٿيا گلزار،
عربي احمد ڄام جو نور ٿيو نروار،
بيشڪ برھ بهار، عربيءَ آئي اڄ ٿيو

* 215 *

آئي رت بسنت جي ٿيا سڪا وڻ ساوا،
جي پاري پائمال ڪيا سي پرور پهرايا،
وڻن ويس پايا، آئي بوءِ بهار جي

* 216 *

بيشڪ بوءِ بهار جي موتي آئي مند،
پيرا ڏين پونر تا هاڻي گلن هنڌ،
ڪڻي متي ڪنڌ، ڪلن تا خوشيءَمان

* 217 *

دلبر منهنجي دل جو دارون تون درمان،
پرديس ڪي پيارو ڪيئہ اتم اهو ارمان،
مظفر هن مسڪين وٽ آهي سورن جو سامان،
اچي ڪر احسان، ملڻ جو منهنجا پرين

* 218 *

ملڻ جو منهنجا پرين ڏس مونکي ڏانءُ،
مظفر هن مسڪين کي آهي ياد تنهنجو هڪ نانءُ،
هن درد ستائيس آءُ، توکي سُڌِ نہ سورجي

* 219 *

آوي ماهي سڻ حال ميڏا تيڏي حسن ڪيتا حيرانا،
طلب تساڏي تانگهہ اندر وچ مست قران مستانا،
مظفر مين مسڪين ڪون ڪڏان ملسي يار يگانا،

* 220 *

سهڻا سائين سدائين هوسان در تيڏي دربان ميان،
ديدار تيڏا دائم هووي مين ڪيون منگان ايمان ميان،
مظفر داهي عرض اهو اپڻي عشق دا ڪرو احسان ميان،

* 221 *

مين نماڻي دا عرض اهو جي يار ڪڏان منظور ڪرين،
درد فراق هي هجر والي چا سيو چڪچور ڪرين،
مظفر ڪون ايوين، مار ماهي دوست پڇي نا دور ڪرين

* 222 *

انهن ڪوجهي وچ هن عيب لڪين تون اپڻا ننگ سنپارين،
جو دم يار حياتي هو وي ساڏڙي نال گذارين،
مظفر ڪو نہ ايوين مارماهي درتان ول نہ ڌڪارين،

* 223 *

صورت هادي ياروالي هڻ مين ڪون يڪيا الله،
الله اصل ڪنون سڻندي هاسي ميڏا ڪو نہ پيا ويساهہ،
آڪي پيا اندر وچ انهن گرو دا گوگاءُ،
نال يقين تڏان آيا جڏان ويڪيم بگن شاهہ،
مظفر هڻ موجود ٿيا سائين ساهہ پساهہ،
رندي والا راهہ، هادي هڻ آڪيا ايوين

* 224 *

هوت حمايت تن جو صبر جنين ساڻُ،
ميٿي ڪديائون من مان مدائيءَ جو ماڻ،
اهو تن اهجاڻ، سبق سچاڻيءَ جو

* 225 *

هوت حمايت تن جو جن سدائين صبرُ،
ڪڌهن ڪيوڪينڪي تن وري تڪبر،
شامل جن شڪر، سي هليا هدايت حق جي

* 226 *

هوت حمايت تن جو جن ڪنين ڪين سٽيو،
هليا توڪل تُرهي ٻالهيون سي ٻٽيو،
سي ڪجهہ تن بٽيو، هِتي هُتي هوت حمايتي

* 227 *

فڪر سندي ڦرهي هيءَ جا آيم هٿ،
چڪڻ مان چاڙهي وڌو ستگر واري سٽ،
هلي ساڻ همٿ، مظفر ڏس مئخان ۾

* 228 *

فڪر سندي ڦرهي ڪريڪدل ساڻ يقين،
طالب رک تنَ تي هڪ هاديءَ جي تلقين،
تڏهن توکي ڪينَ، ڪَتِڻو نہ ڪڏهن پوي

* 229 *

ٻانهپ جي ٻولي ڪري ويڙهيئي پاڻ وهم،
ڪڍي چِڏ قلب مان غازي اهو غم،
آهي اهو ڪم، سارو ئي سبحان جو

* 230 *

ساروئي سبحان جو ساڳوهي آ سرُ،
پرجهہ پيهي پاڻ ۾ تفاوت نہ ترُ،
گهيرانهيءَ ۾ گهِرُ، تہ هي هو آهي هيڪڙو

* 231 *

ساڳو سِرُ سبحان جو ٿو سَوَ سينگار ڪري،
ڪُن فيڪُون جي ڪُنَ ۾ آيو پير پَري،
آدم نانءُ ذري، ٿيو سيلاني سنسار ۾

* 232 *

ساڳو سر سبحان جو آدم ۾ الله ڏس،
بي مثليءَ ڪي مثل ۾ بيشڪ بقا باالله ڏس،
مظفر مئخاني ماڳ تي حاضر اهو هر جاءِ ڏس،

* 233 *

ڏسڻ ڪان جو ڏور هيو اهو پٽر پيو پاڻ،
خلق آلادم عليٰ صورت آهي سندس اهڃاڻ،
مظفر مئخاني ماڳ تي تنهن موج ڪئي مهراڻ،
صورت سان سڃاڻ، آيو آدم جي عنوان ۾

* 234 *

غير ڪڏان نظر نہ آوي مين جو هي حق ڄاتا،
هي جو حال هادي والا سارا مين سڃاتا،
مظفر وچ مئخاني دي مين راهہ اهو هي پاتا،

* 235 *

آدم اصلي ناهيان ٻانهپ ٻوليءَ وياسي،
پنهنجو لڪائي پاڻ ڪي آدم ۾ آياسي،
پنهنجي خيال پياسي اڇي مظفر هٿ مئخان ۾،

* 136 *

غير ديان واهان بند ٿيان عشق اڱڻ جو آيا،
انحد والا ناد نغارا واهہ جو پيرَ وڄايا،
گم انهين غمزي دي وچ مستي موج مچايا،
مظفر مطلب پاءِ اٿاهين هي عشق عجب سرمايا،

* 237 *

عشق دا درياءَ هي وهندا موجان موج مچاوي،
طالب ترددي هن انهين وچ پلڪان پلڪ پڄاوي،
عشق امام هي مظفر ميڏا اهو آپون آپ الاوي،

* 238 *

صورت ميڏي هادي والي بيشڪ سچي بر حق هي،
من راني فقد رانا الاحق حق اهو ئي حق هي،
خلق الآدم عليٰ صورت انهن وچ ڪهڙا شڪ هي،
مظفر وچ مئخاني دي جولا دا ڪريندا لِڪ هي،

* 239 *

سيد سائل موتي خالي اهو شاھ نہ تنهنجي شان ۾،
سوالي مور نہ وريو خالي پهچي اگر ايوان ۾،
ٻيڙيءَ سندو ٻيڙو تريو ٻڏيون دانهون داتا گيلان ۾،
مظفر هن مسڪين سان حامي حسني هردو جهان ۾،

* 240 *

داتا هن ڏُکيءَ کي ڏي ڪو دلاسو،
ڪرين نہ هن کو جهيءَ ڪان پير شال پاسو،
وائي حق واسيو، مظفر هن مسڪين کي

* 241 *

طالب ڏي تڪڙو تنهنجو پلڪ ۾ تہ پڄڻ،
سڏ ٻڌي سائل جا واھ والي پير ورڻ،
مشڪل سڀ ميٽڻ، آيو مظفر مون مسڪين جي

* 242 *

ڪل ولين تي قدم بغدادي بادشاھ جو،
محبوب سبحاني لقب پيارو آهين ﷲ جو،
ٻڏل ٻيڙا ٻاهر ڪڍڻ اهو شان منهنجي شاھ جو،
مظفر هن مسڪين جي رهبر ٿيو آ راھ جو،

* 243 *

ميران شاهه مرشد منهنجا اچي آذر تيءِ،
هادي هن هيٺيءَ جو پر جهلو تي بيهُ،
جاتي جدا ماءُ پيءُ، اتي بادشاهه رس بغداد جا

* 244 *

جهڙا گل گلاب جا تهڙي سندن هٻڪار،
آهن عجيبن جا واسينگن جيان وار،
پرت تنين سان پيار، آهي مظفر هن مسڪين جو

* 245 *

جهڙا گل گلاب جا تهڙي سندس خوشبوءِ،
آهي عجيبن جي هيڏي هوڏي هوءَ
راضي روءِ بروءِ، ٿيندا مظفر هن مسڪين مان

* 246 *

جهڙا گل گلاب جا تهڙو سندن قِسمُ،
آهي جيبن جو نازڪ ايئن جسم،
رهيو وات اسم، آهي مظفر هن مسڪين کي

* 247 *

جهڙا گل گلاب جا تهڙي سندن سرهاڻ،
آهي عجيبن جي لبن ۾ لالاڻ،
ڪهڙي تن کي ڪاڻ، مظفر هن مسڪين جي

* 248 *

جهڙا گل گلاب جا تهڙا سندن حُسن،
آهن عجيبن جا سهڻا تيئن سُخن،
موهي وڌو تن، مظفر مون مسڪين کي

* 249 *

جھڙا گل گلاب جا تھڙي اٽن بيھڪ،
آھي عجيبن جي چقمق مثل چڪَ،
ساھہ ايئن آ سِڪَ، مظفر ھن مسڪين جي

* 250 *

جھڙا گل گلاب جا تھڙا سندن پن،
عاشق عجيبن تي جيئن پيرا پونر ڏين،
ڪاتيءَ ريءَ ڪُھَنِ، مظفر مون مسڪين کي

* 251 *

جھڙا گل گلاب جا تھڙي سندن پوشاڪ،
آھي عجيبن جي ھلي حُسنَ جي ھاڪَ،
پير مبارڪ پاڪ، مظفر چوي محبوب جا

* 252 *

جھڙا گل گلاب جا تھڙا سندن ڏارَ،
آھن عجيبن جا سھڻا سپ سينگار،
نينھن نسنگ نروار، ڪيو مظفر ھن مسڪين کي

* 253 *

جھڙا گل گلاب جا تھڙي سندن فرحت،
آھي عجيبن جي خاصي ھيءَ خاصيت،
سري نہ ساعت، مظفر ھن مسڪين جي

* 254 *

اکيون عجيبن جون مارن تيون مشتاق،
کي گھائي وجھن گھور سان کي ڦٽيا انھن فيراق،
ھرجاءِ اھا ھاڪَ، حُسن تنھنجي جي ھُلي

* 255 *

جيجل جو ڳيئڙن جا پيئي پچايان پنڌ،
هو جي ڪالهہ هِتي هيا خالي اهي هنڌ،
وڏائون دل کي بندۃ مظفر هن مسڪين جي

* 256 *

ويني واٽ نهاريان آٽيند ن تہ اللهُ،
سپيرين سو گهو ڪيو سڪ ۾ منهنجو ساهہ،
هيڪر هَلي آءُ، مظفر چوي مسڪين ڏي

* 257 *

ويني واٽ نهاريان اجهي تا اچن،
سي ڪُوڙا ڪڏهن ڪين ٿين جي ڪيا قول قريبن،
ڏنا دلاسا دل کي اچڻ سان انهن،
مظفر مون پرين، لڪين تورا لائيا

* 258 *

سورن چاڙهيا سر تي برهہ سندا بارَ،
ڪڏهن ملندا ڪيئن ڪيان تي ياد ستائي يار،
هوت اچي هڪوار، مل مظفر هن مسڪين سان

* 259 *

ڏنو جن ڏورون اچي هادي منجهہ هنباهہ،
تسليٰ طالبن تي وريو وصل جو واءُ،
داتا بگن شاهہ، مظفر تن مهندار ٿيو

* 260 *

ڏنو جن ڏورون اچي داتا فيض درياهہ،
هتان هادي جي ٿيو طالبن کي تڳاءُ،
انهن ڪٽي ارواح، گڏيا پنهنجي گُر سان

* 261 *

شاه بگن شاھہ هادي مين گهر جو مهندار آيا،
ويڙها اساڏا آنِ وَسايس دمر دمر وچ ديدار پايا،
مظفر ميڏي مرشد ويکو بدڪاران دا بار چايا،

* 262 *

بغدادي بادشاھہ پارس اسان جا پيرَ،
ورتي مسڪينن مدامي دامن دستگير،
سندا تو فقير، ڪڏهن ماندا ڪين ٿيا

* 263 *

پيرَ پيرن جا بادشاھہ تو در آهي فرياد،
مظفر هي مسڪين اڃي عاصي ڪيو آزاد،
سدائي ڪن ياد، جي پلئہ لڳا تو پيرَ جي

* 264 *

جيڪي سجهيم پنهنجا ويري ٿيا سيئي،
پينر بلوچن ڪي ڪاڻ منهنجي ڪيهي،
بس ڪري پنيور ۾ رهان ڪيئن ويهي،
مظفر من پيئي، ڪا ڪوڪ تين جي ڪن تي

* 265 *

ڪري هلي ڪيچ ڏي روج راڙيون ريهان،
حب مان هلندي هوت ڏي راتو ۽ ڏينهان،
ڪميٽيءَ ڪيهان، من ٻڏي ٻاروچو اڃي

* 266 *

ٻُڏي ٻاروچو اڃي درد منديءَ دانهون،
سڏي تي سڏ ڪايري ٻئي ڪٽي ٻانهون،
مظفر هن مسڪين تي ڪل ڪهل نہ ڪيائون،
جنهن سان رات لڏمر لائون، اهو پنهل ڪٽي ويا پاڻ سان

* 267 *

سڪ جنين سوگهو ڪيو سي مٺي راهه روئن،
هوت ٻنان هتڙي مظفر ماٺ نہ ڪن،
لوچيندين لهن، اڳڻ عجيبن جا

* 268 *

پنهل ڪاڻ پرديس ۾ منهنجا سنڌ ٿيا ساٿا،
جاڙ جيان تي جيڏيون پنهنجي پنهل پڄاڻان،
پند ڪري پاٽان، ڪاهي ويندس ڪيچ ڏي

* 269 *

ٻانهي خان ٻروچ جي جتن ڪئي آ جي،
هو جي ڪٽي هليا آءُ تي ڳولهيان سي،
مظفر هن مسڪين تي ترس نہ پيو تن کي،
ڪاهيون ڪيچ ڏي، حب مان هلندي هوت ڏي

* 270 *

اڻ سونهينءَ کي آئيو اڄ پيرين ڪرڻ پنڌ،
ڪٽي خان بلوچ جو هلي رستي مٿان رند،
مظفر هن مسڪين جو ساٿو ٿيو سنڌُ سنڌُ،
قضا مٿان ڪنڌ، آئي سانہ اها ٿري

* 271 *

پنهل ڪٽي پاڻ سان روانا ٿيا رات،
نڪو جت جوءِ ۾ نڪا جتن ذات،
سور ڏئي سوغات، ويا مون مسڪين کي

* 272 *

نہ ڪا وات وندر جي نہ ڪي رستو راهہ،
تنهنجو آسرو الله، آهي مظفر هن مسڪين کي

* 273 *

ووڙيان واٽ وندر جي سجهي اڳيان سُجَ،
انهيءَ رائي رُجَ، ڪا جا هلندي جيڏيون

* 274 *

عمر منهنجو ساهه پيو جهانگن لاءِ جُهري
ڪرن ڪُنگرا تنهنجي ڪوٽ جا پورا ٽين پري،
اباڻن جي اندر ۾ ٽي هينئڙي ڳالهه هُري،
مارن لاءِ مري، مظفر ويندي هٿ مارئي

* 275 *

عمر اباڻن جي جيڪا ڏنم جوءِ،
پسان روءِ بوءِ، ڏني ٽيم ڏينهڙا

* 276 *

عمر اباڻن جي من ۾ جا محبت،
تن سانگين جي صحبت، سانڍي رکيم ساهه ۾

* 277 *

جن سين گذاريم ڏينهڙا گڏ گذر ۽ مالَ،
ههڙا ٽيڙم حال، هيو لکيو لوح قلم ۾

* 278 *

عمر اچا ڪپڙا پايان نه پوشاڪ،
جاتي جهانگين ٽاڪ، آءُ به ويندس اوڏهين

* 279 *

عمرا چا ڪپڙا سِرَ تي نه سون نهن،
لقب ڪيئن لائيان محلين ماروئڙن،
ليڙون لوئي جن، پَٽَ سي نه پهريندين

* 280 *

عشق جنين جي اندر ۾ لاجي لات لنون،
پڙهيا سبق پريت مان تن سڀاجهن سامن،
سي ڪيئن ڳالهه سَلن، مظفر جيڪي محو ٿيا

* 281 *

عشق جن جي اندر ۾ تن کي نہ آرام،
راتو ڏينهان روح ۾ ريجهائن تا رام،
مظفر تن مقام، اجا پي اڳي ٿيو

* 282 *

آدم صلي ناهيان آهيان پاڻ الله،
احد منجهان ٿي آيو احمد ناهي هي سڀ ناهہ،
اچي ڪيم آگاهہ، مظفر ٿي مئخان ۾

* 283 *

اوٽ پيچ عبد جي تہ ساڳو آهين سِرُ،
تفاوت نہ تِرُ، هي هو آهي هيڪڙو

* 284 *

مئخاني جي ماڳ تي اصل هيس آءُ،
مظفر سڏائي نانءُ، ظاهر ڪيم ذات کي

* 285 *

مئخاني جي ماڳ تي اصل هيس مان،
هلي پوءِ اتان، مظفر ٿي موجان ڪيم

* 286 *

هي هو آهي هيڪڙو باقي بچيو ڪير،
صورت سانگي سيرُ، پاڻ ڪيائين پنهنجو

* 287 *

مئخاني جي ماڳ تي لاجو ڏس لقاءُ،
بيشڪ برهہ بقاءُ، مظفر اچي موجود ٿيو

* 288 *

مئخاني جي ماڳ تي آءُ هلي آيم،
پير هتي پايم، لهي عرش عظيم ڪان

* 289 *

مئخاني جي ماڳ تي حڪم هلايم،
اونهو آدم اوٿ ۾ اسرار رکايم،
سارو سڀ پايم، مطلب جيڪو مون هيو

* 290 *

قائم آهن قيامت تائين مئخانا مردن،
هاديءَ ڪان هَٽِ ڪيو اهو راز رندن،
پيهي پنهنجو پاڻ ۾ سجاتو سامين،
تن جي اوتارن، مظفر مزا ماڻ تون

* 291 *

سولي ڪر ستار تہ وجان ويڙهيچن،
سوگهو سڪ ۾ ساهہ ڪيو منهنجو ماڙيچن،
سي ويجها شال وسن، مظفر مِٺَ مئيءَ جا

* 292 *

عمر ادا ايترو توکي ظلم نہ جُڳائي،
امانت انهن کي ڏي مارئي موٽائي،
ويني واجهائي، مظفر ملڪ ملير ڏي

* 293 *

ٻڌي هَٿَ ادب جا ڪيان عرض الله،
سڪ ۾ سوگهو ڪيو سانگين منهنجو ساهه،
عمر سندو ڏهڪاءُ تو مظفر ماري مسڪين کي

* 294 *

فيض وارو فقير مليو داتا ٻگن شاهه،
وحدت جو ويساهه، هاديءَ ڏنو هن کي

* 295 *

آئي داتا دَرِ تيا نرالا نصيب،
ڍڪي منهنجا عيب، ڪولِ ڪيائون پنهنجا

* 296 *

آئي داتا در تيا نرالا نصيب،
ڪري غور غريب، ويهاريائون ويجهڙو

* 297 *

حياتيءَ جا ڏينهڙا باقي بچيا ڏينهن ٻه چار،
مظفر هن مسڪين ڪان تون شال مَ تئين ڌار،
جيئري ڪڻ نه ميار، مران محب مرضي پوءِ تنهنجي

* 298 *

مون ڏي ماروئڙن ڏُرسُ سڪي دلجاءِ،
ته پکا ۽ پنهوار تا سِڪن تنهنجي ساءِ،
هي پڻ تنين لاءِ، ماندي آهي مارئي

* 299 *

مون ۾ آهي مڙئي مداين جو ماڻ،
سوتو اچي پاڻ، هنَ ڏکيءَ تانن ڏور ڪرين

* 300 *

آهيان مُٺِ مٽيءَ جي کهڙي منهنجي ذات،
حم يٰسين طٰهٰ اها ڏاتر ڏنئي ڏات،
سونهارا سادات، ڪر ڪو ڪرم پنهنجو

* 301 *

داتا جو دَرُ داسڙا توکي ڇڏڻ ڪين جڳاءِ،
پنهنجو مطلب پاءِ، هلي هاديءَ اڳيان

* 302 *

لهر نہ لوڏو تن کي گهري جن پناھ،
هادي تن هر جاءِ، رکي امن امان ۾

* 303 *

شڪر مليو شاھ مون کي فيض وارو فقير،
ٿيو حمايت پيرُ، هِنَ هيڏيءَ جو هر جاءِ تي

* 304 *

فيض وارو فقير مليو داتا ٻگن شاھ،
رنديءَ وارو راھُ، هاديءَ ڏسيو هن کي

* 305 *

دلبر ناهي دور نظر ڪري نهار،
سو ڪيئن ٿئي ڌار، جيڪو وينو اچي وچ ۾

* 306 *

ڏورن ڏک واريون سکيون پَلِ سمهن،
مظفر محبوبن لئہ ڏي اوجاڳا اکين،
موٽي شال مِلن، جي پرين ويا پرديس تي

* 307 *

کا ڏنھن آيم سرتيون ھي ڏولاوا ۽ ڏک،
جيءَ اندر ۾ جُکَ، پرينءَ لائي ويا پنھنجي

* 308 *

سڌ نہ پيم سور جي اھا کائي خبر کانہ،
بحري ھٽي بانَ، موھي من محبوب ويو

* 309 *

آئي مند ميلاپ جي پرين اچ پيھي،
وَتِ تنھنجي ويھي، مان اوريان حال اندر جا

* 310 *

الله جو اسم تا کا پڙي کمائين،
لکا گھمن لوک ۾ اھا سڌ نہ سٽائين،
کنھن کي کين ٻڌائين، اوري حال اندر جو

* 311 *

ھادي حيات ھميشہ ٿو گھاري مون سان گڏ،
کنھن کي کيان سَڌُ، جو اندر ۾ اھو ٿيو

* 312 *

ھادي گڏ ھميشہ پري ناھي پاڻ،
کانھي کنھن جي کاڻ، جو اندر ۾ اھو ٿيو

* 313 *

ھادي ھت ھميشہ منھنجي اکين آڏو آھِ،
سَمايو منجھہ ساھہ، اندر ۾ اھو ٿيو

* 314 *

وسي هادي ويجھڙو چمن چوڌاري،
ڪري اظهاري، اندر ۾ اھو ٿيو

* 315 *

وسي هادي ويجھڙو ڪيئن چوان مان ڏور،
ونحن واري دستور، اندر ۾ اھو ٿيو

* 316 *

گڏُ آهي گُر سان انئي پهر ارواح،
سدا ساهہ پساهہ، سڄڻ اچي سمائيو

* 317 *

گڏيو آهي گُر سان وجي منهنجو خيال،
هاديءَ وارو حالُ، سدائين سِرِ منهنجي

* 318 *

جُدا منهنجي جيءَ کان دلبر ناهي ذار،
نظر ڪري نهار، تہ سڄڻ آهي سامهون

* 319 *

اٿم اها آس تہ پرين پَسي پوءِ مران،
ربُ رٿون راسُ، ڪندو ڪميٽيءَ جون

* 320 *

ڪانُ هٽي ڪيري وڌو تڏهان لاڪون تو،
ماري هن مشتاق کي قياس نہ پيئي ڪو،
تنهن جي سُڌ لهو، جيڪو قتيل تنهنجي فيراق ۾

* 321 *

پاڻ لڪائي پنهنجو آئين آدم جي اهڃاڻ،
پنهنجي مرضيءَ پاڻ، ظاهر ٿئين زمين تي

* 322 *

ظاهر ٿي زمين تي ورتئي قطري ۾ قرار،
لهي لامڪان کان اچي ٿئين اظهار،
اچي سڀ اقرار، پورا ڪيئي پنهنجا

* 323 *

پاڻ لڪائي پنهنجو آدم ۾ آيو،
مرضيءَ موجب پنهنجي تنهن پوش مٽايو،
رکي هي رايو، آدم ۾ اظهار ٿيو

* 324 *

ملڻ جو منهنجا پرين تنهنجو ڪنيم پيرُ پرو،
اچڻ سندو آسرو، پرينءُ مُڪو هن پاڄيءَ ڏي

* 325 *

دلبر دير نہ لاءِ سگهو موٽج سپرين،
ساري سدائين ٿو سڪ ۾ منهنجو ساهہ،
مظفر هن مسڪين ڏي توکي آڻيندو تہ الله،
اکين ۽ ارواح، آهي تانگهہ تنهنجي تن ۾

* 326 *

عيبن هاڻي آهي تون پنهنجو پاڻ سجاڻ،
مظفر هن مسڪين سان ريجهي ڪر رهاڻ،
پرين اچي پاڻ، ٿورا ڪر ٽڪيءَ تي

* 327 *

آيا اجهي اڄ سڄڻ منهنجا سپرين،
روح ڪندو رڄُ، پسي منهن محبوب جو

* 328 *

آيا اجهي اڄ پرين منهنجا پڪ،
ڏور ٿيندا سڀ ڏک، پسي منهن محبوب جو

* 329 *

ڏوريان ڏکن ڏينهڙا لالڻ تنهنجي لاءِ،
پرين پيهي آءُ، اڱڻ آسروند جي

* 330 *

پرتل اٿئي پيرَ هيءَ ننڌر نماڻي،
داتا تنهنجي ديدار لئه هيءَ وتي ويڳاڻي،
سائين تي ساڻي، ڪر وهلو واهر هن جي

* 331 *

ڪرڪا ڪميٽيءَ تي پنهنجي نظر پير،
سدا سڳهو لڳي هن ڪي هدايت جي هير،
دائم دستگير، رکو هٿ هٽين تي

* 332 *

نالائق لائق ٿيا تنهنجي نوري نظر ساڻ،
عشق عنايت ڪَيوَ اڇي هن اڻ ڄاڻ،
مظفر هن مسڪين ڏي آئين ٿي اڱواڻ،
هن پاڇيءَ ڏي پاڻ، هاديءَ هدايت موڪلي

* 333 *

دانهون درد وندي جي سٽي سڳهو آءُ،
هادي هاڻي تيءُ اڇي هن هيٽيءَ جو همراهُ،
معلوم اٿئي مظفر جو سارو سڌ سماءُ،
اڇي پاڻ پساءِ، هن سڪايل ڪي سيدا

* 334 *

مرشد کان معلوم ٿيو ھي مڙيو ئي حق،
لٿو شرڪ شڪ، مظفر سندي مئخان ۾

* 335 *

مرشد کان معلوم ٿيو رنديءَ وارو راھُ،
جلوو جاءِ بجاءِ آيو ڏسڻ ۾ اتھين

* 336 *

مرشد کان معلوم ٿي ھيءَ جا حقيقت،
ملڪ ھي معرفت، آيو ڏسڻ ۾ اتھين

* 337 *

مرشد کان معلوم ٿيو ھي سر ساڳي ذات،
تنھين جي تجلات، سارو جڳ روشن ڪيو

* 338 *

مرشد کان معلوم ٿيو ھي سر آھي الله،
اھو شھنشاھ، اولي آدم جي ٿيو

* 339 *

مرشد کان معلوم ٿي ھيءَ جا ڳجھارت،
برھ بشارت، اچي ڏني اتھين

* 340 *

مرشد کان معلوم ٿيو صوفيءَ وارو سيرُ،
ھي تان ناھي غير، ھر جاءِ حق موجود ٿيو

* 341 *

ھِتي ھُتي ھر جاءِ اھو پاڻ ئي آھي،
موجود ھر مظھر ۾ تو چٽو چوائي،
ٻِيو ڪوئي ناھي، مظفر ٿيو مشاھد

* 342 *

مرشد کان مليو صوفيءَ هي سبق،
صوفي لا مذهب آهي لٿو شرڪ شڪ،
هادي آهي حق، صحي ڪيم سرڪي

* 343 *

صحي ڪيم سرڪي پنهنجو آهي پاڻ،
ونحن اقرب ويجهڙو آهي ان اهڃاڻ،
ساڳي ذات سڃاڻ، جنهن اولو آدم جو ڪيو

* 344 *

صورت منجهہ سمائي پنهنجو آيو پاڻ،
نہ تہ مڙي ملائڪن سجدو چوڪيو چاڪاڻ،
آدم جي اهڃاڻ، ساڳو سر تي آئيو

* 345 *

شاھ بگن شاھ حق دا هادي هي رهبر،
طلب اندر وچ تنهين دي هي منگدا مهيسر،
اپڻا قدم پاڪ اناڪي گهوٽ آيا ميڏي گهر،
آيا اڪ نظر، هادي مينون هنباھ دا

* 346 *

عوشا قان نون عشق عنايت هادي بخش ڪريندا،
رستا رندي والا رهبر وحدت راھ رکيندا،
مظفر وچ مئخاني دي، آکي انا الحق اليندا

* 347 *

پائي پاند ٻچيءَ ۾ آزيون ڪيم هزار،
مظفر هي مسڪين آهي تو آڏار،
پير مغان پگدار، واهر ڪر ولهيءَ جي

* 348 *

ٽڪيءَ تي ٽورا ڪامل اچي ڪر،
دستُ مبارڪ داتا سائين دائم مون تي ڏر،
مظفر هن مسڪين جي آهين تون ئي ڇانو ڇپر،
نوري ڪر نظر، هادي هن تي پنهنجي

* 349 *

ڀهريون پسان پير جي پاڪ پيشاني،
هادي ڏيندو حق جو جام جيلاني،
لالڻ لاثاني، منهنجو آهي هنباهه ۾

* 350 *

سنبري ساجهر ڀهريون پسان پير،
تڏهن مون تقدير، ميٽي مشڪل معاف ڪري

* 351 *

ڀهريون پسان پير جي درس وڃي درگاهه،
ننڍر تي نگاهه، پاڻهين ڪندو پنهنجي

* 352 *

ڀهريون پسان پير جي وڃي پيشاني پاڪ،
مشڪل سيئي معاف، هادي ڪندو هن ٿان

* 353 *

ڀهريون پسان پيرُ جنهن جي اٿم اڪيرَ،
سو مون ثابت سيرَ، لنگهائيندو لطف سان

* 354 *

ڀهريون پسان پيرُ جنهن لئہ آءُ اداسُ،
رٺون سيئي راس، ڪندو ڪميٽيءَ جون

* 355 *

پهريون پسان پيرُ اکين وجي آءُ،
هاديءُ سندو نانءُ، سڻي مون ٻاجهہ ڪري،

* 356 *

رهبرواري راهہ جو دوڙي وٺن دڳ،
لاري تنهين لڳ، تہ منگتا مان لهين

* 357 *

سدا سپيرين جي تن ۾ رک تنوار
ٻئي ڏي ڪيمَ نهار، تہ منگتا مان لهين

* 358 *

آيا داتا در سُڻي شاهي شان،
گُر ڪان وٺي گيان، پنڌ وارا پر ٿيا

* 359 *

پنڌ وارا پر ٿيا رندي چڙهين رنگ،
صوفين سندو سُنگ، هليو اچ هنباهہ ڏي

* 360 *

هلي اچ هنباهہ ڏي فقيرن جي فوج،
مظفر مستي موج، سدا صوفين سر تي

* 361 *

سڌِڙين سڌ ڪئي تڏهن رهيا ڏار،
هلي ڏس هيڪار، پرت واري پنڌ ۾

* 362 *

ٻڌين جي ٻوڙا تون رندن وارو راڳ،
حق سان حاصل ٿئي لا وارو لاڳ،
مئخاني جو ماڳ، وسائي ويهي رهين

* 363 *

انگ منھنجو اڳھين جيڏيون لکيو جو،
لکيو لوح قلم ۾ سامھون آيو سو،
مظفر ھن مسڪين کي پتو ڪو نہ پيو،
اصلئون ھنيئن ھيو، نڌر جي نصيب ۾

* 364 *

قضا ٽري ڪا نہ توڙي حيلا ڪرين ھزار،
پينر ياڳي آئيا سرتي سورن بار،
جڏھن سولي ڪري ستار، تہ چڪڻ مان چڙھي پوان

* 365 *

ظاھر ٿيو زمين تي عرش چڏي افلاڪ،
ڪنيائين خوشيءَ مان پنھنجو قدم پاڪ،
ھتي ٿيو ھيراڪ، آدم جي عنوان ۾

* 366 *

طالب دنيا جا وڏا حرص ھٽي،
ڪُتن وانگي ڪيترا ھوڏنھن ھڪ ڄٽي،
مظفر طالب مولاجا ھلن ڪو نہ ڪٽي،
تن جي بات ٻٽي، جن جو عشق الله سان

* 367 *

ڊوندِ مٽي ڊوندِ ڪائن تا حرام،
دنيا جي دور جا تي گذرن غلام،
ميڙيائون مايا مال کي ڪوڏي اچين نہ ڪام،
جنھن سان ريجھي رام، سا پر پاڙن ڪينڪي

* 368 *

دنيا جي دور جي لحظو ھت لذت،
ساڻ نہ سدائين ھلي عمر گھاريئہ غفلت،
ھُتي ھٽندين ھٿ، پوڄاري پئسي جا

* 369 *

کر پليت پري دنيا هٿ نہ لاءِ
دنيا وارن جي مٿان لعنت آهہ جاءِ
حب دنيا جي رکين توکي الله جي حب ناهہ
طلاق ڏئي تنهن کي مظفر تون موٽاءِ
لنئو نہ تنهن سان لڳاءِ جيڪا بيوفا ٻڍي وڃي

* 370 *

لطف جو نہ لاهہ هادي هن تان هٿُ
پاجيءَ سندي پت، رکي رهبر راڄ ۾

* 371 *

ڏک منهنجي ڏاج ۾ اڳيئي هيا
پسڻ ڏاران پر جي وڏي سي ويا
پرينءَ پاڻ مُڪا، سوکڙي سور ڪري

* 372 *

سمهن سُک واريون ڏکيون ڪين سمهن
آرام اکڙين جو ويو اڏامي تن
اگڻ پرين اچن، تہ وجن ڏينهن ڏکن جا

* 373 *

ڏکي آهيان ڏيهہ ۾ پرينءَ بنان پاڻ
موڙي منهن محبوب ويو مون مٿاڻ
مظفر هن مسڪين جي کهڙي سندن ڪاڻ
حال ڏسي هي هاڻ، سُڌ لهوڪا سورجي

* 374 *

ڦيٽس جن فيراق سي پڻ ٻڌندم پٽيون
پري ورهہ وٽيون، پرين ڏيندا پاڻهين

* 375 *

هادي رهبر حق جو مليو آهي مون،
اندر ٻولي هو هو جي طلب اٿاري تون،
مظفر مونکي عشق جي لڳي ڪا لنئون،
سائينءَ جي پارون، مطلب ٿيا منهنجا

* 376 *

مطلب ٿيا منهنجا پوچي ڏنم پيرَ،
شاھ ٻگن جي شفقت سان مليو فيض فقير،
مظفر هن مسڪين کي هئي اصل ڪان اکير،
سو مون ثابت سير، ڪاريندو احساس سان

* 377 *

قابو ڪيو ڪانُ هٽي منهنجو سپرين ساھ،
هاٽي انئي پهر ارواح، تو تانگهي تن پرينءَ ڏي

* 378 *

غريبن گفتار ڪيو پاڻ قريب،
ملڻ جي منهنجا پرين ٿئي عنايت عجيب،
سي تا سڪن غريب، جيڪي دلبر ديوا ناڪيا

* 379 *

دلبر ديوانا ڪيا حال تنين جا هي
هڪ قتيل فيراق جا ٻيو باھ برھ پڙڪي
مظفر مشتاقن کي ڪوئي ڪو نہ لَکِي
عاشق آهن اهي، جيڪي ٻڌائن نہ ٻين کي

* 380 *

ڪٽي پنهنجي خيال کي عاشق عرش اماڻ،
آدم ناهين اصلي سائي مام سڃاڻ،
سوئي آيو سير ۾ هي ڪري حق ڄاڻ،
پنهنجو ڪري پاڻ، عالم ۾ اظهار ٿيو

* 381 *

وسي ٿو ويڙهي هادي منهنجو حق،
پري ناهي پاڻ کان تون چو ٿو پائنئين شڪ،
پير مغان کان پڪ، مظفر ملي مئخان ۾

* 382 *

لاحد جي لقاءَ جو تون سارو خيال سماءِ،
پسڻ مان پرجهه تون هادي اٿئي هرجاءِ،
اصل اهو آه، تما شوئي تنهنجو

* 383 *

ڪعبي وڃان چو منهنجو مرشد حج ٿيو،
پسي رخ پير مغان جو آهي اڪبري حج اهو ،
ڪعبو مان قبلو مان مونکي هاديءَ هئين چيو،
مظفر مون ڪيو، دائم حج ديدار ۾

* 384 *

ڪفر جا ڪلمان مونکي هاديءَ پڙهايا،
اصل قدسي ڪعبي ڪي سَوَ سجود ڪريا،
مظفر مئخاني ۾ سپ راز سمجهايا،
عامن خيال اجايا، صوفيءَ سير صحي ڪيو

* 385 *

پيهي ڏنم پاڻ ۾ دلبر ناهي دور،
وسي ٿو ويڙهي هر دم هوت حضور،
مظفر ٿيو مشهور، مئخاني جي ماڳ تي

* 386 *

مئخاني جي ماڳ جي رمز سڃاڻج راهه،
وحدت جو ويساهه، ماڻ انهيءَ مام سان

* 387 *

پنھنجو ڏس تون پاڻ ۾ ديھيءَ ڏيان ڏري،
موتو قبلل انت موتو جيئري جو مري،
پاٽان ٿيءُ پري، تہ ويجھو ٿئين وصال کي

* 388 *

رند رھيا روز شب شامل منجھہ شڪر،
ھاديءَ واري حال سان ڦرھيءَ ڪن فڪر،
ذاتيءَ جو ذڪر، ڪڏھن وسارن ڪينڪي

* 389 *

گڏيا پنھنجي گُر سان رند ڏينھان ۽ رات،
ذڪر ذاتي ذوق جو اٿن تن ايھائي تات،
رھبر تن راضي ٿيو مظفر ڪنھن مصلحات
نڪري نالو ۽ ذات، حق تن حاصل ڪيو

* 390 *

حاصل ڪيائون حق کي سپ ڇڏي سانگا،
مظفر ڏس مئخان ۾ ٿيالاحد جا لانگھا،
وحدت جا وانگا، اڏيائون اوري اچي

* 391 *

حق واري حال سان ھادي ھر دم ساڻ،
ونحن اقرب ويجھڙو ڄاتو جنين ڄاڻ،
مظفر جي مئخان ۾ اھو اٿن اھڃاڻ،
پيھي اندر پاڻ، سڃاتائون سر کي

* 392 *

ڪري آيم ڪيترا ھن پنيءَ متان پال،
سڪ ونديءَ جا سوال، آگي سپ اگھائيا

* 393 *

کيا کيترا هن ٽڪيءَ تي تورا
ڳڻ ڪان ڳورا، جيڪي عجيبن احسان ڪيا

* 394 *

ٻانهي ٻاروچل جي هيءَ اصل ڪان هوءِ
پنهل پڄاڻان پوءِ، حال ٿيم ههڙا

* 395 *

پرين پيهي آئيا پينر ٿيم پاڳ
وري واريائون واڳ، ولهيءَ جي وٿاڻ تي

* 396 *

جوگي بڻ ڪي رانجن سائين ڪن وچ ڪنڊل پايا،
جهنگ سيال وچ جهوڪان لاڪي تخت هزار اڙايا،
مظفر مين نماڻي ڪون گهورنينان دي گهايا،
چاڪان والي چال چليندا رنگپور ڪيتس رايا،

* 397 *

پنهل خاطر پنڌ ۾ هلندي هيءَ هاڙهي،
ٻاري ٻار بلوچ ويو چريءَ مٿان چاڙهي،
سورن ۾ ساڙي، جت ويا جيڏيون

* 398 *

چڙهي پر پنيور جي هاڙهي هلندس هاڻ،
پنهل اچي پاڻ، ڪندو ماڙ مُنيءَ تي

* 399 *

چڙهي پَر پنيور جي وجان تي وٽڪار
پينر ريءَ بلوچ جي اچي ڪو نہ قرار
جيڏيون ڪيم نہ جار، تڏهن آيا اوجاڳا اکين کي

* 400 *

چڏي پر پنيور جي ڪيڇن ويندس ڪڏهن،
وڏا اندر ۾ وڌي، عشق آريءَ ڇام جي

* 401 *

ڇڏي شهر پنيور ڪي ڪيم ڪشالا،
ڦٽيءَ ڦٽ فيراق جا اڃا ٿيا آلا،
نت نت نرالا، سور آيم سرتيون

* 402 *

ڪٽي پنهل پاڻ سال ساجهر ويا سيئي
جتن ڪارڻ جيڏيون ڪيم ڪشالا ڪيئي
ڏک ڏکيءَ ڏيئي هو جي رات هليا ويا

* 403 *

جتن جيئن ڪيو ناهه مناسب تن،
ڏوهڻ ڪان ڏار ڪيو آهي پنهل انهن،
آڏيءُ جو اتنِ، هونگاريون هليا ويا

* 404 *

جيڏيون تن جتن جو اتم اهو ارمان،
خاطر خان پنهل جي ڪليو ڪيڪاريانِ،
جايون اڪين جيءَ ۾ ڏسي مان پئي ڏيانِ،
ائين سمجهي آءُ نہ، تہ ڪو ويندا ڪٽي ورڪي

* 405 *

ستيس سنجهي آءُ صبح ٿيم جاڳ،
پنهل ڪٽي پاڻ سان ويا ساجهر مَٿي ماڳ،
پينر منهنجو ياڳ، اصل ڪان اهڙو هي

* 406 *

موت متي منهنجي آهي سياڻ اڄ،
ڪو نہ ٿئي رڄ، پسڻ مان پرينءَ جي

* 407 *

ڇني هيءَ ڇوري ڪيائون ڏوبڻ ڏار،
ڏيرن ڪهڙو ڏوهہ ڏيان مان جاڳي ڪيو نہ جار،
آرام اچي ڪو نہ ڪو آهيان پنيورئون بيزار،
پڇان تن جا پار، جيڪي مظفر ماڳ وٺي ويا

* 408 *

صوفيءَ سمائي ساهہ ۾ مرشد واري جام
صورت واري سير ۾ آهيان محو مدام
مظفر مئخاني تي جان جو پيتو جام
ترڪ ڪفر اسلام، ويو ٿي وحدت ۾

* 409 *

هاديءَ واري حال جو واقف ٿئي جو،
اصل انهيءَ اهڃاڻ جو هيءُ ٻڌُ هوڪو،
مظفر تنهن مڪان جي لڪان لهي ڪو،
هاديءَ حق ڇيو، اسان آ آمين ڪيو

* 410 *

سٽي سڏ سائل جا هادي اڄ هڪوار،
مظفر هن مسڪين جي اچي ٿيءُ آڌار،
اهنج اهي آزار، لاهيو پنهنجي لطف سان

* 411 *

صدا ڪرسائل جي پيرَ اها پوري،
هن منهنجي حال جي اتوَ سُڌ سموري،
نظر ڪرنوري، هادي طرف هن جي

* 412 *

نظر ڪر نوري پيرن جا پڳدار،
گدا گهري گنج مان ملي ونڊُ مگڻهار،
مظفر هن مسڪين جهڙا پر ٿيا پينار،
مغان تو مهندار، نالائق نوازيا

* 413 *

پوش فقيري پاڪي اٿان هودا هل هلايئه،
ونحن والي واعدي ويڙهي رمزان خوب رلائيه،
فيض فياضي سانون مليا پيالا پر پلايئه،
مظفر وچ مئخاني دي آکي انا الحق الائيه،

* 414 *

ڏکيا گذاريم ڏينهڙا ڪوٽن ۾ ڪيئي،
مارون مٺ مئيءَ جا آهن سانگيئڙا سيئي،
واپس هيءَ ڏيئي، اچ امانت انهن کي

* 415 *

جتن جوءِ مٽائي پاڻ چني پاڙو،
مظفر هن مسڪين کي آهي روح رڳو راڙو،
ڏُکيءَ کي ڏاڙو، هٽي ويا هوت جو

* 416 *

وٺان پنهنجي وَر کي ڳوٺ ڳليون ڳولهي،
مظفر ملندو مسڪين سان سانگ ڪنهين سولي،
ونحن جي قولي، هادي ايندم هتڙي

* 417 *

سودن سسئيءَ کي اچي ڪيو اداس،
آريءَ جي انن جي بَرَ ۾ پيم بانس،
پنهل منهنجي پاس، ڏونگر ڏوريان ڪنهن لاءِ

* 418 *

اکر چئي الف جو هاديءَ ڏسيو حق
پير مغان هن پاڄيءَ کي پوري ڏني پک
لٿا شرڪ شڪ، مظفر مونجهاري جا

* 419 *

هاديءَ ڏسيو هڪڙو حوف حقاني،
سمجهي تان صحي ڪيم صورت سلطاني،
نظر نوراني، جلوو آيو جاءِ بجاءِ

* 420 *

ڇني ڇڏيائون ڪينڪي مون ڏسي ميرا
ڀنيءَ جا ڀيرا، سرتيون اگهيا سيئي

* 421 *

سرتيون اگهيا سيئي جي ڪيم ڪشالا،
پيتم پر پيالا، هٿان اڇي هوت جي

* 422 *

لڳو ناوڪ نيهن جو عاشق ٿيو اسير،
آڏو آئي تقدير، جيڪا لکيل لوح قلم ۾

* 423 *

ڪڇن ڪنهن سان ڪينڪي اهي فيراقي فقير،
سچ جا ٻڌي سندرا ويا ثابت منجهان سير،
اندر منجهه اڪير، اٿن آريءَ ڄام جي،

* 424 *

هوجي ٿيا حق جا هوڪا منجهه هنباهه،
مظفر مئخاني ۾ تن ورق واريا ويساهه،
انهن کي الله، مليو هاديءَ واري حال ۾

* 425 *

هاديءَ واري حال ۾ جن کي ٿيو يقين،
مظفرمئخاني ۾ تن کي ٿي تلقين،
غازي سي غمگين، ڪڏهن ٿيا ڪينڪي

* 426 *

هو ڪا منجهه هنباهه ۾ وڃن ٿا وحدت،
مظفر موهيو مام سان صوفيءَ جي صحبت،
روح کي راحت، اچي پير مغان جي پڙَ ۾

* 427 *

آدم اصلي ناهيان آهيان اصل پاڻ،
اچڻ وڃڻ ڪاڻ، سانگ ڪيم صورت جو

* 428 *

آهيان اصل پاڻ باقي بچيو ڪير،
صورت رکي سير، ڪيم کي هت ڏينهڙا

* 429 *

غريبن تي غور ڪندو پاڻ قريبُ،
ايندو اڳڻ اسان جي هلي پاڻ حبيب،
نرالو نصيب، آئي ٿيندو ان جي

* 430 *

چنڊ جي شال ڪندا ڪو نہ قريب،
چيو جن چريءَ کي رلياسي رقيب،
ڏيندو هٿ حبيب، ڦيري پنهنجي فضل جو

* 431 *

ڪڇن ڪنهن سان ڪين سامي منجهه صبر،
مظفر آيا مئخان ۾ ٿيو آديسن امر،
تڏهن ڪان تڪبر، وينا وڃائي پنهنجو

* 432 *

نہ مون خواب نہ خيال تنهنجي عشق اٿاريم اوچتي،
مظفر هن مسڪين جو ههڙو ڪَيوَ حال،
سدا ساهہ سنيال، آهي عجين جي

* 433 *

نہ مون ايرُ نہ پيرُ تنهنجي عشق اٿاريم اوچتي
مظفر چوي محبوب تون ايڏي لاءِ نہ دير،
پرين پري آءُ پير، هت اندر منهنجو اڌ ٿيو

* 433 *

ووڙيم سپ وٿاڻ هوت ڪارڻ هتڙي،
آيو منهنجي اندر ۾ ڪيان ڪنهن جي ڪاڻ،
سو مون سدا ساڻ، ڪيم ڪشالا جنهن لئہ

* 435 *

نہ مون خبر نہ چار تنهنجي عشق اٿاريم اوچتي،
مظفر مون مسڪين کي لڳي لنو لنو ۾ لغار،
اڳ تہ هيس هوشيار، هاڻي سوگهو ساهہ ٿيو

* 436 *

سجدو صورت سامهون ڪعبي ڪري ڪير،
مڙي ملائڪن ڪيو سجدو ازل سوير،
هن ناهي هيرَ، جو سجدو ڪري سين کي

* 437 *

هي جو هلي آئيو ڪري هل هنگام،
وحدت واري وات سان ٿو پاڻ ڏئي پيغام،
مئخاني مدام، ٿو رهي پنهنجي راز سان

* 438 *

ونحن اقرب ويجھڙو آندو جن اعتبار،
مظفر مئخان ۾ تن درس پسيو ديدار،
ڪيا منجھہ خمار، نشي نرالي نينهن جي

* 439 *

ڇڏي سانگو سر جو هٿ ڪري هل،
موتو قبلل انت موتو اهو سڪُ عمل،
پرت انهيءَ ۾ پَلُ، هميشہ حيات ٿئين

* 440 *

سامي انهيءَ سَيرَ ۾ محو ٿيا مهراڻ،
پيهي پنهنجو پاڻ، سير ڏٺائون سِرَ ۾

* 441 *

سامي انهيءَ سير جي جوت جوڳيئڙن،
مظفر ڳجهي مام جي خبر پاڻون پيئڙن،
حب اها هُيَڙنَ، سا ماڻيائون محو ٿي

* 442 *

ڪَن ڪپائي ڪا پڙي طمع ڪر ترڪ،
اصل آديس جو اهو مورئون ناهي مرڪ،
رهڻيءَ منجھہ فرق، تڏهن آهي تنهنجي

* 443 *

هو جي پسن هوت ڪي آءُ پڻ پسان تن،
صحبت سندو ساءُ آهي خاص انهن،
پچارون پرين، آهن راتو ڏينهان روح ۾

* 444 *

ويا ويراڳي نڪري هٿ جوشن منجھہ جلان،
جادولائيءَ وياجيءَ ۾ ڪيئن مان پاڻ پليان،
ڪنهن سان سڪ سليان، ساميئڙن جي سوزجي

* 445 *

پينر شهر پنيور مان چڏي جتن جوءِ
ڪٽي پنهل پاڻ سان هاٽي ويا هُوءِ
جيڪي رات هيم روءِ، سي آڏيءَ جو اٿي ويا

* 446 *

پينر شهر پنيور مان چڏي جتن جاءِ
مظفر هن مسڪين ڪي هُئي ڪل نہ ڪاءِ
ڏئي پنيور ڪي باهہ، هاٽي هلندس هوت ڏي

* 447 *

هُيس تنهنجي آسري اصل ڪان ئي آءُ
نرمل تنهنجوو نانءُ ورتيو ويني آهيان

* 448 *

چڏي شهر پنيور ڪي وجان ڪيچن ڪيد
پنهل جي پريت جو آهي ڏکيءَ ڏڍُ
وڏا اندر وَڍَ عشق آريءَ جام جي

* 449 *

هيءَ دل وئي هتن مان سا واپس ڪئين وري
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي تي مُني هيءَ مري
جيڪا آئي عشق اري، موٽڻ تنهن مشڪل ٿيو

* 450 *

ڪاٿي ڪري پاڻ تو جٽين جو جنسار
ڪاٿي ڪفر دين جو تو رکيو تڪرار
اهڙا لکين روپ هزار، پڌرا ڪيائين پنهنجا

* 451 *

سين رکيائين سير خواهش خاطر پنهنجي
پنهنجو اچي پاڻ ٿيو تي ويو گم غير
تنهن ۾ قند نہ قير، اچي آدم جي اولي ٿيو

* 252 *

صوفي سارو سچ آهي خوديءَ کنون خالي،
هتان هادي شاهہ جي تا پئين پُرِ پيالي،
انهن تي عالي، اها آهي عنايت عشق جي

* 453 *

اها عنايت عشق جي آهي عاشقن،
سوليءَ متي سرڙا تا گهوريون گهوٽ ڏين،
مظفر انهيءَ مامہ جي ساري سڌ سندن،
قدم نہ پوئتي ڪن، ڪهڻ واري ڪات ڪان

* 454 *

فنا جي فڪر جو غازي ڪن نہ غمر،
مظفر مئخاني ۾ تا رهن محويت گمر،
هڻن منصوري دمر، اناالحق آواز جو

* 455 *

خاڪي چوين جنهن کي سوئي آهي پاڪ،
فرش زمين افلاڪ، منجهہ اهو موجود ٿيو

* 456 *

خوشيءَ پائي خلاڪو خرڪو چاهہ منجهان چولو،
آدم جو اولو، هاڻي ڪيائين هن روپ ۾

* 457 *

ڪيائين هن روپ ۾ صورت جو سينگار،
رکي اهو اسرار، سير ڪيائين سڀ ۾

* 458 *

سير ڪيائين سڀ ۾ وني ڪڪ پن منجهہ قرار،
پرينءَ سڀ ڪنهن پار، هجڻ ٿيو هر جاءِ تي

* 459 *

خلقي ساري خلق کي سندس خلقيندڙ ڪير،
بيک ڦيرائي پير، اهوئي آيو هتي

* 460 *

مئخاني جي ماڳ جو سارو خيال سماءِ،
ونحن اقرب ويجهڙو لنوءُ تنهين سين لاءِ،
مري مطلب پاءِ، موتوءَ واري مام جو

* 461 *

امانت عشق جي مٿي تو مٿانءُ،
سوين صورت نانءُ، رکي آئين انهيءَ رنگ ۾

* 462 *

آدم تي اٿايئہ برهہ وارو بار،
ساڳوو سر صورت ۾ اچي ٿئين اظهار،
پهري پوش هزارُ، پاڻ لکايئہ پنهنجو

* 463 *

لکيو لوح قلم ۾ هيو منهنجو انگ،
هن نماڻيءَ جو ننگ، آهي اصلئون آري ڄام تي

* 464 *

فکر کي فقير هٿان مور مَ ڇڏِ،
خام وڃائي خطرا لاجي پاسي لڏ،
جنهن کي ڪرين سڏ، سو وينو اٿئي وچ ۾

* 465 *

ڪُنُ پيدا ڪالهہ ٿيو اڳي هيس آءُ،
رکي آدم نانُ، ظاهر ٿيس زمين تي

* 466 *

ڪُنُ پيدا ڪالهہ ٿيو هيو اڳي منهنجو راز،
اچڻ جو آواز، پوءِ ڪيم پنهنجو

* 467 *

ڪُنُ پيدا ڪالهہ ٿيو هيو اڳي منهنجو نور،
پوءِ ڪيم مشهور، پنهنجو اچي پاڻ کي

* 468 *

ڪُنُ پيدا ڪالهہ ٿيو مان هيس مٿي عرش،
ڦري هستي فرش، لهي آيس لڪ ۾

* 469 *

سگهو منهنجا سپرين توکي آڻي شال الله،
اوهان جي اچڻ لئہ مان رويو نهاريان راهُہ،
مظفر هن مسڪين جو ڪيئي سڪ ۾ سوگهو ساهُہ،
اڄ سياڻي آءُ، تہ ڏسي لهن ڏکڙا

* 470 *

ڪاوڙ قريبن جي ايءُ پڻ چڱائي،
جيئن ڏين جهٽڪان تيئن سڪ سوائي،
مورئون مدائي، ڪرڻ نہ ڪڏهن سڪيا

* 471 *

ڪنهن ڏک ڪنهن سک ڪنهن سورن جا سامان،
مظفر هر هر مالڪ جا تون شوقون ڪر شڪران،
ڪرين چو ارمان، هي سڀ هٿ حبيب جي

* 272 *

وطن وساري وينين پنهنجو هيءَ چو وڏئي هيرَ،
پاڻ سڃاڻ پنهنجو تون اصل آهين ڪيرُ،
پَرِ اوڏانهن پيرَ، آئين جاتون اصلي

* 473 *

بار ملامت برهہ والا سر پر سڀ اٺاياميں،
اٿان ڪوئي اورهياسي هڻ پوش فقيري پاياميں،
مئخاناهي ماڳ اسا ڏا مظفر نام ڏراياميں،

* 474 *

جاچيم سڀ جهان هوتُ ملير مون هِتِ،
پاڻ ڏنائين پَتِ، وڏائي ويساهه جي

* 475 *

سڃي ئي سنسار ۾ پرين آهي پاڻ،
سو جدا جانب ڪينڪي سدا آهي ساڻ،
حق هر جاءِ جاڻ، ڇڏي غير گمان کي

* 476 *

عالم ۾ اظهار پرينءَ ڪيو پاڻ،
سوتون صاف سڃاڻ، جيڪو اولي عبد جي

* 477 *

عالم ۾ اظهار ٿيو آيو ٿي آدم،
ويو سڀ وهم، پنهنجو آيو پاڻ ٿي

* 478 *

هلي هاديءَ دَرِ من جو منصب پاءِ،
فيض واري فقير جي دل کي ڏي دلجاءِ،
مظفر مون مسڪين جي حامي آ هر جاءِ،
اسم الک ڪماءِ، ويهي اور وجود ۾

* 479 *

لاهي لاڳاپا سامي ويا ساجهر،
ڪڍي ڪا نہ وجڻ جي ٻاق تنين ٻاهر،
مظفر خالي مڙهين مان پئي خاص خبر،
جي هٿ آيا هيڪر، سي موٽي پنهنجي ماڳ ويا

* 480 *

سرتيون سيئي سڪ ٿيا آيو آري ڄام،
سور سيئي ويا سِرَ تان بي حد بار تمام،
مظفر هن مسڪين جي سامهون سڪ پيام،
ڏني ڏينهن ٿيام، هاٺي پسان هوت کي

* 481 *

اونهي هن اسرار جي ڄاڻ ڪوئي ڄاڻي،
ونحن اقرب ويجهڙو سدا يقين آڻي،
سارو سڄاڻي، صوفن سير صحي ڪيو

* 482 *

پنهنجو پَسُ پاڻ ۾ هادي نيئي هٿ،
چوڌاري چمن ۾ جلوو ڏس جٽُ ڪِٿِ،
پڇ دوئيءَ جي پت، تہ پنهنجو پسين پاڻ ۾

* 483 *

صبر وارو ساءُ هٿان مور م ڇڏ،
ان الله مع الصابرين آهي توسان گڏ،
ڪنهن کي ڪرين سڏ، آهي ونحن اقرب ويجهڙو

* 484 *

سِڪِي سِڪَي سور ۾ پنهل پاڻ پساءِ،
ڏک ڏولا وا ڏکيءَ تان لالڻ سيئي لاھہ،
مظفر هن مسڪين تي فضل وري فرماءِ،
اهو آسرو آھہ، ملڻ جو منهنجا پرين

* 485 *

درد ونديءَ جي دل ۾ سوين سور هزار،
ويچاريءَ نہ وسُ ڪو ٿي سِڪي سپ جمار،
مظفر هن مسڪين تي آيا بي حد باري بار،
پسي دلبر جو ديدار، سرتيون سيئي سُک ٿيا

* 486 *

مئخاني جي ماڳ تي مڙيا اڄ مشتاق،
پئي وڃي پري تائين هيءَ تنين جي هاڪَ،
اهي ٿيا اوشاق، پي پيالا پِرَ ڪان

* 487 *

پرين هن پياسيءَ کي دلبر ڏي ديدار،
انئي پهر اوهان جي آهي ساهہ سنپار،
مظفر هن مسڪين جي واڳ وطن تي وار،
لهن غم غبار، آئي تو عجيب جي

* 488 *

پئي قاصد پيش پرينءَ جي ساري ڳالهہ سڻاءِ،
تہ مظفر هن مسڪين کي آ هينئڙي لڳي هاءِ هاءِ،
دلبر ديدار پساءِ، اڃي هيڪر حياتيءَ ۾

* 489 *

اوڏو نہ اسلام جي ڪلمي ڪن نہ پچار،
دور ٿيا دوئيءَ کان نڪي ڪفر ڪار،
عاشقن اعتبار، پروڙي پختو ڪيو

* 490 *

پروڙي پختو ڪيون بينا ساڻ يقين،
هاديءَ کان حق جي توڙئون ٿين تلقين،
ٻولي حق ريءَ ٻي نہ، گُرَ کان سکيا گودڙيا

* 491 *

اڄ دل چريءَ اوچتي سڄڻ وري سارياس،
تن ڏني گهٽا ڏينهن ٿيا هت مونجهاري مارياس،
ڏک ڏيکاريانس، پنڌ اٽاوا پيچرا

* 492 *

سڏيان تن کي سڪ مان سڪي جن لئہ ساهہ،
ملندا مون مسڪين سان اهو اتم ويساهہ،
انهن لاءِ ارواح، تو مظفر جو ماندو رهي

* 493 *

نڪري نسنگ نروار تي اوٺ نڪي اڙ ڪا،
ٻاروچو ٻاري وي تي باھ ڪري پڙڪا،
ڪيچ ڪيون ڪڙڪا، حب مان هلندس هوت ڏي

* 494 *

ڪونهي ڏوھ ڏيرن جو ڏيرن ڏوهي آءُ،
مونکي نند نهوڙيو صبح ڪيم دانهن،
مظفر منهنجو لکيو هو ننگ پنهل سان نانءُ،
ڪاهي ڪيچ ڏانهن، جبل جهاڳيندي جت لئہ

* 495 *

جن هادي ڏنو هنباھ ۾ تيو حق حاصل تن،
مظفر چوي ماڻيون سڀ مراديون من،
رهبر ساڻ رندن، حامي آ هر جاءِ تي

* 496 *

حامي آ هار جاءِ تي داتا تبگھ بگن،
ڏسي عيب انهن جا تو بخشي بدڪارن،
هميشہ هر حال ۾ آهي مدد مسڪين،
طالب تا تگن، اجهي سندس آسري

* 497 *

رنگپوري دي وچ راجهن سائين رنگڙا خوب رچايا،
مين نماڻي دي نيڙي وسدا ڪيس سانگ سجايا،
مظفر ميڏي رانجهن ڪون جو سيالين سمجھ نہ پايا،

* 498 *

هدايت حق جي طالب تا تڳن،
ورتائون فيض فياض جو هٿان شاھ بگن،
لهر نہ لوڏي تن، جن ڪي هادي مليو هنباھ ۾

* 499 *

پيٽي ڏسو پلي پرکي منهنجو پيرُ،
هلي هيٺن ڏي اچي اڙين جو اڪسير،
دائم دستگير، ٿو ڪري ماڙ مريد تي

* 500 *

ڪري ماڙ مريد تي مشڪل ۾ ميران،
بــغدادي بادشاهه جو آقدم ڪل پيران،
ميٽي تقديران، سائل جون سيئي اچي
*

* 501 *

پيو اچي پينار سيد تنهنجي سام،
وڃايم وجود مان خوف خطرا سپ خام،
مظفر تي مُدام، ٻاجهه ٻاروچي ڪئي

* 502 *

حال ڏسي هيٺو ڪرڪو قرب قريب،
تسلا ڏي تنکي اچي پاڻ عجيب،
هن نماڻيءَ جا نصيب، ٻيڻا ٿين ٻاجهه سان

* 503 *

اچڻ سندو آسرو مُڪو محبوبن،
مظفر هن مسڪين ڏي آيو قاصد ڏانهن پرين،
سڪي جن لاءِ من، سي سڄڻ آيا سامهون

* 504 *

پرينءَ ڏيکاريو پاڻ ڪلي اچي خواب ۾
ڪيائين ڪميڻيءَ سان ريجهي روح رهاڻ،
مظفر هن مسڪين کي ڏئي دلاسا دل ساڻ،
اجهو آيم جاڻ، سنيهو ڏانهن سڄڻين

* 505 *

آيو ڪينجهر ڪنڌئين ڄام سمون سلطان،
ميرن مهاڻن کي اچي ڏنائين انعام،
مٿي تن جو مان، نوريءَ جي نوڙت ڪيو

* 506 *

ڪينجهر جو ڪالهه جي پريندا هئا ڏن،
موڪلي مهاڻن ڏي تو ڄام دولت ڏنُ،
تماچيءَ جو تَنُ، ڪينجهر منجهه قراريو

* 507 *

ڪو ڏينهن ڪينجهر ڪنڌئين گندريءَ وٽ گذار،
هٿ رکيو تو هن کي ڄام سمي سردار،
ڏسي عيب اپار، راضي هن سان راءُ ٿيو

* 508 *

جڏهن آيو ڄام ڪينجهر ڪنڌيءَ پَرِ،
اچي پيس اوچتو نوريءَ تي نظر،
ڄام تماچيءَ وَر، ڪکيءَ هاڻن جي ڪنئي

* 509 *

ڪري آيو ڪيترا ڄامان لک هزار،
ونحن اقرب ويجهڙو دلبر ناهي ڏار،
مظفر انهيءَ مام جو ڪيو عاشق اعتبار،
تو ٻولي ٻولٽهار، هر ڪنهن صورت هڪڙو

* 510 *

اٿم آسرو تنهنجو ٻي نہ سجهي واهہ،
همت ڏي هن هيڻيءَ کي تي شامل ٻگن شاهہ،
رهبر تنهنجي راهہ، مان وينس نت نهاريان

* 511 *

وينـي نت نهاريان اجهي اڄ ايندا،
دلاسا ڏُکيءَ کي ڏسڻ سان ڏيندا،
مديون ميٽيندا، مظفر هن مسڪين جون

* 512 *

وٺي وجهي ايتري تون دلبر دير نہ لاءِ،
مظفر ڇئي مسڪين کي تون سهٽا ڪين سڪاءِ،
پَلُ ۾پاڻ پساءِ، تہ وڃن غم غريب جا

* 513 *

وٺي وجهي ايتري تون دلبر ٿيءُ نہ دور،
مظفر هي مسڪين ٿيو تنهنجي محبت ۾ مخمور،
پلپل تنهنجو پور، ٿو ستائي سرير ۾

* 514 *

هلي پسيم هنباھ ۾ جڏهن پارس پيرُ،
مظفر مون مسڪين کي مليو فيض وارو فقير،
دائم دستگير ٿو، ڪري ماڙ مريد تي

* 515 *

سوريتيءَ کي سور پرماٽهن لاءِ مذاق،
دردن اڇي دل ۾ اندر اڏي اوطاق،
هن جا ڇڪن چاڪ، هو ڪلڻ ۾ خوش ٿيا

* 516 *

ڇري ڇري ٿا ڇئون ڇريو آهي ڪير،
جيڪو ڇريءَ ڪيو آ سير، سو نہ ڏٺو آ سپ ڪنهنين

* 517 *

چري چري تا چئو چري آهي خلق،
جيڪو چريءَ ڏٺو آ ملڪ، سو نہ ڏٺو آ سپ ڪنهنين

* 518 *

چري چري تا چئو آهي چريو سپ سنسار،
جيڪو چريءَ ڪيو ديدار، سو نہ ڪيو آ سپ ڪنهنين

* 519 *

چري چري تا چئو هيءَ در داتا وڪاڻي،
چري تي سياڻي، هاديءَ جي حضور ۾

* 520 *

چري ڪري نہ چپ ڪري ڳالھ اهائي،
اتوَ ڏڪيائي، سمجهي ڪو سٿون پڙهي

* 521 *

چري چري تا چئو چريا آهيو پاڻ،
مظفر هن مسڪين جو آهي آرياڻي اڳواڻ،
جيڪي چريءَ ڏنا وٿاڻ، سي نہ ڏنا هن سپ ڪنهين

* 522 *

چري چري تا چئو چري ناهيان آءُ،
جيڪو چري ڳڌو ناءُ، سو نہ سمجهي سيڪو

* 523 *

چري چري تا چئو ويجهو چريءَ نہ ويھ،
جيڪو چريءَ ڏٺو آ ڏيھ، سو نہ ڏٺو آ سپ ڪنهنين

* 524 *

چري چري تا چئو هيءَ چريءَ جو حال،
جيڪو چريءَ ڏنو آ خيال، سو نہ ڏنو آ سپ ڪنهنين

* 525 *

چري چري تا چئو هيءَ چري روبروءِ،
جيڪا چريءَ ڏني آجوءِ، سا نہ ڏني آ سپ ڪنهنين

* 526 *

ٻاڪاري ٻانهي هت روئي زارو زار،
چني ويا چوري ڪري پينراج پتار،
مظفر هن مسڪين کي اچي ڪو نہ قرار،
ڪيچ ڏٽي ڪوهيار، ڏوري ڏونگر ڪي ڏسان

* 527 *

ڏوري ڏونگر ڪي ڏسان وڃي پنهنجو وَرُ،
دلبر سندو دَرُ، مون نماڻيءَ نصيب ٿئي

* 528 *

ڏوري ڏونگر ڪي ڏسان درس وڃي درٻار،
پنهل ملندو پڪ سانڪيچ ڏٽي ڪوهيار،
مظفر هن مسڪين جي ستت لهندم سار،
ڏسڻ سان ڏاتار، شل ماريندو نہ مُنيءَ کي

* 529 *

ڪيان بيو ڪهڙو حال هڪ احوال هڪ،
حاصل ڪر هميشهہ خيال هڪ وصال هڪ،
احد احمد جو جمال هڪ ڪمال هڪ،
مظفر مئخاني ماڳ تي بي مثال هڪ،

* 530 *

مئخاني جي ماڳ تي ٿو ساقي ڪري سڌ،
مڙي محبتي گڏ، پيالو پيئو پرڪري

* 531 *

مئخاني جي ماڳ تي ٿو ساقي لهي سار،
وسقاهم ربهم شراب طهورا ٿو جام پياري يارُ،
ڪٿن ڪين خمار، سدا نشو نينهن جو

* 532 *

مئخاني جي ماڳ تي ٿو ساقي ڏي شراب،
پيتوسي پرڪري ويو لهي سڀ حجاب،
پڙهي برهه باب، عاشق آيا اتهين

* 533 *

هئي اجا حاجَ هن ڪا نياريءَ ۾ ڪا،
ولهيءَ جي ور ۾ نہ تہ طمعون تن جو چا،
مظفر هين من ۾ ڪا اندر منجهہ اها،
وجي رات رسيا، صبح مونکي سڌ پئي

*

534 جي تو ڪا دور مان آهيان منا مجبور مان آهيان،
ويڙهي وهمنڪيو قابو ٿيو چڪچور مان آهيان،
چني چاڪئون وئين ناتو جهوريءَ ۾جهور مان آهيان،
مظفر مونکي مليا جي ڏک، سجو ئي سور مان آهيان،

* 535 *

روئڻ ۾ناهي راضي ڪلڻ ۾ يي خوش ناهي،
منصا محبوب من تنهنجي الائي ڪهڙي اجا آهي،

* 536 *

مسجد ۽ مندر ۾ ساڳو هڪ جاڻ،
ٻيائيءَ سندا وڻ، وحدت ۾ وڍجي ويا

* 537 *

مسجد ۾ موجود ٿيو ڪرمڙهيءَ متي نظر،
تـــڏهن تو اندر، پئي پروڙ انهيءَ پنڌ جي

* 538 *

مـــسجد ۽ مڙهيءَ ۾پنهنجو آهي پاڻ،
ونحن اقرب ويجهڙو سدا توسان ساڻ،
مظفر مئخاني ۾ تون هميشہ حق جاڻ،
ڪانهي توکي ڪاڻ، وينو اتئي وچ ۾

* 539 *

مرد ٿيا ماهر مئخاني محڪم،
مظفر مشاهدي جو ڪامل ڪن تا ڪم،
ماري منصوري دم، هڻن نعرو نينهن جو

* 540 *

جيجل جوڳيئڙا ويا ماريندا مونکي،
ڪل نہ ٻئي ڪنهن کي، آهن درد منهنجي دل ۾

* 541 *

اهڙا ڪي هيا هن نذر جا نصب،
اڙ جدا جاني ڪريويم قريب،
ٿياخوش رقيب، هاٽي هن جي حال تي

* 542 *

اوڪان پنڌ پهاڙ جا هيءَ رلي متي رند،
حُبَ هوت پنهل جي ساٽا ڪيا سپ سنڌ،
پيرين آيا پنڌ، هن نذر جي نصيب ۾

* 543 *

سسئيءَ کي سُجَ ۾ آهن پنهل پچارون،
ڪالهه ويا ڪاهي هو ڪرها قطاريون،
مئي کي ماريون، ائين ويم اوچتي

* 544 *

جيڪو تون نہ ڪمائين تا سامي ڪمائن سو،
عاشق ائين الله جو ڪاٽئين ليي ڪو،
موتو قبلل انت موتو پتو سپ پيو،
مظفر محو ٿيو، مئخاني جي ماڳ تي

* 545 *

اوڪا پنڌ پهاڙ جا رلي اچي روهن،
ڏکي ٿي ڏونگر ۾ سسئي منجهہ سورن،
هاڙهي هلي هوتن، ملندس مهيسر چوي

* 546 *

سک نہ سنبري کڏهين هيءَ ساماٽي سورن،
وڏائون وچ درياهہ ۾ ڪري سوگهو صندوقن،
ترس نہ پيو تِرَ جيترو منهنجي مائٽن،
لکيو قلم ڏٽين، اصل کان ائين هيو

* 547 *

دام ويجهي دل کي قابو ڪيوَ ڪيئن،
اچي سر منهنجي چڙهيو نرمل تنهنجو نيهن،
ڏاڍا لائي ڏينهن، پرين وجي پرديس تي

* 548 *

وري سڻ ويچاريءَ جي دلبر تون دانهن،
ٿيو تڪيو تن جو آهي اوهان ڏانهن،
تنهنجو نڏر کي نانءُ، رهيو آهي روح ۾

* 549 *

درشن ڪراءِ دلربا تي عوشاقن جي عيد،
ڪٽي دلبر ديد، موهيو مشتاقن کي

* 550 *

ڏکي آهيان ڏک ۾ پري ٿيم پنھوار،
مظفر هن مسڪين جي مٿي چڙهيا باندياڻي بار،
ڪري تن ڪان ڌار، عمر آئين اوچتي

* 551 *

انا مينهن ملير ڏي ساوا تيڙم گاهہ،
مظفر هن مسڪين جو اٿم اوڏنهن اوراح،
سانگين سک ساهہ، ڏِينهَنِ پئي ڏاڍي لڳي

* 552 *

ڪڙا پجني ڪوٽ جا اٿئي اها دعا اسير،
مقصد منهنجي من جو پورو ڪندم پير،
ٿڌي اتر هير، لڳي منهن ماروئڙن جي

* 553 *

پاسي پنھوارن ڪئون ساعت ڪين سري،
قسمت قيد ڪري، آندو عمر ڪوٽ ۾

* 554 *

لڏيون تا لاحد سامي سي وڃن،
مظفر هن مسڪين کي ماريو هت مڙهين،
ساجهر سنبت تن، هتون ڪئي هلڻ جي

* 555 *

پسڻ جي پاڻ ۾ نيئي پاءَ نگاهہ،
مظفر مئخاني تي تو اهو ڪري آگاهہ،
هاديءَ حق هر جاءِ، سمايو سوير ۾

* 556 *

آيس اميدان رکي داتا تنهنجي در،
ٽي سوال، سائل جا پيرَ پورا ڪر،
مظفر هن مسڪين کي ڪيو داخل منجهہ دفتر،
نوري ڪري نظر، لاهيو غم غريب جا

* 557 *

فقر فيض درياهہ جو چٽو تون چواءِ،
من جون مدرادون پاءِ، هلي اچي هنباهہ ۾

* 558 *

فيض درياهي فقر جو آهي نيارو رنگ،
داتا بگن شاهہ ٿو دل تا لاهي زنگ،
ناميان نر نسنگ، هادي آهي هنباهہ ۾

* 559 *

هاديءَ آهي هنباهہ ۾نر هنيو نعرو،
لٿو ساري لوڪ تان اوندهہ انڌارو،
وريو فقر وارو، جيڪي هلي آيا هنباهہ ۾

* 560 *

ويو آو ڪامجي هي سر هاديءَ وَٽ،
صدقو ڪري سائينءَ تان هي سر گهوري سَٽ،
اک اهائي پٽ، جنهن سان هميشہ پسين حق کي

* 561 *

هلي آيا هنباهہ ۾ گيڙو ڪري ويس،
ريڏو رهبر جن سانتن سان کهڙي ريس،
دلين سندي ديس، آهي حڪمراني هاديءَ جي

* 562 *

هلي جن هنباهہ ۾ درسُ ڪيون ديدار،
تن ڪي طالب تن ۾ ٿي هميشہ هروار،
هر ڪنهن کي حيرت لڳي ٻڌي گر گفتار،
پنهل سندا پار، هي مون ڏٺا هنباهہ ۾

* 563 *

واري واڳ ولهيءَ تي پنهنجو ڪرم ڪن،
ساهہ منهنجو سوگهو ڪيو جيجل آهي جن،
ويڙهي شال وسن، سدا منهنجا سپرين

* 564 *

پانڌي وڃي پهچاءِ سنيها سڄڻن،
تہ اوهان جي عاشق کي ٿا ساڙيو سور وڃن،
جي سڄڻ سامهون ٿين، تہ ڏک وڃن ڏور ٿي

* 565 *

ڏک وڃن ڏور ٿي جي مون پرين پسائي پاڻ،
لهن غم غريب جا ٿي سڪان ساجن ڪاڻ،
هوندا اچن هاڻ، واري واڳ ولهي ڏي

* 566 *

هادي منهنجي حال کي تو ڄاڻي پاڻ پيو،
دلاسو دلگير کي اچي ڏاتر لڳ ڏيو،
مديون معاف ڪيو، مرشد مون مسڪين جون

* 567 *

انگل قريبن ڏانهن ڪا آندي خبر ڪري،
آهي دوست اوهان جي ڪئي چاهہ چري،
ايندين ڪڏهن وري، هن ويچاري جي وطن تي

* 568 *

هي سڀ حال هيڻيءَ ڄاڻيون تو ڄاڻي،
غور غريب آڻي، واهر تيءُ ولهيءَ جي

* 509 *

يار سدائين ياد تو وسري ڪين وجود مان،
فذڪروني فرمان سان تي ائين دل آباد،
عشق سندو امداد، اچي عاصيءَ تي ڪيو

* 570 *

معلوم آهي مرشد توکي منهنجو حال،
سائين لهه سنڀال، ته آجي عيبن کان ٿيان

* 571 *

ڪانهي سڌ ثواب جي ڏوهه اٿم ڏات،
مان غرق گناهن آهيان ڏينهن ۽ رات،
وهمن آهي وڪوڙيو فڪر ۾ فڪرات،
بخشي تنهنجي ذات، اهو اٿم آسرو

* 572 *

آديسي اهي جيڪي ڪچن نه ڪنهن سان،
دعا دوريشان، لڳئي ته لڪ تي

* 573 *

هلي نه حيلو اڳيان ڪو ويچاريءَ جو وس،
توکي پوي ترس، هن منهنجي حال تي

* 574 *

ڇڏيندو نه ڇپر ۾ اها پنهل ڏين اٿم پڪ،
جڏهن شرڪ لٿا شڪ، ته هوت مليو هن جاءِ تي

* 575 *

فڪر ڪر فقير اهو هاديءَ ڏنو ڏس،
روءِ تنين کي رَسُ، هو جي هليا حق تي

* 576 *

ڪين ڇڏيندو ڪڏهين عالم جنهن آڌار،
خالق جنهن لاءِ خلقيو سارو هي سنسار،
مير محمد مصطفيٰ سيني جو سردار،
باريءَ ڪنيا بار، اڇي سڀ امت جا

* 577 *

اوجاڳا اکين کي هت ڏورڻ ڪارڻ ڏي،
اصلي هل اتي، جاتي تنهنجي جاءِ تي

* 578 *

بيني جي پر هرڪو ڪري نہ تنهن جو ڪو،
هڪ آسرو الله ۾ ساٿي ٿيندم سو،
مالڪ مهر ڪندو، ٻيڙو ترندو ٻاجھ سان

* 579 *

هٿ ڇڏ هتڙي وڏائيءَ جو واءُ،
اتي ڪم نہ ايندو توکي دوست ياءُ،
جاتي سچ ڪندو تاءُ، هوندين اتي هيڪلو

* 580 *

مون ۾ مدايون گهڻيون عيب اٿئي اهڙا،
لڪايان ڪهڙا، آهن معلوم توکي مرشدا

* 581 *

ڏوري ڏوري نيٺ وجي پسندس پرين کي،
چوندس ڏکڙا چيٺ، سيئي منهنجا سپرين

* 582 *

هيڏي منهنجي حال جي من پوئي ڪن پچار،
آهيان گهڻو گنهگار، قرب ڪجو ڪو پنهنجو

* 583 *

سورائتي سور ڪنهن سان اوري اندر جا،
هتي ٿيس هيڪلي ماريس تنهن مذڪور،
محبت ۾محبور، آءُ انئي پهر آهيان

* 584 *

رڪيم سڀ رحمان تي هٿين لاٿم حاج،
پنهنجي ڪري ٻاجهه، اڪاريندو احسان سين

* 586 *

دل ڪي اندر اڪ يار رهتا هي،
انا الحق آواز وه آپ ڪهتا هي،
جب يہ حيات هوا ڪون جيتا ڪون مرتا هي،

* 587 *

ڪانهي ڪائي واهه سجهي نہ ٻي سيدا،
سڻي سڏ سائل جا اوڪيءَ ۾ تون آءُ،
سائين توسواءِ، وَرِ نہ جي واريان

* 588 *

سچا ڪر سولي مان بيحد آهيان بدڪار،
اٿم آسرو عربي تنهنجو هن گهڻو گنهگار،
ساڻي ٿيءَ سردار، اچي اوڪيءَ ويل ۾

* 589 *

تنهنجي ورهه وڪوڙيو جاني منهنجو جيءُ،
هاڻي ڏسي حال وڃ هيڪر منهنجو هيءُ،
آڏو اچي ٿيءُ، سڄڻ هج تون سامهون

* 590 *

اهو چڪ ناهي اهو حق آهي،
اهو هنباهہُ ناهي فيض درياهہ آهي،
مظفر ٿيوگمراهہُ، ناهي ويساهہ آهي

* 591 *

ڪلهي پائي ڪندريون هيڪيائون حال،
ڪري گيڙو ڪپڙا ڪي جي ويا ڪالهہ،
ڪيا ڪنهن خيال، لاهوتي لڏي ويا

* 592 *

لاهوتي لڏي ويا اڄ نہ مڙهين اوءِ،
نانگن سندي نينهن کي ڪو نہ لکي ڪوءِ،
ڇڏي جوڻي جوءِ، ٿيا طالب حق جا

* 593 *

رضا جيڪا رب جي سالڪ ڪر صبر،
آئي جيڪا اوڏهون تہ مڃي ڪر شڪر،
الاهي امر، آهي وس انهيءَ جي

* 594 *

هاديءَ مونکي حق جو ڏسيو رستو راهہ،
ائم مليو دل ۾ داتا بگن شاهہ،
هادي ٿيو همراهہ، سو ڪڪ نہ سهي ڪڏهين

* 595 *

روڻي وٺ وڪر اڃهو بند ٿيئہ بازار،
آهين هتي ڏينهن ٻہ چار، اٿي اور الف سان

* 596 *

چرخو چائي چاھ مان ڪتڻ واري ڪَتِ،
متان ٿيئي گھٽ، سُٽ صرافن سامھون

* 597 *

سامين سک نہ ڪڏھن ڏک انھن جو ڏاج،
ھليا اڄ ھنگلاج، سامي ستگر سامھون

* 598 *

ٻاھيون ٻاري ٻرَ ۾ دُرس ڪيون دونھان،
تڏھن ٿيا سونھان، سامي انھيءَ سير جا

* 599 *

ٻاھيون ٻاري ٻرَ ۾ وينا وجي ڏور،
مڙھين جو مذڪور، ڪڏھن ڪيائون ڪينڪي

* 600 *

پئي جھاڳي پنڌ ڪي سگھي تان نہ ڪري،
لاھيون لڪ جبل جون لھي ۽ چڙھي،
ٿي سورن منجھ سڙي، سسئي ويچاري سڄ ۾

* 601 *

مڃان ٿي منھنجو ڏيرن ڪونھي ڏوھ
سسئي ساماٽي سورن ۾ سک نہ سنبري ڪوءِ،
ھيو لکيو قلم لوح، سا قضا ٽري ڪينڪي

* 602 *

سيئي مقصد من جا پوا ڪيم پِيرَ،
آھي پر جھلو ٻگن شاھ جو فيض وارو فقير،
دائم دستگير، مدد مسڪينن ٿيو

* 603 *

سيئي مرادون من جون پلوَ ۾ پايم،
فيض واري فقير جا ڳڻ هر هر ڳايم،
سبق سمجهايم، هاديءَ ڪٽي حق جو

* 604 *

هجان هميشه ڏينهڙا سيئي ساجن ساڻ،
پرينءَ ڏاران پاڻ، پرزا ڪندس پٽ تي

* 605 *

پرين تنهنجا پون مون پورن مٿان پور،
ڦٽي فيراقن جي نينهن ڪيم ناسور،
اندر منجهه انگور، سلام وڏي وڻ ٿيا

* 606 *

سلا وڏي وڻ ٿيا جيڏيون منهنجي جان،
اهو وَڻ انهن جو چنڻ ناهي شان،
من ٿين مهمان، ڪميٽيءَ وٽ ڪڏهين

* 607 *

ڪميٽيءَ وٽ ڪڏهين جي هوت اچي هيڪر،
ته سور سٺايان سيئي جانب ڪي جيڪر،
اهي اکين مان اوتر، ٿي وجن گهٽ گهڙيءَ ۾

* 608 *

ٿي جهاڳي پنڌ جبل جو رڻ ۾ پيڙس رات،
هڪ پنهل جي ذات، روهن منجهه رلائيو

* 609 *

مرشد کان معلوم ٿيو رندي رستو راهہ،
فذکروني اذکرکم ائين کيائين آگاهہ،
مظفر مئخاني ماڳ تي وار عاشق ويساهہ،
بيشڪ بگن شاهہ روپ ۾ آيو نظر اللهؔ،
هادي هر ڪنهن جاءِ، ٿو ڏسان ساري ڏيهہ ۾

* 610 *

سخن سڻايو هاديءَ هيڪر سو وري ورجايان،
گر جي آڏو پيري ٿو گيت انا الحق ڳايان،
سڀ رنگ سائين پاڻ ڪري ٿو آءُ اصل ڪجهہ ناهيان،
چاهون چيلو ٻڻجي ٿو مان چير ٻڌي چمڪايان،
مظفر ماڳ مئخاني تي ٿو رام ايئن ريجهايان،

* 611 *

وسري نہ وجود مان سڄڻ هڪ ساعت،
اکين کي عادت، پلپل پرينءَ پسڻ جي

* 612 *

معلوم آهي مرشد توکي اندر جا احوال،
فريادون فقير جون سڻ ننگي پال،
مظفر چئي مسڪين جا هادي هي ڏس حال،
داتا بگن لال، ڪيو غور غريب تي

* 613 *

ويراڳن وحدت جو ڪيو هنباهہ ۾ هُلُ،
هاديءَ سندي حال جو اٿنگيڙو مثل گُل،
ڪٽي ساز سڪ جا لات ڪيائون بلبل،
شاهي شوق شغل، آهي داتا جي درٻار ۾

* 614 *

جوڳي ويا جوءِ تي ساڻ نہ ڪنيائون سامان،
ساري سنساسين ڪي ٿيو اندر ۾ ارمان،
هو هيڪا ندا هڪ جاءِ تي گڏ نہ ڪن گذران،
ڇڏي مڙهيون ماڳ مڪان، سامي سفر هليا

* 615 *

سڪ جنين جي ساهہ ۾ سي مون ملن شال،
تہ ويهي ساٿين وچ ۾اورينڊس احوال،
لهندا ستت سنيال، مظفر مون مسڪين جي

* 616 *

سناسي صبر ۾ جوڳي تا جالن،
پرت تا پالن، ڪري ماٺ مڙهين ۾

* 617 *

غازي ڪن گُر جون پلپل پچارون،
اٿن اور الف ڏي مهڙ مهارون،
ساهہ اندر سارون، سدا ڪن سبحان جون

* 618 *

اٿي ووڙ اندر ۾ جانب ڪي جائي،
عمر سڀ افراد تو ويهي وڃائي،
ڇڏي پچر پرائي، اٿي اور الف سان

* 619 *

اٿي اور الف سان تہ ٿيئي چڱائي،
لاهي ڪَٿُ قلب تان ڪر اندر اڄائي،
ٻوڙي ٻيائي، ڪر حرف حاصل حق جو

* 620 *

مايا ميڙيئي مال کي جو کنهن جي ڪاڻ،
مرڻ جو مظفر چوي چاتو تو نہ چاڻ،
ايندءِ اچ ساڻ، مٿان بينو موت تي

* 621 *

ڪنڌ ڪٽنديں کهڙو ڪتيءِ ڪو نہ ڪڏهين،
ائٹ آئين ڪينڪي جارون تون جڏهن،
وئين صرافن وٹ تڏهن، جڏهن بازار ئي بند تي

* 622 *

پوٽي وجھہ پوئين پهراسر جوتون اٹ،
ڪتي وٹ ڪا پائتي چرخي الائي چٹ،
ٿيئي سون برابر سُٹ، اتي سودو ڪر صراف سان

* 623 *

اکيون عجيبن لئہ سدا روز سکن،
روئن ٿيونرت ڦڙا اوتر آب اتن،
گهايل آهن گهورن جون سي پڻ سپرين،
مظفر ماٹ نہ ڪن، پسڻ ڏاران پرينءَ جي

* 624 *

اتي سرويل جو تارام ويجهائين،
مظفر مئخاني ماڳ ڏي ڪاهيون تا ڪاهين،
ٻئي ڪٽي ياڏائين، تا اوري اسم الله جو

* 625 *

چارئي مڪان چت ۾ رک شوق شريعت،
اتڻ ويهڻ اوڏهين ڪر تن طريقت،
تي محو مخفي مام سان ماڻ معرفت،
حق حقيقت، پوءِ سيو ئي تنهنجي سامهون

* 626 *

جدا ناهي جان کان سمايو منجھ ساھ،
ڏسي پسي پاڻ ٿو حاضر آ ھر جاءِ،
مظفر مئخاني ماڳ تي ٿو دائم ڏي دلجاءِ،
اصل پاڻ اللهؐ، آدم بڻجي آئيو

* 627 *

سُٽ نہ ھوندءِ ساڻ باقي ٽُرندو ڇا،
اتي پوءِ ادا، ڪنڌ ڪٽنديِن ڪھڙو

* 628 *

سودو ڪر صراف سان دير نہ لاءِ تون جھٽ،
باقي چو بازار ۾ ھر ھر گھمين ھٽ،
تارازيءَ ۾ وٽ، جڏھن پوندا ٽيندين پڏرو

* 629 *

پرين پچڻ آئيا يلا ٽيڙم ياڳ،
سيئي ڦٽ فيراق جا ويا دل تان لھي داڳ،
سدائين سياڳ، اڄ آئي عجيبن ٽيا

* 630 *

آئي عجيبن ٽيا ڪوڙين لک قرار،
مظفر مون مسڪين جي اڄي سجڻ لڌي سار،
سرس ڪري سينگار، اڱڻ منھنجي آئيا

* 631 *

اڱڻ منھنجي آئيا پري مبارڪ پير،
پرين تنھنجي پسڻ جي ھينئڙي اٿم ھير،
سنوان سيئي سير، اڄي مظفر محبوبن ڪيا

* 632 *

رائي روھ جبل ۾ کيان تي کيھون،
ٻڌي دانھون منھنجون چپرتيو چيھون،
ھن روئندي جون ريھون، من ڪوھيارل جي ڪن پون

* 633 *

سياڻا تا سڪن چرين ھينئن چيو،
حال ڏسي ھيٺن جو ريجھي يار پيو،
تنين ڪين ڪيو، جن ٻئي پاسا ٻوڙيا

* 634 *

ٻئي پاسا ٻوڙيا رکيو جن فرق،
مرشد واري مام تي انڌن آندو شڪ،
تن کي حاصل حق، ڪڏھين ٿيو ڪينڪي

* 635 *

سورن سيڪاري ساھ کي تنھان وڌ تسلات،
گڏ ڪن گذارن مون سان ڏيھان توڙي رات،
تنين سندي تات، جڏو جيءَ جياريو

* 636 *

اوڪان پنڌ پھاڙ جا ٻيو ڏکيءَ کي ڏک،
ھاڙ ھي ھليس ھيڪلي لڪ لتاڙي لک،
پاڻي ناھي پنڌ گھڻو ٻيو بيحال ڪيم بُک،
گھوريان سيئي سک، پاڻ سوڌو پنھل تان

* 637 *

قاصد قريبن جا اڄ اچي پھچايا پيغام،
اھي رک رکين تي چمان سڄڻ جا تہ سلام،
سڪ ۾ سوگھو ڪيو تو سھڻا صبح شام،
پئين ياد غلام، جو خط لکيايئون خير سان

* 638 *

جيئن جو لوڪ ڪري آءُ نہ ڪريان تئين،
الله مليو ايئن، ڪفر واري ڪار سان

* 639 *

مسجد ۾ يي مليو مندر ۾ يي الله،
جاچي ڏٺم جهان ۾ ڪري نظر نگاھہ،
اندر جوڙي جاءِ، تو دائم رهي دل ۾

* 640 *

هوندس ڪين هوند ۾ تہ فاني ٿيندو چا،
آءُ تہ اصل آهيان بيشڪ بحر بقا،
راند رچايم ڪا، اچڻ وڃڻ جي ائين

* 641 *

آيم اڄ وري سڄڻ منهنجا سپرين،
پسي منهن محبوب جو پيا نيڻن نار نري،
مظفر مون مسڪين ڏي آيو لالڻ آهي لڙي،
چوي لوڪ چري، تي هيڪاندي حبيب سان

* 642 *

آندا اڄ الله سڄڻ منهنجا سپرين،
انئي پهر انهن لئهہ مان روئڪندي نهاريم راھہ،
مظفر مون مسڪين ڪي هئي سڪ گهٽيري ساھہ،
وريو وصل جو واءُ، اڄ آئي عجيب جي

* 643 *

معلوم آهن مرشد توڪي مدايون منهنجون،
ڪوليون ڪين خطائون ڪامل تو ڪنهن جون،
مديون سيئي معاف ڪيون اچي جيلانيءَ جنهن جون،
ٿيون سٺايون سهنجون، جي در آيا داتا هلي

* 644 *

سمايو سرير ۾ سڄڻ ساھ پساھ،
سا مون صورت سامهون جاڏي ڪيان نگاھ،
مظفر مئخاني ماڳ تي مليو هاديءَ ڪان ويساھ،
رنديءَ واري راھ، هاديءَ ڏسيو مون حق جو

* 645 *

نڪو ڪفر ڪار ۾ نڪو منجھ اسلام،
نڪو من مڙهيءَ ڏي نڪو ريجهايان رام،
پنهنجو آهيان گم پاڻ ۾ صبح توڙي شام،
لنگهي حد الاحد جي اها مخفي رکيم مام،
تماشو تمام، ڪيم صورت سندي سير ۾

* 646 *

مرشد واري مام جي بازي وٺ بر حق،
صحي ڪري سڃاڻ تون تہ هادي آهي حق،
پاڻ ڏنائين پڪ، مظفر ڪي مئخان ۾

* 647 *

مونکي اچي مئخان ۾ وڌ ڏنئاين ويساھ،
خلق الادم عليٰ صورت آهي پاڻ اللهُ،
سومون سدائي سامهون هِتي هُتي هرجاءِ،
رهبر اهڙو راھ، مظفرکي ڏنو مام ۾

* 648 *

اچي ٿيندم اوڪيءَ ۾ سيد مون ساٽي،
ڪرم ڪميٽيءَ تي ڪيو هادي اچي هاٽي،
هيءَ نذر نماٽي، آهي تنهنجي آسري

* 649 *

ائين ڪيو نہ ڪنهن جيئن جو ڪيو جتن،
ماريندي معذور کي ترس نہ پيو تن،
ڪٽي خان پنهل ويا تنواري تو ڏن،
سسئيءَ سان سورن، ڪيا مظفر وڏا مامرا

* 650 *

پينر هن پنيور ڪان پليم پنهنجو پاڻ،
هاڙهي هلندي هيڪلي اديون هيءَ اڻ ڄاڻ،
مظفر مون مسڪين جا ڪڏهن وسندا هي وٿاڻ،
اجهو آري ڄاڻ، پنهل ملندو پنڌ ۾

* 651 *

ڦٽي دل فقير جي قابو ڪيئہ ڪيئن،
سورن ساڙيو ساهہ کي توکي نهہ جڳائي ايئن،
هيڏا ڪلور هينئن، مٿان ڪيئي منهنجي

* 652 *

پيشاني پرينءُ جي چنڊ چوڏهينءُ وڌ آهي،
چٽو چوڏهينءُ چنڊ ڪان اتس ڏهاڙي ڏيکاءُ،
توڙي شمس ڪري شعاع، تہ بہ مٽ ناهي محبوب جو

* 653 *

نيزي تي نروار چڙهيا سر سندن،
هو جي طالب حق جا صوفي ٿا سڏجن،
ڪسڻ جو قبول ڪيو شوق شهيدن،
مظفر موتو جام جو ڪيو سير صحي تن،
اهو راز رندن، سمجهي ڪو سنسار ۾

* 654 *

ثمر وارن جو سيڪو بي ثمرن جو تون،
ميٺي مدايون دور ڪر اڇي اپرن جون،
هادي تنهنجي هٿئون، سيئي ٿين سٺائيون

* 655 *

صورت دا ڪرڪي سانگ آپ آيا انساني اولي،
لا الھ الا الله دي برھ سنائي بانگ،
طلب رک کي تانگھ، مظفر آيا مئخان وچ

* 656 *

پاڻ ڪيائين پڌرو جڏهن هن جهان،
خلق آلادم عليٰ صورت اهو وني عنوان،
ونفخت فيھ من روحي ائين ڪري اعلان،
صورت سندو سامان، سيئي ڪيائين سر مٿي

* 657 *

جنهان مليا راھ رندي دا انهان تون ڪون پلاوي،
واقف هوئي وحدت دي وچ هوڪا هو هلاوي،
مظفر يار موجود مئخاني او اپڻا آپ وڪاوي،

* 658 *

غم انهيءَ غمزي جو ڇوڪرين ڇاڪاڻ،
ڪري قدم ڪن فيڪون تي پنهنجو آئين پاڻ،
مظفر مئخاني ماڳ تي وري وسايئي وٿاڻ،
سر تون صاف سجاڻ، جيڪو آهي تنهنجي اندر ۾

* 659 *

نوري نظر پنهنجي ڪامل تون ڪرڪا،
سٺي دانهن سيد تون ڪڻ ويچاريءَ ورڪا،
داتا تنهنجي درڪا، ٿئي منظور فرياد فقير جي

* 660 *

پسڻ آيو پاڻ کي عرش چڙي آشيان،
رکي روپ نيارو کري اولو الانسان،
هجڻ تنهنجو هِتي هُتي آهي مظفر ماڳ مڪان،
منجهه اچي مئخان، پاڻ ڪيئي پڌرو

* 661 *

پاڻ ڪيائين پڌرو سچاپي نہ سين،
ڳهلا انهيءَ ڳالهه کي ڪي سالڪ تا سمجهن،
هيءَ ڳجهارت ڳجهه جي ٿاپختا پروڙن،
ٿو ويجهو وسي ونحن، پر ڪو مام پروڙي مظفر چوي

* 662 *

مڙي ملائڪن سجدو ڪيو بينو بت ۾ ڪير هو،
ٿيو امر عزازيل کي سمجهو تنهن غير هو،
حق پاڻ هوا انهيءَ ۾ آدم جو رڳو پير هو،

* 663 *

آيس عبد اوٿ ۾ نہ تہ مٿي هيم مڪان،
مظفر مئخاني ماڳ تي هاڻي اچي ڪيم آشيان،
رکي آدم جو عنوان، ظاهر ٿيس زمين تي

* 664 *

پي پيالا پريم جا ٿيڙا مست ملنگ،
مظفر سندي مئخان تي دائم پيتائون دنگ،
رندن چڙهيا رنگ، ساقيءَ سندي سرڪ مان

* 665 *

بيک اهو بدلائي آئين ڪايا سندو ڪيئن،
ظاهر تي زمين تي آدم چوايئه ائين،
نروار ڪيئي نينهن، هت پسڻ آئين پاڻ کي

* 666 *

پسڻ آئين پاڻ کي لا ۾ لڪائي ذات،
پنهنجا رڪائي پاڻ تي نالا ۽اتون ۽ات،
اهو ٻولي پاڻ ٿو منجهه انهيءَ محلات،
اچي پيس اوقات، ڪن فيڪون جي ڪُنَ ۾

* 667 *

ساقيءَ واري سرڪ تي جوڙئون آيا جُنگ،
پي پيالا پريم جا درس پيتائون ڏُنگ،
مظفر مئخاني ماڳ تي روءِ تنين جا رنگ،
صوفيءَ سندي سُنگ، نالي نشانبر ڪيا

* 668 *

ساقي ٿو سڏ ڪري پيالو ڏي وحدت،
شوقون شراب طهورا جي ٿي عاشقن عادت،
مظفر مئخاني ماڳ تي ڪئي هاديءَ هدايت،
اها عاشق عنايت، عطا ڪيائين عشق جي

* 669 *

آئي عمر عذابن ۾ رهيو نہ سهڻ جو ست،
سورن ساڙيو ساهہ کي هت روئان ويني رت،
اچي ڏي آٿت، مظفر چوي مسڪين کي

* 670 *

رهبر آهي راضي ٿيو ڏهاڙي ڏڏّن،
مظفر چوي مهر مان تنهن هٿ رکيا هيٺن،
اهڙوآهي تن، هادي مليو هنباهہ ۾

* 671 *

دلبر ناهي دور اهو مون وٽ آهہ،
جوڙي جاني وينو جيءَ منهنجي ۾ جاءِ،
باقي ڇا جي لاءِ، ووڙيان مان وٽڪار ۾

* 672 *

سڄڻ سدائين سامهون اسان جي آهين،
پري پير مبارڪ پنهنجا تا اڇي اڳڻ گهمائين،
روئندن کي ريجهائي پاڻ سي پرچائين،
در وندن دلاسا وري تا ڏهه ڏهه پيرا ڏين،
مظفر چوي محبت وارن سان تا ناتو نڀائين،
ڪلي خوش گهائين، عاشقن جون دليون ائين

* 673 *

اڇي ابوجهن سان ساٿي ٿيو سردار،
مظفر چئي مدامي آهي مغان ٿيو مهندار،
اصل کان آڌار، هادي آهي هن جي

* 674 *

ساقي سڌ ڪري مئہ پياري جامُ،
سر ڏيڻ سٽ ۾ ڪيو عاشقن انجام،
ڪڏي ٿيا قتلام، محبت جي ميدان ۾

* 675 *

هيٺو منهنجو حال جاني ڏس جيڪر،
اڪين آب وهايو نيٽن مان نيڪر،
اڇڻ سندو آسرو هاٽي ڏي هيڪر،
هي سڄڻ توتان سِرُ، قرباني ڪري ڏيان

* 676 *

داتا دامن هٿ ۾ آءُ جا ورتي آهہ،
نظر هن ناقص تئون هاٽي ڪين هٽاءِ،
مظفر هن مسڪين کي اڇي دائم ڏيو دلجاءِ،
رهبر راز وڪاءِ، فيض درياهي فيض جو

* 677 *

سڄڻ اٿم ساهہ ۾ تنهنجي لنؤ لنؤ لڳي لوري،
مال مڏيون محبوب تان گهوري سو گهوري،
چني هيءَ چوري، ٿي ڏک جا گذاري ڏينهڙا

* 678 *

ڪري غور غريب تي گولي گڏيائون،
مظفر مون مسڪين تي اهو ڪرم ڪيائون،
سڪ مان سڏيائون، ناقص هن تہ نذر ڪي

* 679 *

آئي مند ميلاپ جي وريو وصل جو واءُ،
عيدان ڪيون اڄ منهنجي اکين ۽ ارواح،
جن ڪي ساري ساهہ، سڄڻ سي سامهون ٿيا

* 680 *

سهٽا سڪايل جي اڄ تہ اڱڻ آءُ،
موهي من محبوب تو سڪ ۾ سڪايو ساهہ،
مظفر هي مسڪين تو رويو نهاري راهہ،
انئي پهر ارواح، آهي ماندو تو محبوب لاءِ

* 681 *

آهي يار اوڏڙو عام ڏسڻ ڪئون ڏور،
وسي ٿو ويڙهي دلبر انهن دستور،
هادي حج حضور، مظفر ٿيو مشاهدو

* 682 *

گر جي ڳالهہ گر سمجهي چيلي جي چيلو،
ٻج هٽو ٻير جو هي ڪيئن ٿيو ڪيلو،
مظفر مئخاني ماڳ تي ڪر سعيو سويلو،
تہ هادي هر ويلو، پسين پنهنجو پاڻ ۾

* 683 *

ڪري غور غريب تي سائينءَ لڌي سارَ،
تورا لک هزار، لالڻ لاهي نہ سگهيان

* 684 *

طالب ڪون تلقين ڪرڪي هادي راهہ بتايا،
مظفر ماڳ مئخاني دا سانگ ڪيتوسي سعيا،
موتو قبلل انت موتو وحدت جام پلايا،
صوفي ثابت سر سيوئي اهو شاهہ بگن سمجهايا،

* 685 *

اکڙين ائين ڪيا ڪڪر ڪارو نيار،
ڳوڙها ڳلن تان ڇڻن جيئن وڏ ڦڙو وسڪار،
مند جيئن مينگهہ ملهار، اکڙين ائين آگم ڪيا

* 686 *

مل اچي محبوب تون محب منا مننار،
راتيان ڏينهان روح ۾ آهي پرين تنهنجي پچار،
ڪڏهن ملندين يار، مظفر چوي مسڪين سان

* 687 *

سگهان ڪيئن سجڻ ڏانهن پنهنجو پاڻ پلي،
اڳيان عجيبن جي هن هيٺيءَ جي نہ هلي،
سور تنهن سجڻ جا ڪنهن سان ڪينَ سلي،
پئي ٿي جوش جلي، مظفر هيءَ ملڻ لئہ

* 688 *

هادي هر دي ميڏي صاحب درس سمايا،
صورت دي وچ بن سيلاني ول ول آپ وکايا،
من خدا موجود هر مظهر اهو آڪي الايا،

* 689 *

الف رکي اندر ۾ ٻِي وائي سڀ وسارِ
عمر اها اجائي غفلت ۾ نه گذارِ
مظفر کهڙي ماڳ تي آئين نظر ڪري نهارِ
اتي ڪري اقرارِ آئين قالو بليٰ جي قول جو

* 690 *

ڱرُ ڪان سکيا گودڙيا سناسي سبقِ
مڙهين مان موٽي هليا ويل نه وينا هڪِ
چوڏهن ئي طبقِ راھ انهيءَ روشن ڪيا

* 691 *

صوفي هن سنسار ۾ جوڳي آهن جامِ
ڪي هلن ڪثرت ۾ ڪي گر ڏي هلن گامِ
ڪي جارئون جاڳن راتيون سوز ۾ صبح شامِ
انهن ڪي انعامِ هاديءَ جي هٿان مليو

* 692 *

سنيها منهنجا سڄڻ ڪي قاصد وڃي چئه
مظفر هن مسڪين جي سائين ڪاسڌ لهه
رات اچي هڪ رهه نه وڃن وڇوڙا ورهين جا

* 693 *

پرين تنهنجي پسڻ لاءِ هي واجهائن ويچارا قسم جبارا
طلب اوهان جي تن ۾ آهي پلپل يار پيارا قسم جبارا
مظفر چئي محبوب اوهان لاءِ نيڻين وهن ٽا نارا قسم جبارا

* 694 *

اکڙين آرو وجي ڏيهان کيو ڏور،
جهليون کيل جهل تي سي مڙيون نہ آخر مور،
مظفر هن مسڪين کي ٽيون ساڙن انهيءَ سور،
هاٽي پورن مٽان پور، ٽا پلپل پون پرينءَ جا

* 695 *

دلاسو دلگير کي اچي پرين پاڻ ڏيو،
دارون منهنجي هن درد جو قادر لڳ کيو،
مظفر هن مسڪين سان جي هيڪر هڪ ٽيو،
تہ عمر پر احسان اهو، تنهنجو لالڻ لاهي نہ سگهان.

* 696 *

ويسن مٽان ويس پاڻ پهري آئيو،
صورت سندا بيک، ڪلئي قادر کيا

* 697 *

سيئي جامان سِرَتي جوڙ کيائين جام،
مظفر اچي محڪم ٿيو مئخاني مدام،
کري هل هنگام، پاڻ کيائين پڏرو

* 698 *

پاڻ کيائين پڌرو صورت آدم ساڻ،
فذڪروني اذڪر ڪم ٿو وسي منجهہ وٿاڻ،
مظفر مئخاني ماڳ تي آهي اصل پاڻ،
صورت منجهہ سجاڻ، اها صورت ان جي

* 699 *

اها صورت ان جي بيرنگ جنهن جو بيک،
لِکي لَکين کروڙين آدم ۾ ڏي ڏيک،
ساڳو سِرُ سبحان جو احد عبد اَيک،
اهو کري ليکُ، پيدا کيائين پاڻ کي

* 700 *

سرس کري سينگار اڄ سامهون سڄڻ آئيا،
کلي نيڻ کنيائون جيئن بجليءَ جو چمڪار،
ٿي سرهائي ساهه کي پسي دلبر جو ديدار،
شال ۾ ٿيان ڏار، پاسي تنهن پرينءَ کئون

* 701 *

ڏنم رنگ نيارو هلي منجهه هنباهه،
وينو ورهائي فيض تو داتا بگن شاهه،
ويا ٻيا سڀ وسري جڏهن کئي نر نگاهه،
رنديءَ وارو راهه، مرشد کان معلوم ٿيو

* 702 *

گُرَ کان سواءِ گود ٿيا هلن کيئن هنگلاج،
هين اڄا حاج، سي سکيا کين ستگر کان

* 703 *

گرکي جو نہ گڏيو سامي ناهي سو،
مکارن جيان مکر کري طمع اٺايو تو،
ستگر جي صحبت ۾ ويل نہ هڪڙو ويو،
سو جوڳي کيئن ٿيو، هن فقيري حال ۾

* 704 *

ڪٽي پنهل پاڻ سان سنجهي هليا سوير،
مظفر هن مسڪين تي ويا ڏمر جي ڏير،
ڪٽي پويان پير، ويندس ڪڏ ڪيچن جي

* 705 *

ڪهڙا دليل ڪيچن جا هيءَ ويچاري واري،
روئي تي ڦڙا ٻانيڻ ٻاڪاري،
هِتِ ايي اوساري، جتڻ ڪارڻ جيڏيون

* 706 *

هن هيٺيءَ جي حال تي توکي پوي ترس،
برھ ڪئي بيوس، هيءَ نڌر تنهنجي نيهن ۾

* 707 *

ڏسي حال هيٺيءَ جو من کو پَوين رحم،
سڙي ويو انهن ۾ سور جيرو جان جسم،
پرين اچي پَرِتمَ تہ سيئي ڪم سنوان ٿيا

* 708 *

هن هيٺيءَ جي حال تي ٻاروچا ڪر ٻاجھ،
هجڻ واري حاج، وئي ويچاريءَ نکري

* 709 *

هن نِڌرجي نصيب ۾ هڪ ڏولاوا ٻيو ڏڪ،
ساعت نہ سنبري سک، هيءَ هن حياتيءَ ۾

* 710 *

مونکان رات ڪري ويو راڻو رسا مون،
سومل گڏ سمهيل هئي پيڻ پر ۾ مون،
هاٽي هيڏي اچين تون، تہ توکي ساري ڳالھ سڻائيان

* 711 *

راڻا رات رسي وئين ڪاڪ ڪري ڪاري،
سال برار ساعت هڪڙي جا توريءَ اٿم گهاري،
هاڻي مومل ٿي ماري، وڇوڙي ۾ ولها

* 712 *

دلاسو دلگير ڪي تون ڏاتر لڳ ڏئين،
مظفر هن مسڪين سان جي هيڪر هڪ ٿئين،
ڇا ڪئون يار ڇنين، ٿو موهي مشتاقن ڪي

* 713 *

هئي هئي جوين ڏينهڙا ستي ويا سيئي،
عمر سي افراد ٿي هن ويچاريءَ جي وئي،
پوءِ مون ڪل پئي، جڏهن ٿيو سودو صرافن سان

* 714 *

اهي سيئي ڏينهڙا ڇڏيم غفلت ۾ گهاري،
اتي ڪنڌ ڪٽندس ڪهڙو اهو مرم ٿو ماري،
واعدو ڇڏيم وساري، قالو بليٰ جي قول جو

* 715 *

تون تہ اهو ساڳيو آهين ڇو پڇين ٻين جو ڏس،
ٻوٿي ٻئي پس، هو واري هنڌ ڪي

* 716 *

سير سيو سبحان جو آهي اهوئي،
ظاهر باطن جلوو اندر ٻاهر اوئي،
ناهي ٻيوڪوئي، حق ٿيو هر جاءِ تي

* 717 *

تون تہ ساڳو سر آن چو چوائين غير،
آدم جي عنوان ۾ صورت سارو سير،
مظفر مئخاني ماڳ تي ناهي ٻيو ڪير،
پيد پٽائي پير، بيرنگ آيو رنگ ۾

* 718 *

اڄ اچي اوچتي ڪيوصرافن سڏ،
پاتم ڪين پاند ۾ نہ ڪا چڱائي گڏ،
هيٺو ٿيو هڏ، سٺ نہ صرافن جي سهان

* 719*

جدائي جانب جي ٿي جيءَ اندر جهوري،
اسم آري ڄام جوٿي ساهه اندر سوري،
چريءَ چت چوري، هو تہ روانا رات ٿيا

* 720 *

آيا هن عليل تي پينر باري بار،
هڪ وڇوڙي ورجي اچي پيس آزار،
مظفر هن مسڪين کي آهي پنهل جي پچار،
مونکي ملائي ڏاتار، هيڪر هوت پنهل سان

* 721 *

بيرنگ پائي بشري جا مون ڪيڏو بيک ڪيو،
احد مان عبد جي نئين نانءَ نهيو،
سو تہ سِرُ اِهو، آدم جي عنوان ٿيو،

* 722 *

هوتاڻن هلڻ جا پئي وس ڪيا وارا،
آءُ سنجهي سمهيس سيج تي ترت لٽا تارا،
نيڻن مئون نارا، اڄ ويچاريءَ وهائيا

* 723 *

پائي صورت سرتي جا مان لک هزار،
آيو ٻڌجي آدمي چڙهي تخت هزار،
اڇڻ وڃڻ ان جو آهہ سندس اختيار،
آهي مڙيو ئي يار،جاچي ڏٺم جهان ۾،

* 724 *

ڪاري رات ڪنن ۾ تري ترهي تار،
لهريون سپ لنگهي پهتي پرينءَ پار،
منهنجو تنهن ميهار، ساهہ ڪٺي سوگهو ڪيو

* 725 *

پيتم ساهڙ سرڪي ڪيم ڏم ڪي ڏور،
مونکي آهي من ۾ تنهن ميهار جو مذڪور،
آهي ات ضرور، وڃڻ مون واجب ٿيو

* 726 *

ڳولهي ڳوٺ ڳليون وڃي برن ۾ بيناس،
ڪيم اڙانگا پنڌڙا پرينءَ پوي نہ قياس،
آهي انئي پهر اداس، مظفر هت ملڻ لئہ

* 727 *

ڪامڻ ويندي ڪيچ ڏي وٺي گورن گسُ،
هاڙهي هلي هيڪلي رهبر رچ ۾ رس،
مظفر مون مسڪين ڪي ڏيندو ڏونگر ڏس،
ڪري ينيورئون بس، ويندي ڪَڍ ڪوهيارل جي

* 728 *

اديون ڙي آيا ڏاها منهنجا ڏير،
مون يانيو مهمان ٿيا پر ياسي ڏٺم پيرَ،
هو ساجهر ويا سوير، ڪٺي خان پنهل ڪي

* 729 *

ڇاجو ڏيرن ڏوهه اصل ڇري آءُ،
هلڻ هوتاڻن سان مونکي ڏنءُ نه آيم ڏانءُ،
ڇڏي ٿڏي ڇانوَ، رائي روئي رت ڦڙا

* 730 *

جڏان هنباهه وچ هادي مليا تڏان ڇاتم راهه فقر دا،
هادي مليا تي سانون رب مليا مين سگ سڏايم دردا،
مظفر بخت کليا هي ميڏا جو ڪرم بگن شاهه ڪردا،

* 731 *

منهنجي مداين جو توڪان ڪهڙو لِڪُ،
ڪول نه خطائون منهنجون تون ڍڪڻهار ڍڪ،
اٿم آسرو هڪ، اچي ساڻي ٿيندين سيدا

* 732 *

منهنجي مداين جو توکي معلوم هادي حال،
لاهيو غم غريب جا سُڻي سائل سوال،
مظفر هن مسڪين تي ڦيريو نظر في الحال،
آهين ننگي ننگ پال، ڪندين ماڙ مريد تي

* 733 *

منهنجي مداين جي آهي توکي خبر شاهه،
آندو آهي اصلي توتي هن ويچاريءَ ويساهه،
ڪرڪا نظر نگاهه، هادي اچي هن تي

* 732 *

کيم ڪشالا ڪيترا پنهل خاطر پنڌ،
هوتن سندا هنڌ، ووڙيان تي وڻڪار ۾

* 735 *

ڏکن ڏيکاري ڏني سک سنبران ڪان،
ڦٽي هن فقير کي ڏئي ويا سورن جا سامان،
اهي سندن احسان، مظفر مان ٿو ڀانئيان

* 736 *

ڏکن ڏيکاري ڏني ويهڻ وِهُ ٿيو،
اڃي عجيبن جو ڪوجو پور پيو،
روئڻ ڪان نہ رهيو، مظفر سانون مينهن جيان

* 737 *

اهو حرف الله والا هادي ڏسيا هولي،
ظاهر اپڻي ذات سڃاڻين ڀن ستين سپ ڀولي،
ونحن اقرب من وچ مظفر قالو بلا والي قولي،

* 738 *

پرين پيڇڻ آئيا وڏا وڙ ڪري،
ڪٽي قدم قرب جا وِڪان واهہ ڀري،
پيو جن لاءِ جيءُ جُهري، سي مظفر مليا مسڪين سان

* 739 *

هڪ ڏهاڙي هاديءَ ڪاجا ڳالهہ ڪئي،
ٻوڙي ڇڏ ٻيائيءَ جون ٻوٽي اکيون پئي،
سارو سير صحي، مظفر ڪر مئخان ۾

* 740 *

سٽي سڏ سائل جا داتا ڏيو دانُ،
مون تي ڪر مظفر چوي الاهي احسان،
آهين ضعيفن ضمان، اچي مدد ڪر مريد جي

* 741 *

مگٿهار مُنا گهٽا گهمين گهر،
مظفر هن مسڪين اچي پنيو داتا در،
جيلانيءَ جلوو ڪري پَينُو ڪيا پُر،
هادي منهنجو هر هر، سخا سيد تو ڪري

* 742 *

ڪي جو هتي ڪالهه هي هي هنج هئا،
ڪي اتي اڏاٽا ڪي جي موت هئا،
ولر ڪري ويا، موٽيا ڪين مظفر چوي

* 743 *

هادي تنهنجي حُسن جو ڪيڏو آهي ڪمال،
ثاني سمجهي نه سنسار ۾ تنهنجو مظفر چئي شال،
نيهي آهين ننگ پال، ڪندين نظر ڪرم جي

* 744 *

ڪرڪا نظر ڪرم جي هادي مون مٿان،
هن ڪي تو هٿان، عنايت ٿي عشق جي

* 745 *

ڪرڪا نظر ڪرم جي پيرَن جا پڳدار،
تڳون ٿُرهي تنهنجي اُڙين جا آڌار،
مسڪين مظفر عرض ٿو مغان تو مهندار،
جيلاني جلويدار، ڪندين ماڙ مريد تي

* 746 *

گُرَ ڏي هليا گودڙيا وحدت وِڪ ڪٽي،
مظفر مئخاني ماڳ جي هين طلب گهٽي،
هڪل حلاجي هٽي، الڪ تنين اثبات ڪيو

* 747 *

ڳُر ڏي هليا گودڙيا وجهي وحدت وڪ،
آديسن الڪ، اندر ۾ اثبات ڪيو

* 748 *

پرين پڇڻ آئيا منهنجا سائينءَ اڳهاير سوال،
مظفر هن مسڪين تي ڪيائون لڪ ڀلايون ڀال،
اندر جا احوال، اوريان پنهنجي عجيب سان

* 749 *

تانگهه جنين جي تن ۾ سڄڻ سي آيا،
ملي ملاقات ٿي جي سڄڻ سڪايا،
ولهيءَ جا وٿاڻ تنهن وري وسايا،
پَيرَ پرينءُ پايا، مون وٽ اڄ مظفر چوي

* 750 *

هِت پئين حيرت ۾ جي تون اڇي جيئن،
آدم جي عنوان ۾ ڪا ڏنهن آئين ڪيئن،
اوٽ اها ئي ايئن، احد مان ٿي عبد جي

* 751 *

زاريون لِڪِي زاغ مڪر محبوبن ڏي،
تہ عاشق جي اندر ۾ آهن دلبر تنهنجا داڳ،
وري واري واڳ، الله لڳ آءُ تو

* 752 *

وٽ واٽ وحدت جي متان ٿئين گمراهہ،
آيو عرب شريف ۾ هيٺن جو همراهہ،
رڙهي وٽ راهہ، محمدي مظفر چوي

* 753 *

دائم قائم دو جهان تابع تخت تاج،
سونهين مڙني مرسلين سڀني جو سرتاج،
مرسل ماڻيو معراج، عالم اڄ عيدان ڪيون

*

آيو گهوٽ عرب ۾ ٿيون عيدان عالم ڪاڻ،
اتي عرب شريف مان مشڪ عنبر سرهاڻ،
ڏسي لبن جي لالاڻ، حوران اتي حيران ٿيون

* 735 *

روز ستائي ساھ کي سهڻا تنهنجي سڪ،
وتن تا ويڳاڻا اهي تنهنجا عاشق،
سهڻا ساعت هڪ، اچي گهارانهن وٽ

* 756 *

هُلي پيو هر جاءِ تي پڌر وجهي پاڻ،
سڀ ڪنهين هنڌ سير ڪري ٿو ساجن صورت ساڻ،
ڪڏي ڪنهن جا ڪاڻ، هي جو آيو حق تي

* 757 *

ڪڏهن ڏنم ڪينڪي غير نڪي گمراھ،
آهي پاڻ الله، سمايوسنسار ۾

* 758 *

چڏي سانگ سيئي ڪر فقيري اختيار،
حاصل ڪري حق کي دم دم ڏس ديدار،
هر جاءِ هادي يار، آيو مئخاني مظفر چوي

* 759 *

چنان ڪين چنن ڳنڍيندڙ ڳنڍين،
دلاسا درد وارن کي اچي اوکيءَ ڏين،
سي ڪيئن وسارين، يارن سندي يادکي

* 760 *

شريعت ۾شامل تي طريقت تي آ،
معرفت ماڻ تون حقيقت هڪا،
ساڳي صورت سا، آهي اصل ان جي

* 761 *

اها آهي ان جي موج ۾ مستي،
ونحن اقرب اليه من حبل لوريد ويجهو آوستي،
آواز الستي، سڄ ساڻ يقين جي

* 762 *

آواز الست جو سڄ ساڻ يقين،
انا احمد بلا ميمي آيو تي امين،
ظاهر تي زمين، عرشئون آيو اُلهي

* 763 *

شرف چڙي شاهي هِت آدم تي آيو،
اچي هن عنوان ۾ تنهن پاڻ پسايو،
سمنڊ سمايو، قطري ۾ ڪيئن اچي

* 764 *

عرشئون آيو الهي سڄ بات بيان،
چڙيائين شاهي پنهنجي هيٺ مڪان،
رايي ريجهي آئيو مظفر منجه مئخان،
سير ڪارڻ سبحان، هُلي پيو هر جاءِ تي

* 765 *

هن منهنجي حال جي ناهي سپرين سڌ،
اندر ٿيو اڌ، سڪي سڪي سڄڻ لئہ

* 766 *

ٻڌي ٻاروچو شال دانهون درد وندن،
ڏيندس ڪين ڏوراپا ڪوءِ وجي ڪيچن،
ڏڪيءَ ڪي ڏڪن، اچي ورايو اوچتي

* 767 *

ههڙو هن پنيور ۾ ڪڏهن ٿيو نہ ڪلور،
روهن ۾ راڙيو ڪري وجي ٿي وهلور،
مظفر هن مسڪين کي آهي وڃڻ ذوق ضرور،
سرتيون جنهن کي سور، سا هاڙهي هلندي هيڪلي

* 768 *

ڪامل مرشد مليا سانون رهبر راهہ بتايا،
وحدت دي درياءَ وچون پيالا پر پلايا،
مظفر ماڳ مئخاني مينون هادي حق فرمايا،

* 769 *

مل اچي محبوب تہ ڪيون روح رهاڻ،
مٿان بينو موت آ اجهو آيم چاڻ،
وس نہ پنهنجو پاڻ، آءُ اوهان جي آسري

* 770 *

اچي سمايو ساهہ ۾ ڪيچ ڌٽي ڪوهيار،
ونحن اقرب ويجهڙو وٽي ناهي وار،
مظفر مدامي ٿيو دلبر جو ديدار،
پنهل سندا پار، سڀ ڪنهن صورت سامهون

* 771 *

آءُ اڳي ئي هيس پنهورئون بيزار،
پنهل جي پسڻ ڪاڻ حيلا ڪيم هزار،
وري پنهنجي ورَ لئه جاڳي پيڙو وجار،
لڳو آرياڻي جو آر، ساھ سسي صدقو ڪيان

* 772 *

پير مُغان پريت سان دلڙي ڏتاري،
مظفر مونکي ڏئي ڪا مام موچاري،
مغان مهنداري، هاديءَ ڪئي هن جي

* 773 *

صبر وارو ساءُ هتان مور مَ چڏ،
مظفر تون مات ڪري لاجي لاري لڏ،
تہ هادي توسان گڏ، آهي هميشہ هر حال ۾

* 774

نانگا نڪري هليا سپ چڏي سيها،
آيا جاڏنهن اصلي تاڏي ويا تيها،
انهن کي ايها، هئي وائي وطن ورڻ جي

* 775 *

ڪاهيون ويندس ڪيچ ڏي پنهل ڪنيون پيرُ،
مظفر مون وٽ مهمان ٿيا ڏکن ڪارڻ ڏير،
ڪل لهندم ڪير، هوت بنان هتڙي

* 776 *

صورت واري سير ۾ جُڙي ڪيائين جمال،
آيو ارادي پنهنجي خاصو رکي خيال،
مظفر مخفي مام سان بشري بيک بحال،
بي مثل مثال، اڇي پيدا پاڻ ٿيو

* 777 *

لکين نالا لوڪ ۾ تو پاڻ سڏائي،
آدم جي عنوان ۾ لک ليئا تو پائي،
سڀ ۾ پاڻ سمائي، هلي پيو هر جاءِ تي

* 778 *

هُلي پيو هر جاءِ تي صوفن سڃاتو،
سَاري سڌ انهن کي جن پيرا ڏانهن پاتو،
ڄاڻ وارن ڄاتو، حق کي هر جاءِ تي

* 779 *

هٽي نعرو حق جو بيسر ٿي تون بيھ،
ساڳو ئي سر ٿيءُ، جيڪو هئين آدم کان اڳ ۾

* 780 *

هاديءَ اها حق جي آراهه ڏيکاري،
گيان ڏئي گر چيلي کي سرت سيکاري،
سر صدق سو واري، مظفر ڪيان مغان تان

* 781 *

ڇو وئي وڌڪار کھڙو تنهنجو ڪم،
سائين توسان ساڻ آ تنهنجي جان جسم،
آهين تو اتم، پنهنجو ڏس تون پاڻ ۾

* 782 *

پکي ديس پرائو ٿي هت ويل نہ هڪڙي ويھ،
ديس ڇڏي تون پنهنجو ڏيهي آئين ڏيھ،
پڇي امن ۾ پيھ، مظفر ڏس مئخان جو

* 783 *

پاسي ناهي پاڻ کي سائين سمجھ نہ دور،
دائم رهي ٿو دل ۾ هردي هوت حضور،
مظفر ٿيو مشهور، جائي سڀ ڪنهن جاءِ تي

* 784 *

داروَن درد وندڙ جو دست آهي دلبر،
سڄڻ هجن سامهان جدا نہ ٿين جيڪر،
اکين آب وهائيا نيڻن مان نيڪر،
هوند اچن هيڪر، مظفر چوي مسڪين ڏي

* 785 *

اوچتي عجيب وئي توسان دل اڙي،
سوگهو سورن ساهہ ڪيو لائي ڏُمِ ڏڙي،
جيڪا گهاري گهوٽ گهڙِي، سا وسري ڪيئن ولهيءَ کان

* 786 *

وسري ڪيئن ولهيءَ کان سهڻا تنهنجي سڪ،
سرس ٿي آساهہ کي تيلانهن توڏي ڇڪ،
هاڻي گهڙي هڪِ ڪير غور غريب تي

* 787 *

سبق سڀ سورن جا يارو اٿم ياد،
سهڻلُ من سڻي اچي هن فقير جي فرياد،
دلبر ڪندا داد، داروَن درد وندڙ جو

* 788 *

وساري ويهي رهين تون هتي پنهنجي ذات،
آهين نہ تہ اصلي ساڳي ذات صفات،
مظفر پروڙي مام هيءَ پاءِ جيءَ اندر ٻجهات،
آءُ ٿيس اثبات، تو ٻ آهيان تڏهين

* 789 *

جي تون سڄاڻي تو ٻ آهي ڪير،
بشري بيک بناءَ جو باقي اٿئي پير،
چؤ طرف چو ڦير، آهي تماشو تنهنجو

* 790 *

مرسل ويو معراج تي رايو ٿيو ربي،
احد احمد پاڻ ۾ ٻولي ناهي ٻي،
کهڙي ڳالهه کبي، جو ميم وڌو اٿس مامري

* 791 *

سدا توکي سهڻا تو ساري منهنجو ساهه،
پَلِيو کيئن پنهنجو تو اسان کان ارواح،
توهان ڏي نہ تِر جيترو منهن سڀ مون ڏي آهہ،
ظفر مون مسڪين ڏي توکي آڻي شال الله،
پرين ڪر پرچاءُ، هن نڌر نماڻيءَ سان

* 792 *

ساعت صبر نہ اچي تنهنجي برهہ ڪيو بيحال،
سامهون سڄڻ ڪيئن چوان جو منهنجي ناهي مجال،
مظفر مون مسڪين تي من ترس پوي تو شال،
اچ تہ ڪيون احوال، سگهو منهنجا سپرين

* 793 *

عزازيل نہ ائين ڪيو جيئن ڪيو ملائڪن،
هن کي لعنت لال ڪيو هي ڪريا منجهه قدمن،
خبر پوءِ پيين، تہ سجدو هيو سر کي

* 794 *

ڪٽي پنهنجو خيال تون عاشق عرش اماڻ،
هٽي نعرو حق جو وري ساڳو سر تيءُ پاڻ،
ڪانهي توکي ڪاڻ، تون آهين اهو اصلي

* 795 *

ظاهر ڪري ذات پنهنجي وري چو تو لڪائين،
پهري لک پوشاڪان آدم بڻجي آئين،
مظفر مئخاني ماڳ تي ٿو سر سمجهائين،
ڪيئن چوان ناهين، جو مون ۾ تون موجود ٿئين

* 796 *

مٿان منهنجي آئيو هاديءَ وارو حال،
سو ٻڌايان نہ ٻين کي اوري اندر جو احوال،
وحدت منجھ وڪوڙيو خاصو منهنجو خيال،
وريو واءُ وصال، اچي انا الحق آواز ڪيو

* 797 *

هٽي ڏي همت سان انا الحق آواز،
ڪفر واري ڪار ۾ سرس وڃائج ساز،
مظفر مئخاني ماڳ تي رندن ڏٺو راز،
لن تراني ناز، ماٽيائون محو تي

* 798 *

ماٽيائون محو تي پرينءَ ۾ پيهي،
انهن عوشاقن جي ڪٺي رمزن دل ريهي،
دائم ڏٺائون ديد ۾ تنهن دلبر جي ديهي،
مظفر مطلب ماٽيو تن ونحن ۾ ويهي،
عاشقن ايهي پئي، حيرت حسن جي

* 799 *

اصل جا ڏهون آئيا هُيَن اِها هيرَ،
گيڙوءَ رتا ڪپڙا ڪيا پيوتن پيرَ،
مظفر مڙهين مان ڪندا ساجهر ويا سيرَ،
جاڏي ڪنيائون پير، امن اوڏانهين ٿيو

* 800 *

ڪڏي چڏ قلب مان اهو غير گمان،
آدم ناهين اصلي تون ساڳو آن سلطان،
مظفر مئخاني ماڳ تي هت نالي ڪيس نيشان،
سير ڪرڻ سبحان، بشري بوتي آئيو

* 801 *

ياور يتيمن جا پارت اٿئي پيرَ،
دانهون سڻي داد ڪر فيض وارا فقير،
مظفر مون مسڪين جا غم لاهيو غمگير،
اچي اوڪيءَ پيا اسير، ڇڏائيندين شاهه تون

* 802 *

ڪيئي ڪن فيڪون ۾هن رنگي تنهنجا رنگ،
هندو مومن جا وري ٿو ڊولا ڪرين ڊنگ،
دولهه نه ٿيا دنگ، تي عقل وجي اڏري

* 803 *

ڪڍي ڇڏ قلب مان تون دوئيءَ جا ڏاڳا،
پنهنجو سڃاڻ پاڻ ڪي ڪي تون سامي سياڳا،
نه سالڪ تون ساڳا، ماڻي مزا محويت جا

* 804 *

پسيم پنهنجي پير جا درس وجي ديدار،
عقل اڏامي ات ويو جت نه علم جو اختيار،
وسري ويو تنهن ويل ۾ ذڪر ۽ اذڪار،
بيشڪ بگن شاهه جو اچي عشق ٿيو اظهار،
اچي اوطاقي ٿيو هاڻي هردي هادي يار،
پيالو ڏنائين پر ڪري تنهن خاص ڪيو خمار،
ڪيم حج هزار، پسي پيشاني پِيرَ جي

* 805 *

جوڳي هن جهان ۾ نڪي نندون ڪن،
اندر ۾ اَلَڪَ ڪيو گوشي گودڙين،
مظفر جهٽ مڙهين ۾ ٿيو اچڻ آديسن،
ڏيو لاهوتن، اصل جاڏهون آئيا

* 806 *

وجان در دوست جي ڳالهيون ناهي ڪي،
تہ وجي آڏو عجيبن ڪي چوندس آءُ اهي،
منهن مقابل سي، وجن سيئي وسري

* 807 *

وڻ ويڙهيءَ جيان ويڙهيو سڄڻ منهنجو ساهہ،
سوگهو ڪيو سپرينءُ اديون ڙي ارواح،
مظفر مون مسڪين سان توکي رسڻ رواناهہ،
جي اچين لڳ اللہ، تہ عاشق جي لاءِ عيد ٿي

* 708 *

هلي هُتي هت هنباهہ ۾ هادي پسيو جن،
حرف سٽي حق جو رکيو اندر عاشقن،
کهڙي کيان تن، ڳجهہ سندي ڳالهڙي

* 809 *

ڏُکيءَ جي درد جي آهي کهڙي کهاٽي،
آهي جاري اکين مان راتو ڏينهن پاٽي،
مظفر مون مسڪين سان اچي سيد ٿيءُ ساٿي،
هي ءَ نذر نماٽي، آهي تنهنجي آسري

* 810 *

سڄڻ سدائين سامهون وٿي ناهي وار،
چٽو چئني طرفين تنهن جو شش جهت ۾ نہ شمار،
مظفر مئخاني ماڳ تي اچي ٿيو اظهار،
نکري ٿيو نروار، پرين رايي پنهنجي

* 811 *

مٿو گهريئي مگٽا شڪر ڪيان چو نہ
سون روپا سيئي تڏهن وٽياتو نہ
اهڙو قابل آيو ڪو نہ تو نِبيري جهڙو

* 812 *

جوڳي ويا جوءِ تي مڙهيون ماڳ ڇڏي،
گوندر هٿ گڏي، ماري ويا معذور ڪي

* 813 *

آيو عشق اندر ۾ پلو ٿيڙم پاڳ،
ويو سمائجي ساهه ۾ رندي رڳ رڳ راڳ،
هاٽي وحدت جو ويراڳ، ڳليءَ ڳليءَ ٿو ڳائيان

* 814 *

ڳَليءَ ڳَليءَ ٿو ڳَائيان شوقون پائي ڇير،
اندر اُلَا عشق جا آڳ اجهائي ڪير،
محبتي ميدان ۾ ٿا پڙ ۾پائن پيرُ،
صوفي ڪن ٿا سير لاحد لا مڪان جو

* 815 *

هو تہ روانا رات ٿيا ماريس تنهن مذڪور،
پَوَنِ خان پنهل جا مونکي پورن مٿان پور،
نندي لاڪون سورَ، پينر پاڳي آئيا

* 816 *

اَڏِي اچي اندر ۾ عشق جڏهن اوطاق،
ٿي مستي محڪم سر تي مٿان هن مشتاق،
ماٽهن لاءِ مذاق، سامي سڪ سنها ڪيا

* 817 *

عاشق سدائين ايرا ڪڏهن خوش نہ ٿين،
سدا سوز فيراق ۾ جليا جوش جلن،
مظفر محو مستيءَ ۾ ٿا هيناهين هلن،
ڪنهن سان ڪين سلن، ماجرا محبوب جي

* 818 *

دعا ڪريو ڙي جيڏيون مان هيڪر پسان هوت،
پوءِ پلي ماري موت، جيئري جدا نہ ٿيان

* 819 *

ڏني مون ڏور ٿئي اکين مان هي آبُ،
درشن ڏئي دلربا خاصو ڪٿُ ثواب،
ظفر مون مسڪين ڏي سڀ آهي حرف حساب،
هاٽي چڏ حجاب، محبت ۾ منهنجا پرين

* 820 *

محبت ۾ منهنجا پرين ڪيءِ سڪايئي فقير،
پيار ڏئي پنهنجو ڪري پوءِ سڪايئي سرير،
مظفر مون مسڪين کي ائين ڪيو اٿئي اسير،
نت نت وهايان نير، اوتيو پنهنجي اکين مان

* 821 *

وسيلو ولهيءَ جو ڪونہ اٿم ٻيو ڪيرُ،
داتا هن رکيءَ ڏي فضل پنهنجو ڦير،
جيڪا مداين مير، سا هادي لاهين حق جا

* 822 *

هادي لاهين حق جا هن تان حرف حساب،
عمل ڪونهي ايترو ٻيو سجهي ڪين ثواب،
مظفر هن مسڪين ڏي ڪڻ نظر تون ناياب،
نہ ٿيا فيضياب، ڪامل تنهنجي ڪرم سان

* 823 *

مون کي تو محبوب گهايو پهرئينءَ گهور،
ڪائڻ پيئڻ وهه ٿيو وٽي ڪجهه نہ مور،
ڦٽي دل فقير جي ڪئي اٿئي چڪنا چور،
مظفر هن مسڪين کان دلبر ٿيءُ نہ دور،
سڀ سٺايا سور، جيڪي سانديي رکيم ساهه ۾

* 824 *

پرين پنهنجي پرچڻ جو ڏس مونکي ڪو ڏانءُ،
ڪٽي پٽي تنهنجي پيرن جي ٿي اکين پايان آءُ،
هاٽي نرمل تنهنجو نانءُ، مان اوريان ويٺي اندر ۾

* 825 *

سڪندي سال لنگهي ويا تون هيڪر اچج هاڻ،
پرين پرچي پاڻ ۾ ڪا ڪيون روح رهاڻ،
مظفر مون مسڪين جا اچي وسائج وٿاڻ،
اها تانگهه دل جي تاڻ، ڏني تنهنجي ڏور ٿئي

* 826 *

منهنجي مداين جي اٿوَ سيئي ڳَلَ،
تہ بہ پرينءَ پاسي نہ ڪيو مونکي ڪنهن مَهلَ،
سٽي سڏ سائل، ٿيو هوت حمايتي

* 827 *

منهنجي مداين جو اٿئي پتو پيرَ،
آهن عيب الاهي ٿي نيٽن وهايان نيرَ،
سگهو اچي سيد تون ميٽ منهنجي تڪسير،
دائم دستگيرُ، تو طالب تاري تار مان

* 828 *

منهنجي مداين ۾ معلوم ٿي هي حال،
عيب الاهي اڄ ڳڻيا اٿئي آڏو سڀ احوال،
لاهيو جيءَ جنجال، مٿان هن مسڪين جي

* 829 *

نڏر هن نماڻيءَ سان تو جاڙ ڪئي جا جيئن،
ننڍي لاڪون ناتو توسان لنؤ لڳايم نينهن،
مظفر مونمسڪين تي ٿي کهڙي گذري ڪيئن،
ٿين سدورا ڏينهن، جو اچين يار اڱڻ تي

* 830 *

ناتو هن نماڻيءَ سان اچي ننگُ نِباھ،
سڪ ۾ سڪايل ڪي تون سهڻا ڪين سڪاءِ،
مظفر هن مسڪين جي توکي پرين ناهي پرواھ،
لالڻ تنهنجي لاءِ، آهيان انئي پهر اباڻڪي

* 831 *

هن سڄي سنسار تي ڪرم تنهنجو آ الله،
هينئن بہ ڪرين واھ واھ هونئن بہ ڪرين واھ واھ،

* 832 *

اچي شهر هنباھ ۾ مون هاديءَ وارو حال ڏٺو،
صورت سبحانيءَ سندو اهڙو جوت جمال ڏٺو،
هر جاءِ آيم حق نظر اونهو اتم احوال ڏٺو،
چمن ۾ چو طرف چوڌاري مان داتا بگن لعل ڏٺو،
مظفر مون مسڪين تڏهن خاصو آهي خيال ڏٺو،

* 833 *

عاشق سندي عيد ٿئي تون پرين پاڻ پساءِ،
ويني ڦالان پائيان هت لالڻ تنهنجي لاءِ،
مظفر چوي مسڪين ڪي تون سهڻا ڪين سڪاءِ،
پير مبارڪ پاءِ، اڱڻ آ سروند جي

* 834 *

اچي پيم اوچتو پرينءَ سندو پور،
جيءَ ۾ جدائيءَ جو ٿو ساڙي مونکي سور،
مظفر مون مسڪين کي تنهنجي نينهن ڪيو ناسور،
وجان ٿو وهلور، حسن تنهنجي حيران ڪيو

* 835 *

پرين ويا پرديس تي ٿيو هيٺو منهنجو حال،
جيءَ جدائيءَ جهوريو ڳاري ٿي هيءَ ڳالھ،
سڄڻ ڏني سالَ، ٿيا مظفر مون مسڪين کي

* 836 *

اچن هوند هيڪر پڪي پرين پيهي،
ته اوريان حال اندر جا وٽ تنين ويهي،
مظفر مسڪين سان ملي قرب ڪَيوَ ڪيئي،
سِرُ مال سيپئي، قربان ڪيان تنهنجي قدم تان

* 837 *

هاڙي هليس هيڪلي اچ آرياڻي آءُ،
رُليءَ جو روھ ۾ هادي ٿيءُ همراھ،
مظفر مون مسڪين تي ڪو ڪامل پوئي ڪهڪاءُ،
ڏونگر جو ڏهڪاءُ، ماري ٿو معذور کي

* 838 *

مارن ٿا معذور کي لانگها اڳيون لس،
پچان خان پنهل جا ٿي جبل توڪان ڏس،
وڏا ڪيا وس، ڪوهيارل جي ڪاڻ مون

* 839 *

سور ايڏا سر تي ويا ڏکيءَ کي ڏيئي،
هاڻي هلي هوت ڏي سَٽي سانگا سيئي،
مظفر هن مسڪين تي قضا آيم ڪيهي،
رهاڻ ڪيئن ويهي، مان ووڙيندس وڻڪار ۾

* 840 *

قادر تنهنجي قدرت قائم آ ڪڪ پن،
ماڻهو مَلڪَ جِنَ سڀ ساراهه ڪن، سبحان جي

* 841 *

لکيو لوح قلم ۾اُهو ڪيئن ٽري،
پنهل ڪٽي پاڻ سان تيڙم ڏير پري،
مظفر هن مسڪين جي تي اندر آڳ ٻري،
قادر ڪرم ڪري، هن هيٺيءَ جي حال تي

* 842 *

تون تہ ساڳو آهين سپرين ساڳو تنهنجو سيرُ،
مظفر مئخاني ماڳ تي ناهي ٻيو ڪيرُ،
پرين پائي پَيرُ، سڄڻ آيو سنسار ۾

* 843 *

آيو هلي اوڏهون لا ۾ لِڪائي لڪ،
قُل هُو اَللّٰهُ اَحدُ اَللّٰهُ تو هيءُ چوائي هِڪ،
سندس رمزان سڪ، مظفر تون مئخان ۾

* 844 *

گُرَ بنان نہ گُرُ ملي توڙي پڙهين نمازان ڪوڙين،
وچ ميدان محبت والي نينهن نشانا ڪوڙين،
مظفر مرشد تَڏان مِلسي جڏان دام دوئي دا توڙين،

* 845 *

سڪ لڳي آ ساهه کي ڪراچڻ جو احسان،
صدقو ڪريان سيئي مال مڏيون جند جان،
مظفر مون مسڪين کي اتم سورن جو سامان،
هينئڙو ڪيئہ حيران، ڦتي دل فقير جي

* 846 *

ميخان هنيون من ۾ جائي جانب يار،
اڏي ويو ان ڏينهن کان ڪونهي اصل قرار،
اوڪو آهي اندر ۾ لڳو عشق سندو آزار،
دلبر جو ديدار، ملي مظفر مون مسڪين کي

* 847 *

پرين تنهنجي پسڻ لاءِ ٿو سڪي منهنجو ساهه،
سختيون ڏاڍيون سِرتي منهنجي اڄ مٿاءُ،
سدا ساريان سپرين هيڪر هلي آءُ،
واجب وسارڻ ناهه، ماري مون مسڪين کي

* 848 *

ساجهر هل سنبري اٿي جوڳي جاڳ،
مِٽائِجُ مظفر چوي تون دوئيءَ وارو داغ،
مئخاني جي ماڳ، تون عاشق رهه اصل ٿي

* 849 *

مئخاني جي ماڳ تي تون عاشق ڪر اعلان،
آيو ٿي انسان ۾ ساڳو سر سبحان،
من راني فقد راءَ الحق مون مٿي آهي مڪان،
صورت جو سلطان، ٿو ليئا پائي لوڪ ۾

* 850 *

ابوجهن تي اصل کان نظر تنهنجي آنگاهه،
هينئن به ڪرين واهه واهه هونئن به ڪرين واهه واهه

* 851 *

قاصد چئه قريب کي توکي چريءَ جيئن چيو،
هن هيٺيءَ جي حال تي توکي ترجو ترس نه پيو،
هاٺي مظفر مون مسڪين ڏي تون لالڻ پاءِ ليئو،
دوست دلاسو ڏيو، وري ملڻ جو منهنجا پرين

* 852 *

صورت سهڻا تنهنجي آهي سيني کان سهڻي،
ماري مشتاقن کي تُنهنجِي ڪجل ريءَ کهڻي،
جاڻي پاڪ ڏٺي، اٿئي مظفر کي موهي وڌو

* 853 *

ڏينهن لنگهي ويا ڪيترا آئين تون نہ وري،
انئي پهرا اداس ٿِي هيءَ دلڙي درس چري،
هت ساعت ڪين سِري، مظفر مون مسڪين جي

* 854 *

محب ماڻا تنهنجا مونکي تا مارين،
دوست ديوانو ڪري وري دليون ڏتارين،
سورن ۾ ساڙين، تا سپرين منهنجي ساھ کي

* 855 *

آيو آھ اندر ۾ هادي خيال هڪو،
لاشڪ ڪين لِڪُو، پيو مظفر نظر مئخان ۾

* 856 *

پنهنجي رايي پاڻ ڪيائين ڏيهنِ ۾ ڏيکاءُ،
وحدت جي واديءَ ۾ آهي غازين جو گوگاھ،
مئخاني ۾ آھ، مظفر ٿيو مشاهدو

* 857 *

طالب کي مطلبوب جي آهي پروڙ پئي،
مئہ سندي مئخان ۾ ڏنم راز کُلئي،
محڪم خيال رهي، واقف ٿيءُ وصال جو

* 858 *

ميم جي مصلحات ۾ تيءُ ٻالھ انهيءَ ڳولھو،
عبد جو اولو، لاشڪ ڪيائين لِڪ ۾

* 859 *

لاشڪ لاهي آئيو عبد جو اهڃاڻ،
پرين ساڳو پاڻ، صورت سڀ سمائيو

* 860 *

هو تہ روانا رات ٿيا اهي اٺ اٺاريون،
جڏهن جاڳي سسئي ڪري زور وڏيون زاريون،
ظفر مون مسڪين کي ويا مهل تنهين ماريون،
هاٽي هنجون هاريون، سڏي پئي سڏڪا پري

* 861 *

سڏي پئي سڏڪا پريون ڪيچ ڌٽيءَ جي ڪاڻ،
مظفر مون مسڪين جو هوت ويو اٿم هاڻ،
پنهل اچي پاڻ، ڪندو ماڙ منيءَ تي

* 862 *

ڪندو ماڙ منيءَ تي اديون ايندم ڄاڻ،
مظفر مون مسڪين کي پنهل نيندم پاڻ،
وري هي وٿاڻ، وسائيندو ولهيءَ جا

* 863 *

هيڪر منهنجو حال ڪنين سڻ قريب،
جئين آهي مڇي آب سان تئين تون منهنجو طبيب،
جيئن ٿو چوئي رقيب، ٿو ڳند ڏئين انهن ڳالھ تي

* 864 *

من ڪي پون منهنجون ڪُوڪان ڪامل ڪَنِ،
سڏ ڪيو سوز مان جيلانيءَ ڪي جَنِ،
پهچي پير پلڪ ۾ ٿو ترت طالبن،
اچي ڏنا تن، داتا دان دلين جا

* 865 *

داتا دان دلين جا ڏاتر لڳ تون ڏيج،
ڪري ماڙِ مريد تي سائل سڏ سُڻيج،
مظفر مون مسڪين جا ميرا سڀ ميٽيج،
پيچ هنباهي پيچ، هٿان نعرا هنباه ۾

* 866 *

ڪوڙين سينگار ڪيترا سهٽا تو سنداءِ،
ائين عوشاقن ڪي هر هر ڪرين گهاءَ،
سوين سخيتون سِرتي ڏِنمِ لالڻ تنهنجي لاءِ،
پرين پاڻ پساءِ، اڄ مظفر ڪي منهنجا پرين

* 867 *

ڪوٺي ڪَلالن سُرڪِي پياري هڪ،
شو ٿيو نيهن جو تي اجان پيئڻ جي سڪ،
وري وڌائي وڪ، مظفر هَلُ مئخان ڏي

* 868 *

ساقيءَ هٿان سرڪي پيئڻ آهي ثواب،
پيءُ پيالو پر ڪري ڪانهي جاءِ جواب،
شوقون پيءُ شراب، سوايوساقيءَ هٿان

* 869 *

صورت سهٽا تنهنجي منور مورت ماهه،
وجهي پيچ پريت جا سوگهو ڪيئہ ساهه،
مظفر مون مسڪين ڪي دوست ڏيو دلجاءِ،
پير مبارڪ پاءِ، اگڻ آسروند جي

* 870 *

دلبر ڪٺي ديد سان هيڪر تير هنيو،
ڏُرس اهو دل مان پهريون پارپيو،
مظفر مون مسڪين کي گهرو گهاءُ ٿيو،
راضي شال رهو، اسان سان ايئن پرين

* 871 *

سمجهڻ جو سارو توکي آهي ڏانءُ،
آدم سندو نانءُ، ڪيئن ٿو آٽي وچ ۾

* 872 *

ڪيئن ٿو آٽي وچ ۾ تہ آهيان مان آدم،
مظفر مدامي ٿيو ٻيو لاهي ڇڏ وهم،
آهيان اصل اتم، رنديءَ واري ريت ۾

* 873 *

هرجاءِ هادي موجود هويا اهو آپ اشارا ڏيندا،
بيشڪ بگن شاه ويڙهي وسدا دائم دم ڌريندا،
مظفر هر مظهر دي اندر ايوين صاحب سير ڪريندا،

* 874 *

هر مظهر موجود هويا صاحب سب مين سمايا،
فذڪروني اذڪرکم دا فرمودا فرمايا،
مظفر وچ مئخاني دي احدون عبد چوايا،

* 875 *

الف آيا انساني اَولي لادا ڪَرڪَي لِڪ مِيان،
احد وچون بڻ احمد آيا هڪا صورت هڪ ميان،
مظفر هر مظهر دي اندر نانُ ڌرايس لک ميان،

* 876 *

لنگھي لاحد کان ويو متي منھنجو خيال،
طُورُ جَلايم تَجليءَ سان ڪري جوش جلال،
بي مثلي مثال، اچي مظفر ٿيو مئخان ۾

* 877 *

جيئن وڻئي ٿو تئين ڪرين آهي مرضي تنھنجي يار،
وجهي پَيچ پيريت جا چِنڻ ناهي ڪار،
مظفر مون مسڪين سان گهڙيون ڪي گڏ گهار،
سڄڻ تنھنجي سَارَ، آهي راتيان ڏينهان روح ۾

* 878 *

ايندم اتم آسرو حَالُ ڪندس مان هينئن،
سڪندي سال لنگھي ويا ڏکيا گذاريم ڏينهن،
مظفر منهن مقابل کھڙا چوان ڪيئن،
تنھنجي نِهوڙي نِيهن، مونکي آ ماري وڌو

* 879 *

پسي حُسنُ حبيب جو هينئڙو ٿيو حيران،
ياسين مزمل طٰحہٰ شاهي سندس شانُ،
سدا ٿيو سرهو تڏهن مظفر جو مئخان،
ساڳو سر سبحان، اُولِي احمد جي ٿيو

* 880 *

اڳ نہ ڏِنم ڪڏهين جَتنَ سندِي جوءِ،
جڏهن رهبر ٿيو روءِ، تہ پنهل ڏنم پاڻ ۾

* 881 *

جَتَن سَندي جُوءِ جي ڪِين هيم اڳ جاڻ،
سونهون ڪيوسِڪ ۾ ٻَاروچي جي ٻَاڻِ،
ظفر مون مسڪين سان هڪ ٿيو هو هاڻِ،
جڏهن سائين ٿيو ساڻِ، تہ وئي جُدائي جَهڻ ۾

* 882 *

گهرائيءَ مان ڳِهري اونهائيءَ ۾ اچ،
صوفي ثابت سچ، سونهون ٿيو سير جو

* 883 *

سُجَ صفائي آ سدا صوفيءَ جو سامان،
جا تي بوءِ نہ بشر جي اتي ڪري آستان،
ماڻي ملڪ بقا جو مدامي ميخان،
نامين جو نشان، ٻجهي پرهائين پنڌ تي

* 884 *

نانهن منجهان نڪري ساڳو ٿياسي سِرُ،
خلق الا آدم عليٰ صورت باطن ٿيو ظاهر،
ماڳ مئخاني مظفر، هميشہ حيات ٿيو

* 885 *

صوفيءَ سندي سير جو اُونهو آ اسرار،
خلق آلآدم عليٰ صورت باري ڪنيائين بارُ،
مظفر مئخاني ٿيو مرضيءَ جو مختيارُ،
سرس ڪري سينگار، صورت سڀ سمائيو

* 886 *

وُوڙِيان تي وَڻِڪار ۾ وِندر سندا وَڳ،
مظفر مون مسڪين ڪي سائين ڏيندم سَگهہ،
پُنهل سندا ڏَڳ، پچا ڪري پهچندي

* 887 *

عشق دا پَنڌ هي اوڳا اَويڙا ڏاڍا تَاب تِڪيرا
ڪيا ڄاڻي تون ملان قاضي ڪيا ڄاڻن وت ڪِيڙا،
مظفر مين مَاهي هڪ ٿيوسي ٿُتِ ڳيا سڀ جهيڙا،

* 888 *

آدم جي عنوان ۾ چلي آئين چال،
وڻيئي اها واھ جا ڳجھ اندر ۾ ڳالھ،
مظفر مئخاني ماڳ تي آئين خاصو رکي خيال،
اهو چئي احوال، سليئي سڀ کنهن صورتين

* 889 *

هي رستو هي راھ، هتي منهنجو هوت هو،
جت نہ ساڀيءَ جاءِ، کڻي روانا رات ٿيا

* 890 *

محبت رکي من ۾ اِسم الله تون اور،
وجي صرافن وٽ ٿيو ڏور تنهنجو زور،
سدائين پيو سورِ، سڀگو اندر سک جو

* 891 *

سامين سکيو سور مان صبر سندو ساءُ،
تسيا ڏئي تَنَ کي تِکو ڏِنائون تاءُ،
ويڙهي پنهنجي وجود ۾ رکيائون وحدت جو ويساھ،
عشق سندو آڙاھُ، تہ مظفر ٻَري من ۾

* 892 *

پنهنجو ڏس تون پاڻ کي جيءَ ۾ پائي جهات،
سانگ ٻڌايئي سير جو آهين ساڳي ذات صفات،
ٻوليون ٻولي کير تہ انهن صورت جي محلات،
تہ ۾ آ تجلات، مظفر مخفي مام جي

* 894 *

آئين هت آدم تي مخفي رکي مام،
صورت سو جامان کري کيئي هل هنگام،
مظفر سان مدام، هاڻي اچي هک ٿيو

* 894 *

سامين پنهنجي سر ۾ ڪوهو خيال ڪيو،
هر جاءِ ڏس حق ڪي هو ڏسن ڪين پيو،
مظفر مئخاني ماڳ جو تن پلپل پور پيو،
گم سڀ غير ٿيو، ميم واري مصلحات ۾

* 895 *

رام ريجهائڻوروح ۾ آهي عادت عاشقن،
سجدو صورت سرڪي روش ريت رندن،
مظفر مئخاني ماڳ جا تا سامي سيرڪرن،
گر ٻہ گڏيو تن، هن هيئاهين حال سان

* 896 *

مريد محي الدين جو تون چؤ طرف چواءِ،
ساٿي توسان سيد حامي آ هر جاءِ،
ٻنان ٻگن شاھ جي لاڳاپا سڀ لاھ،
هادي وسي هنباھ، مظفر مون مسڪين جو

* 897 *

مقدر ڪليو منهنجو جڏهن هلي ڏنم هنباھ،
وهلو گڏيو ويجهڙو باري ٻگن شاھ،
مظفر مون مسڪين جو هادي ٿيو همراھ،
طالبن تڳاءُ، ٿيو صبح شام سيدا

* 898 *

پير مغان دي هٿون جام شراب پيتوسي،
خام خيال جو خودي والا پهلي پهر سٽيوسي،
خمر خمار انهين ڏاڍا لاشڪ ڪين لٿوسي،
مظفر وچ مئخاني دي آڪر يار مليوسي،

* 899 *

ڪاپائتيءَ ڪَتي پڙ ڪيو پورو،
سنهو ڪيائين سڪ سان آهي اجان اڌورو،
ڪتيم جو ڪوڙو، سو صرافين سچ ڪيو

* 900 *

جي مومن ۾ موجود آ تہ ڪافر ۾ آ ڪير،
الانسان سري و انا سره بيک بهانو پير،
مظفر مئخاني ماڳ تي آ صوفي ءَ سندو سيرُ،
هي تان ناهي غير، آيو اولو ڪري انسان جو

* 901 *

سودو ڪري سرجو عاشق اڏيءَ تي اچ،
ڏسي شعاع شمع جو، تون پتنگ پروانا پچ،
مظفر ڪر مئخان ۾ تون ثابت سارو سچ،
رنگ رنديءَ ۾رچ، تہ ويجهو ٿئين وصال کي

* 902 *

گهيرو غازن تي ڪيو حسن سندي فوج،
عاشقن جي اوج، مظفر ڏس مئخان ۾

* 903 *

آدم جي عنوان ۾ ڪيم صورت سندو سير،
مظفر مئخاني ماڳ تي گم ٿيو سڀ غير،
پاڻ گهمائي پير، وري ويندس وطن تي

* 904 *

مرڻ منهنجو آ مئخاني ويندس ويراڳ ۾ لٽجي،
سرن ۾ پاڻ سمائي وري ايندس ائين مٽجي،

* 905 *

ويس ويراڳ ۾رلجي مئخاني ۾مرڻ منهنجو،
سرن ۾پاڻ ڏيکاري وري ٿيندو ورڻ منهنجو،

* 906 *

پڙهي سڀ پڪا ڪري پنا ڪيئي پورا،
الف ريءَ اڌورا، مڙئي مهيسر چوي

* 907 *

ساٿي ٿئي سڌ ۾ داتا ناهي ڏار،
ونحن اقرب ويجهڙو وٿي ناهي وار،
مظفر جو مهندار، حاضر آ هر جاءِ تي

* 908 *

ڪڏهن آ طالب ڪڏهن آ مطلوب،
ڪڏهن ٻانهو ٻئي جو ڪڏهن پاڻ آ معبود،
مظفر ٿيو موجود، هميشہ هر جاءِ تي

* 909 *

طالبن تڪڙ ڪئي وحدت ڏي وراڻ،
پسي پنهنجو پاڻ، مظفر ڪيائون مشاهدو

* 910 *

سهٽا تون سائل جو سڻ سائينءَ لڳ سوالُ،
دلبر ڏي ديدار پنهنجو هي ڏسي وج حال،
مظفر هن مسڪين جو جيئڻ آ جنجال،
اندر جو احوال، ڪنهن سان ويهي ڪريان

* 911 *

کنهن سان ويهي ڪريان اندر جو آزار،
سوگهو ٽيس سڪ مان سرس پسي سينگار،
عاشق ٽيو اتهين برھ سندو بيمار،
مظفر مون مسڪين کي تون دلبر ڏي ديدار،
آهيان تو آڌار، پرين ڪر تون پنهنجو

* 912 *

جنم گذاريم جن سان سي نہ سڻن سڏ،
مظفر مون مسڪين کي اچي هتي آرام نہ هڏ،
جيڪي سامي هيا گڏ، هِي ڪاپڙي ڪاڏي ويا

* 913 *

فڪر سندي ڦرهي هٿ ڪر هاڻي،
لوچي لا الھ جو تنبو چڙ تاڻي،
پوءِ صوفي سڃاڻي، هادي رهبر حق جو

* 914 *

جن جو هادي حق تن طالبن ڪونهي تئُ،
مظفر موج مهراڻ ۾ ڪُڏي ڪاهي پئُ،
پڳو پولو پئُ، حشر سندي حساب جو

* 915 *

داتا هن دکيءَ کي ڏيو دلاسو دلجاءِ،
سجهي ڪين سنسار ۾ ڪين ٻيو ڪنهن جاءِ،
فيض درياهي فيض جو فضل ڪٽي فرماءِ،
مظفر مون مسڪين سان حامي ٿيءُ هر جاءِ،
ناميا نظر نگاھ، ڪج پنهنجي ڪرم جي

* 916 *

هادي وسي هنباھ ۾ پارس منهنجو پيرُ،
قدم قائم ڪُل تي آهي اڙين جو اڪسير،
مظفر مون مسڪين جو آهي وهلو واهر وير،
فيض وارو فقير، ڪندو ماڙ مُنيءَ تي

* 917 *

هتان هاديءَ معلوم ٿيو رنديءَ وارو راز،
صوفيءَ واري سيرجو آهي نياروانداز،
سڻ الستي آواز، مظفر سندي مئخان ۾

* 918 *

ڪين ڇڏيندا ڪڏهين بندي هيءَ بيڪار،
آهيان آءَ انهن جي پٽيءَ جي پيزار،
مظفر مون مسڪين جي ستت لهندم سار،
سورن سو هزار، دردن ديرا لائيا

* 919 *

ڇڏي باب شرع جا ڪافر ٿي تون ڪاھ،
مظفر مئخاني ماڳ تي دوست ڏئي دلجاءِ،
پاڻ ۾جهاتي پاءِ، تہ سونهون ٿئين سير جو

* 920 *

روزا ۽ نمازون ايءُ پڻ چڱي چال،
هاديءَ وارو حال، ملي مخفي مام سان

* 921 *

هلت ڪر هاديءَ سان وٺي هيناهون حال،
تہ پورو ٿئي پل ۾ ستت تنهنجو سوال،
مظفر چئي مون سندو معلوم اٿن احوال،
خاصور رکي خيال، پسڻ ڪر پرينءُ جو

* 922 *

ساجهرا ٿي سسئي ڪرڪو وارو وس،
مظفر چئي مسڪين ڪي رڄ ۾رهبر رس،
ڏورڻ منجهان ڏس، پوندءِ هوت پنهل جو

* 923 *

هو روانا رات ٿيا مون ڪي نه نيائون ساڻ،
مظفر مون مسڪين جي ڪهڙي تن ڪي ڪاڻ،
ان الله مع الصابرين ڄاڻ اهوئي ڄاڻ،
سات ڏئي سرواڻ، منهنجو هاڙهي ٿيندم حمائتي

* 924 *

من ارواح جي ملڪ ۾آهيان پاڻ امام،
الف ميم مشاهدو ٻيو ڪيان ڪين ڪلام،
رنديءَ واري رمز ۾ رهج مست مدام،
هتي مظفر نام، آيئي ڪهڙي عضوي

* 925 *

آيا جي درگاهه سي موٽيا ڪين وري،
رهبر رهبري، ڪامل ڪري تن جي

* 926 *

جهڙا گل گلاب جا تهڙيون سندن مُڪِڙيون،
آهن عجيبن جون اجا وڏ اڪڙيون،
ڪاڻ شڪار چڙهيون، مظفر مون مسڪين ڏي

* 927 *

مين ويکياهي تاب تجلي برحق بگن شاهه جلووگر
هادي و مهدي مکمل فائق فياضي فيض ور

همه اوستي صوفي با صفا، بزرگ، شاعر

فقير مظفر علي مهيسر صوفي القادري (1962 _ 2017)

غير ڪڏان نظر نه آوي، مين جو هي حق ڄاتا،
هي جو حال هادي والا، سارا مين سڄاتا،
”مظفر“ وچ مئخاني دي، مين راهه اهو هي پاتا.

فقير مظفر سائين ڪي ننڍي هوندي کان ئي موسيقي ۽ تصوف واري شاعريءَ جو شوق هو. ابتدائي تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ پاڻ روحاني تبديليءَ طرف مائل ٿي، درويشن سان گڏ نچندي، صوفياڻي شاعري ڳائڻ شروع ڪيائون. جڏهن هوش ۾ آيا ته محبوب جي محبت ۾ پيرن ۾ گهنگهرو (ڇيرِ) ٻڌڻ ۽ گيڙو ويس پائڻ لڳا.

مظفر فقير درگاهه امباهه شريف، لَکي، شڪارپور جي سجاده نشين سيد بگن شاهه ولد داتا ولايت شاهه جيلاني (1911_1982ع) امباهه شريف لکي، شڪارپور جن جا مريد ٿيا ۽ دست بعيت ڪيائون. فقير مظفر سائين پنهنجي مرشدن جي خدمت ڪئي ۽ فنا في مرشد ٿي، خرقه خلافت حاصل ڪيائون. سائين مظفر فقير سنڌي، اردو ۽ سرائڪي زبان جا صوفي شاعر آهن. پاڻ پنهنجو قلمي نالو ”مظفر“ استعمال ڪيو اٿائون. پاڻ هڪ سٺا موسيقار ۽ ڳائڻا پڻ هئا. فقير مظفر سائين وحدت الوجود ۽ همه اوست جي تصورن جا پابند ۽ مبلغ هئا. جيڪي سندس شاعريءَ جا موضوع آهن. پاڻ متقي درويش ۽ صوفي بزرگ آهن.

مزار: صوفي فقير مظفر علي

ڳوٺ رفيق مهيسر، خيرپور ميرس، سنڌ

ISBN 978-969-23964-1-6